
مون ۾
تون موجود
سهيڙيندڙ
ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

# مون ۾ تون موجود

(حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٦٨ هين عرس
جي موقعي تي پڙهيل مقالا)

سهيڙيندڙ
ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
ڪراچي۔ 2012ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: مون ۾ تون موجود
سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
سال: 2012ع
ڇپيندڙ: ايليگينٽ پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

قيمت: -/200 روپيا

ملڻ جو هنڌ:
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي_ 74400، سنڌ.
فون: 021-9206073

# فهرست

پبلشر پاران ........ 5

مرتب پاران
ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ........ 7

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسانذات جي نفسياتي ڪيفيتن جي عڪاسي
ڊاڪٽر غلام علي الانا ........ 17

دَرسُ لطيفي
ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ........ 35

لطيف جي شاعريءَ ۾ روحانيت ۽ اشاريت
ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو ........ 46

حضرت شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي مقبوليت جا ڪي اسباب.
محمد اياز قريشي ........ 54

شاهه سائينءَ جي رسالي جا ٻه مکيه ڇاپا
هيرو ٺڪر (دهلي) ........ 61

ڀٽائي سائين جو ڪلام: ڪيترن ٻولين ۾ لهجا
جوهر بروهي ........ 70

شاهه جي رسالي جا ڀارت ۾ ٿيل ترجما
وِمي سدارنگاڻي ........ 76

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي روضي جي تاريخ
ذوالقرنين شاهه ........ 94

ڀارت جون سنڌي اديبائون
اندرا 'شبنم' پوناوالا ........ 110

شاہ کے رُوبرو
فہمیدہ ریاض ........ 115

شاہ لطیف کی شعری کائنات
ڈاکٹر روبینہ ترین ........ 130

شاہ عبداللطیف بھٹائی
پروفیسر ڈاکٹر سلمیٰ شاہین ........ 138

سائیں شاہ عبداللطیف بھٹائی کے ہم عصر تین پنجابی شاعر
جمیل احمد پال ........ 143

شاہ لطیف کے کلام میں سندھ اور مکران کے مشترکہ ثقافتی ورثہ کی جھلکیاں
حکیم بلوچ ........ 152

حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی اور بلتستان کے صوفی شعراء
محمد حسن حسرت ........ 164

**Shah Latif - the poet of love and peace**
By Shaikh Aziz ........ 1

**Vocal Timbres and Musical Form of Shah-jo-Rag**
Shumaila Hemani ........ 7

# پبلشر پاران

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ساليانيءَ عرس جي موقعي تي ثقافت کاتو حڪومت سنڌ جي پاران ادبي ڪانفرنس جو اهتمام گهڻي وقت کان ڪندو اچي ٿو. هونئن ته انهن ڪانفرنسن ۾ شاهه جي ڪلام جو ڪو نه ڪو هڪ سُر منتخب ڪري ان ۾ سمايل فڪر ۽ فهم کي مقالن ۽ مضمونن جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، پر 2011ع جي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ ثقافت کاتي جي وزير محترمه سسئي پليجو اعلان ڪيو هو ته موجوده دور ۾ امن، سلامتي، محبت ۽ ڀائيچاري جي سنڌ مان اٿيل آفاقي پيغام کي دنيا جي انسانن تائين رسائڻ لاءِ 268 هين عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس عالمي سطح تي ڪئي ويندي.

مٿئين مقصد جي تڪميل لاءِ ثقافت کاتي جي رفيقن جي ساٿ سان اسان 268 هين عرس جي موقعي تي اهڙي ڪانفرنس ڪوٺائڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. ان ۾ آمريڪا، ڪئنيڊا ۽ انڊيا کان علاوه پاڪستان جي سڀني صوبن سان تعلق رکندڙ علم ۽ دانش جي صاحبن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي علمي قابليتن وسيلي نه صرف شاهه لطيف کي ڀيٽا ڏني، پر موجوده دور جي انساني مسئلن، عالمي امن ۽ انساني وحدت جي لاءِ شاهه جي آفاقي پيغام جي مختلف پهلوئن تي پنهنجي بصيرت جو ڪليل اظهار ڪيو. هندستان مان آيل خاتون اسڪالر ومي سدا رنگاڻي اتي انڊيا ۾ ڇپيل شاهه جي رسالن جي ترجمن جو جيڪو وچوڙ پيش ڪيو سو بيحد اتساهيندڙ آهي، ۽ ان ذريعي سنڌ کان ٻاهر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام سان ماڻهن جي دلچسپيءَ جا ڪيترا پهلو منظر تي آيا. اهڙي طرح پاڪستان جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ عالمن ۽ دانشورن سنڌو واديءَ Indus Valley جي ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام جي جيڪا ڀيٽا پيش ڪئي، ان سان امن ۽ سلامتي جي لاءِ انسانيت جي گڏيل علمي

ورثي ۾ جمالياتي قدرن جو اهڙو تفصيل سامهون آيو جيڪو موجوده دور جي انسانن ۾ خاص ڪري نوجوانن جي لاءِ روشنيءَ جو مينار آهي.

شاهه ڀٽائي جي آفاقي پيغام جي حوالي سان سچ پچ تہ محترمہ سسئي پليجو جيڪي نتيجا ۽ اثر هن دور جي انسانن تائين پهچائڻ چاهيا پئي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي متعلق هيءَ ڀهرين بين الاقوامي ڪانفرنس انهن مقصدن جي لاءِ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکندڙ هئي. اهو سفر هتي پورو نہ ٿيو آهي، ڀٽائي جيترو وشال آهي ۽ جيترو ان جو فڪر عظيم آهي هنن پيچرن تي اهو سفر سنڌ جي ماڻهن ڪي جاري رکڻو آهي.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جيئن ان ڪانفرنس جي تياري ۽ انتظام لاءِ پنهنجون ڪوششون سرانجام ڏنيون هيون، تيئن ان ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن کي هن ڪتاب جي شڪل ۾ سهيڙي پڙهندڙن جي آڏو آندو آهي، تنهن لاءِ هيءُ جس لهڻي. مونکي اميد آهي تہ هي ڪتاب شاهه جي پيغام کي سمجهڻ ۾ سنڌ ۽ ٻاهر جي دنيا جي ماڻهن جي لاءِ بيحد وقتائتو ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

**عبدالعزيز عقيلي**

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# مرتب پاران

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه دنيا جو اهو عظيم شاعر آهي جنهن جي دنيا خاص ڪري هر سنڌي ماڻهو مداح آهي. سنڌي ماڻهو دنيا ۾ جتي به رهندو هوندو ان کي شاهه لطيف جا ڪجهه بيت ضرور ياد هوندا. نه رڳو سنڌي ڳالهائيندڙ پر بلوچي، اردو، سرائڪي، پنجابي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ به شاهه لطيف سان گهرو لڳاءُ رکن ٿا. حقيقت ۾ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سنڌس فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن تائين پهچائڻ جي سخت ضرورت آهي. جيئن اُهي شاهه لطيف جي ڪلام ۽ سنڌس پيغام کي پرکي ۽ پروڙي سگهن. هيءَ پڪ آهي ته جيترو لطيفيات تي ڪم ٿيندو ۽ سنڌس ڪلام ترجمو ٿي دنيا جي ماڻهن تائين پهچندو اوترو ئي لطيف جي آفاقي فڪر جو دائرو وڌندو ۽ سنڌس آفاقيت دنيا ۾ وڌيڪ عيان ٿيندي.

شاهه لطيف جي ڪلام ۽ فڪر تي تحقيق ۽ ان کي پرکڻ پروڙڻ جي ضرورت کي محسوس ڪندي سنڌ جي علم، ادب، تاريخ ۽ شاهه لطيف جي عاشق سائين ميران محمد شاهه جي ڪوشش ۽ اڳواٽيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڀٽ شاهه (1932ع) ۾ لطيف ادبي ڪانفرنس جي شروعات ٿي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌس ئي ڪوشش سان 1950ع ۾ ”لطيف يادگار ڪاميٽي“ جو بنياد پيو. تنهن کان پوءِ سائين جي ايم سيد ۽ عبدالستار پيرزادي صاحب جون ڪوششون به وسارڻ جهڙيون ناهن. 1951ع ۾ جي ايم سيد جي سربراهيءَ ۾ ادبي ڪانفرنسن جي ميزباني ۽ ڪارروائي هلائڻ جا فرض ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرانجام ڏنا. 1951ع کان 1967ع تائين ادبي ڪانفرنس جو انتظام به ڊاڪٽر بلوچ سنڀاليندو هو.

شاهه لطيف جي زندگي ۽ ڪلام تي مخزنن جي شروعات 1958ع ۾ ٿي. پهريائين ”لطيف يادگار ڪانفرنس“ محترم بيگم زينت عبدالله چنا

جي ايڊيٽريءَ ۾ ”يادگار لطيف“ جا ٻہ پرچا 1958ع ۽ 1959ع ۾ شايع ڪيا. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ طرفان 1959ع کان 1975ع تائين لطيف سالگره مخزن جا 15 نمبر ڇپائي پڌرا ڪيا. انهيءَ ئي دور ۾ شاهہ لطيف جي شاعراڻي عظمت، فڪر، فهم، ٻولي ۽ شاعريءَ جي خاص موضوعن ۽ رسالي جي تفصيلي مطالعي لاءِ رسالي جي سيني سُرن مان هر هڪ سُر تي هر ساليانے عرس جي موقعي تي عالمانہ بحث مباحثي خاطر مڪالما منعقد ڪيا ويا. مختلف موضوعن تي جيڪي مڪالما رکيا ويا، اُهي هيٺين عنوانن سان ڇپائي پڌرا ڪيا ويا.

1. شاهہ جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار 1967ع
2. شاهہ جي ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار 1968ع
3. شاهہ سنڌي ٻوليءَ جو معمار 1969ع

تنهن کان پوءِ مختلف سُرن تي مڪالما ٿيا ۽ اڳتي هلي سُر وار ادبي ڪانفرنسون منعقد ٿيون. انهن ۾ پيش ٿيندڙ مقالا ۽ مضمون هيٺين ترتيب سان شايع ٿيا.

1. سُر ڪلياڻ جو مطالعو 1970ع
2. سُر جمن (يمن) جو مطالعو، 1971ع
3. سُر کنڀات جو مطالعو، 1972ع
4. سُر سريراڳ جو مطالعو، 1973ع
5. سُر سامونڊيءَ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1974ع
6. سُر سهڻيءَ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1975ع
7. سُر سسئي آبريءَ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1976ع
8. سُر معذوريءَ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1977ع
9. سُر ليلا چنيسر، مرتب: حميد سنڌي، 1986ع
10. سُر ڪاموڏ، مرتب: حميد سنڌي، 1987ع
11. سُر گهاتو مرتب: حميد سنڌي، 1988ع
12. سُر ڏهر، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1989ع
13. سُر مارئي، مرتب: حميد سنڌي، 1990ع
14. سُر ڪاپائتي، مرتب: حميد سنڌي، 1991ع
15. سُر بلاول، مرتب: حميد سنڌي، 1992ع

16. سُر رامڪلي، مرتب: حميد سنڌي، 1993ع
17. سُر کاهوڙيءَ جو مطالعو مرتب: حميد سنڌي، 1994ع
18. سُر بروو جو مطالعو مرتب: حميد سنڌي، 1995ع
19. سُر ڪارايل، مرتب: حميد سنڌي، 1996ع
20. سُر سارنگ، مرتب: حميد سنڌي، 1998ع
21. سُر رپ، هڪ مطالعو مرتب: تاجو جويو 2002ع
22. سُر سورٺ، مرتب: تاجو جويو 2003ع
23. سُر مومل راڻو مرتب: تاج جويو 2004ع
24. حسينيءَ جي هاڪ، مرتب: تاج جويو 2005ع
25. ديسي سيڻ ڪجن، مرتب: تاج جويو 2005ع
26. سُر هوڪياري، مرتب: منظور احمد قناصرو 2007ع
27. سُر ڪيڏارو مرتب: منظور احمد قناصرو 2008ع
28. سُر آسا، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، 2009ع
29. سُر پرڀاتي، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، 2010ع
30. سُر پورب، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، 2011ع
31. جهڙي سونهن سندياس، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، 2012ع

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس تي ادبي ڪانفرنسن جو سلسلو 1932ع ۾ بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ 1958ع کان شروع ٿيو. سو اڄ تائين هلندو اچي. انهن ڪانفرنسن ڪرڻ لاءِ شروعات ۾ ڪيڏي محنت ڪرڻي پئي هوندي ۽ ڪهڙي نموني ماحول ناهڻو پيو هوندو. ڪهڙي نموني سنڌ جي اديبن، عالمن، محققن ۽ ساڃاهه وندن جو رُخ ڀٽ شاهه خاص ڪري ادبي ڪانفرنسن ڏانهن ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پئي هوندي، اها هڪ الڳ تاريخ آهي. ڪانفرنس جي شروعات ۽ هيل تائين اهو سلسلو جاري رکڻ به هڪ تاريخ آهي.

2008ع ۾ جيئن ئي هيءَ حڪومت اقتدار ۾ آئي تيئن ئي ثقافت کاتي جي وزارت، محترمه سسئي پليجو صاحبه کي سونپي وئي. ستت ئي ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان فرض سرانجام ڏيڻ جو ڪم مون کي سونپيو ويو. سمورين ثقافتي، علمي ۽ ادبي سرگرمين جي انتظام سان گڏوگڏ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ جو انتظام ۽ انهيءَ موقعي تي اڳئين عرس تي پڙهيل مقالن کي سهيڙي شايع ڪرڻ جو ڪم به

منهنجي حوالي ڪيو ويو. ثقافت کاتي جي وزير محترمه سسئي پليجو صاحبه شروع ۾ ئي شاهه لطيف جي 265هين عرس جي موقعي تي لطيف ادبي ڪانفرنس قومي سطح تي منعقد ڪرائڻ جو اعلان ۽ هدايتون جاري ڪيون. تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته نه رڳو پهريون ڀيرو 265هين عرس جي موقعي تي پر پوءِ به لڳاتار لطيف ڪانفرنسون قومي سطح تي بنهه ڪامياب ڪرايون ويون.

265هين عرس (2009ع) جي موقعي تي جن عالمن، اديبن ۽ محققن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ تقريرون ڪيون انهن جي ترتيب هيٺين ريت رهي:

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صدارتي تقرير
2. محترمه سسئي پليجو مهمان خاص تقرير
3. محترم شمس جعفراڻي، آجياڻي تقرير
4. فخر زمان چيئرمين اڪادمي ادبيات پاڪستان
5. جان رحيمي
6. عطا محمد عطا
7. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
8. ڊاڪٽر غلام علي الانا
9. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي
10. ڊاڪٽر فهميدا حسين
11. آغا سليم
12. ڊاڪٽر نواز علي شوق
13. حميد سنڌي
14. ڊاڪٽر تهمينا مفتي
15. پروفيسر قلندر شاهه لڪاري
16. امداد حسيني
17. سحر امداد
18. تاج جويو
19. ڊاڪٽر اسد جمال پلي
20. مريم مجيدي
21. ارباب نيڪ محمد
22. سرمد چانڊيو

23. پريتم پياسي
24. تنويز ناز
25. زيب نظاماڻي
26. ذڪر ڪتي

265هين عرس جي موقعي تي هيٺيان ڇهه ڪتاب هڪ ئي وقت شايع ڪري پڌرا ڪيا ويا:

1. شاهه جو رسالو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
2. شاهه جو رسالو مرتب: ڊاڪٽر ٽرمپ
3. سُر آسا، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي.
4. بيت نه پر آيتون، مرتب: ڊاڪٽر عزيزالرحمان ٻگهيو.
5. Aga Salam: Melodies of Shah Latif
6. Selected verses from Shah jo Risalo, Completed by: Faiz Muhammd Khan

شاهه لطيف جي 266هين عرس (2010ع) جي موقعي تي قومي سطح تي لطيف ادبي ڪانفرنس هيٺين ترتيب سان ٿي:

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صدارتي تقرير
2. محترمه سسئي پليجو صاحبه، مهمان خاص تقرير
3. شمس جعفراڻي، سيڪريٽري ڪلچر آجياڻي تقرير
4. محترم تاج حيدر
5. ڊاڪٽر غلام علي الانا
6. آغا سيلم
7. جمال شاهه (بلوچستان)
8. ڊاڪٽر طاهر تونسوي (پنجاب)
9. شڪيل احمد طاهري
10. پروفيسر جاويد چانڊيو (بهاولپور)
11. ڊاڪٽر نواز علي شوق
12. ڊاڪٽر فهميدا حسين
13. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
14. ڊاڪٽر فاطمه حسن
15. مسلم شميم

16. شمشير الحيدري
17. مظهر جميل
18. ڊاڪٽر ادل سومرو
19. گل محمد عمراڻي
20. ڊاڪٽر بشير احمد شاد
21. امداد حسيني
22. تاج جويو

عرس جي موقعي تي لطيف ايڪسيلينس سينٽر ۾ هن ادبي ڪانفرنس ۾ هيٺيان ڇهه ڪتاب هڪ ئي وقت شايع ڪري پڌرا ڪيا ويا:

1. شاهه جو رسالو (اردو) مرتب: شيخ اياز
2. شاهه جي رسالي جي سُڄاڻي، جلد پهريون، مرتب: محمد حسين "ڪاشف"
3. سُر پرڀاتي، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
4. شاهه جي شاعريءَ تي اسلامي قدر مرتب: ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي
5. آئينہ خانہ شاهه لطيف، مرتب: ڊاڪٽر طاهر تونسوي
6. Dr. Baloch Translated Life and thought: Translated by Gul Mohammad Usman of Shah Latif

شاهه لطيف جي 267هين عرس (2011ع) جي موقعي تي ڀٽ شاهه جي ايڪسيلينس سينٽر ۾ قومي سطح تي ٽيل لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ هيٺين عالمن، اديبن ۽ شخصيتن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ تقريرون ڪيون:

1. محترمہ سسئي پليجو صاحبہ، صدارتي تقرير
2. محترم علم الدين "بلو" آجياڻي تقرير
3. ڊاڪٽر غلام علي الانا
4. امجد اسلام امجد (پنجاب)
5. ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر (بلوچستان)
6. سليم راز (خيبر پختون خواه)
7. جاويد چانڊيو (بهاولپور)
8. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي
9. مسلم شميم

10. مظهر جميل
11. ڊاڪٽر فاطمہ حسن
12. ڊاڪٽر نواز علي شوق
13. تاج جويو
14. ڊاڪٽر تهمينہ مفتي
15. ڊاڪٽر عاشق حسين بداوي
16. نذير ناز
17. ۽ زيب نظاماڻي

هن موقعي تي هيٺيان ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا:

1. سُر پورب، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
2. شاهہ جي رسالي جي سڄاڻي، جلد ٻيون، مرتب: محمد حسين ڪاشف

ايڪسيلينس سينٽر ڀٽ شاهہ ۾ 2009ع، 2010ع ۽ 2011ع جون ڪانفرنسون شاندار نموني سان ٿيون. 2011ع جي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ اعلان ڪيو تہ 268هين عرس جي موقعي تي ٽيندڙ ادبي ڪانفرنس عالمي سطح تي ڪئي ويندي. حالانڪ اهڙي ڪوشش اڳ ۾ بہ ڪئي ويئي هئي، پر مختلف رڪاوٽن جي ڪري ڪاميابي حاصل نہ ٿي. نيٺ 268هين عرس جي موقعي تي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي ۽ اها ڪوشش ڪامياب ٿي، ان لاءِ محترمہ سسئي پليجو صاحبہ جون ذاتي ڪوششون شامل رهيون ۽ ثقافت کاتي جي سيڪريٽري عبدالعزيز عقيليءَ بہ گهڻي محنت ڪئي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي 268هين عرس جي موقعي تي ٿيل هن عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ هيٺين عالمن، اديبن ۽ شخصيتن مقالا پڙهيا ۽ تقريرون ڪيون:

1. محترم محمد ابراهيم جويو صدارتي تقرير
2. محترمہ سسئي پليجو صاحبہ، وزير ثقافت حڪومت سنڌ، خاص مهمان تقرير
3. عبدالعزيز عقيلي، سيڪريٽري ثقافت کاتو آجياڻي تقرير
4. امر جليل
5. ڊاڪٽر غلام علي الانا
6. هيرو ٺڪر (ڀارت)

7. فهميدا رياض
8. جميل احمد پال (پنجاب)
9. ومي سارنگاٽي (ڀارت)
10. اندرا شبنم پوناوالا (ڀارت)
11. شمائيلا (ڪئناڊا)
12. ڊاڪٽر روبينا ترين (بهاولپور)
13. پروفيسر ڊاڪٽر سلميٰ شاهين (خيبرپختونخواهه)
14. حڪيم بلوچ (بلوچستان)
15. محمد حسن حسرت (گگلت بلتستان)
16. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
17. جوهر بروهي
18. ڊاڪٽر منظور اعجاز (آمريڪا)
19. شاهه محمد مري (بلوچستان)
20. سعدالله جان برق (خيبرپختونخواهه)
21. جاويد چانڊيو (بهاولپور)
22. ڊاڪٽر فاطمه حسين
23. مريم مجيدي
24. ڊاڪٽر فهميدا حسين
25. جامي چانڊيو

هن موقعي تي هڪ ئي وقت تي هيٺيان ڇهه ڪتاب شايع ڪرائي پڌرا ڪيا ويا:

1. اديون آئون آجاڻ، مرتب: ڊاڪٽر فهميدا حسين
2. جهڙي سونهن سندياس، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
3. شاهه لطيف مدبر، مفڪر ۽ مهربان، مرتب: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
4. شاهه، سچل ۽ خليفو قاسم، مرتب: محمد حسين "ڪاشف"
5. دشتِ وجود ڪي مسافت، آغا سليم
6. Edited by: Saleem Noor Hussain, Sufism and Calasial Sindhi Poetry

هن تفصيل کي رڪارڊ تي آڻڻ جو مقصد هي آهي ته جيئن ڏسي سگهجي ته جيڪا سنڌ سجاڻن 1932ع ۽ 1958ع ۾ ڪانفرنسن ۽ مخزن

شايع ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي، ان ڪي هن دور ۾ ڪيڊمي نہ متانهين معيار تي آڻي اُن جو دائرو وڌايو ويو. هن دور ۾ نہ رڳو ڪانفرنس ملڪي ۽ 2012ع ۾ عالمي سطح تي ڪئي ويئي پر هڪ ٿي وقت شاهہ لطيف تي ڇهن ڇهن ڪتابن جو ڇپرائڻ ڪرڻ لطيفي تحقيق جي سلسلي ۾ وڏو ڪم آهي.

هي ڪتاب انهن مقالن تي مشتمل آهي جيڪي 268هين عرس جي موقعي تي ٿيل عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ عالمن، اديبن، محققن ۽ لطيف جي شارحن پڙهيا هئا. شاهہ لطيف جي فڪر جي حوالي سان تحقيق جي سلسلي ۾ هنن مقالن ۾ ڪيترين ئي اهڙين حقيقتن آهن جيڪي اسان لاءِ نيون آهن. سنڌ کان سواءِ ملڪ جي ٻين صوبن بلوچستان، خيبرپختونخواهہ، پنجاب ۽ گلگت بلتستان ۾ شاهہ لطيف جي پيغام کي ڪيئن پروڙين، پرکن ۽ سمجهن ٿا ۽ ملڪ کان ٻاهر دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ شاهہ لطيف جو ڪهڙو اثر آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام، فڪر ۽ پيغام کي عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ بہ هيءَ هڪ تمام سُٺي ڪوشش آهي.

شاهہ لطيف سنڌ ساڻيهہ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. هو ڪلاسيڪل شاعر هوندي، سنڌي شاعريءَ جي جديد روايتن ۽ راهن جو علمبردار ۽ سونهون آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ پونا ٽي سؤ سال گذرڻ باوجود اڄ بہ اسان جيترو کيس سمجهيو آهي اهو بنهہ گهٽ آهي. سندس شاعريءَ جي فڪر ۽ فلسفي جي ڪٿ ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. شاهہ جي شاعريءَ جي معنويت کي سمجهڻ سمنڊ سوجهڻ برابر آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي صديون گهرجن. تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ سمايل فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ ۽ سندس پيغام کي ڦهلائڻ جي سخت ضرورت آهي. هي ڪانفرنسون ۽ ان موقعي تي پڙهيل مقالن کي ڇپائڻ بہ ان سلسلي جي ڪوشش آهي.

انهيءَ سموري ڪم جي لاءِ ثقافت جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ جي رهنمائي ۽ مڪمل تعاون رهيو آهي. نہ تہ شايد ايڏو وڏو ڪم نہ ٿي سگهي ها. ان لاءِ آئون سندس بيحد ٿورائتو آهيان. 2009ع ۽ 2010ع جي ڪانفرنسن ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ اڳوڻي سيڪريٽري ثقافت شمس جعفراڻي جس لهڻي جنهن تمام گهڻي دلچسپي ورتي. اهڙي ريت 268هين عرس جي موقعي تي ڪتابن جي اشاعت ۽ عالمي ڪانفرنس جي سلسلي ۾

محترم عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ڪلچر جا بہ وڏا وڙ جنهن نہ رڳو ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ لاءِ ذاتي طرح دلچسپي ورتي پر اشاعت جي سلسلي ۾ بہ رهنمائي ڪئي.

آخر ۾ گذارش آهي تہ جيڪڏهن شاهہ لطيف جي ڪلام جا محقق، شارح ۽ پڙهندڙ هن سلسلي ۾ نيڪ صلاحون ڏيندا تہ اسان جي لاءِ وڏيڪ رهنمائي ٿيندي.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
ڪراچي
25 اپريل 2012ع

# شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسانذات جي نفسياتي ڪيفيتن جي عڪاسي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

(1) علم نفسيات جي ماهرن، انسانذات جي فطرت ۽ نفسياتي ڪيفيتن جو اڀياس ڪندي وڏا وڏا علمي انڪشاف ڪيا آهن. انهن ماهرن جي نظر ۾ انساني فطرت ۽ انسان ذات جي نفسياتي ڪيفيتن جو مطالعو 'نيورو سائنس' جي اصولن تي آڌاريل آهي. اڄڪلهه مغربي دنيا ۾ هن موضوع جي حوالي سان، شاعرن جي ڪلام ۽ نثر نويسن جي علمي ۽ ادبي تحريرن تي وڏي تحقيق ٿي آهي ۽ باقاعدگيءَ سان مسلسل ٿي رهي آهي. انهن ماهرن جي نظر ۾ انساني فطرت ۽ انسان ذات جي نفسياتي ڪيفيتن جو واسطو دل ۽ دماغ مان اُڀرندڙ اُمنگن، احساسن ۽ جذبات سان ٿئي آهي. انساني فطرت جي اهڙين ڪيفيتن ۾ 'پيار' واري ڪيفيت بين سيني ڪيفيتن کان اهم ۽ اُتم ڪيفيت آهي. انهن ماهرن جي راءِ ۾، پيار وري ڏک، سُور، درد، رنج و الم غم ۽ خوشي، سڪ، سوز، تڙپ، طلب، لُڇڻ، ڦٿڪڻ، يعني آچ لوچ، ڪنبڻ، ڪِنجڻ، آس نراس، اُمنگ، آتت، جوش، جذبي آهن ۽ دانهن، آزيءَ نيزاريءَ، ميڙ، منت، وصل ۽ وڇوڙي ۽ انتظار ۽ اوسيئڙي وغيره جهڙين مزيد ڪيفيتن ۽ جبلتن کي جنم ڏنو آهي.

2. (الف) سيني صوفي درويشن، ساڌن ۽ سنتن، پنهنجي ڪلام ۾ عاشقن ۽ طالبن جي انهن ۽ اهڙين بين سيني نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن جو اظهار، عورت جي روپ ۾، ۽ عورت جي زباني ڪرايو آهي.

(ب) سنڌو ماٿر توڙي ننڍي کنڊ جي سيني رومانوي شاعرن، عورت کي طالب جي روپ ۾ پيش ڪري ان کان انهن ۽ اهڙين بين سيني ڪيفيتن جو

اظهار ڪرايو آهي.

دنيا جي عظيم شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ته ماڻهن جي ڏار ڏار ڏنڌن ۽ ڪرتن ۾ ڪم ايندڙ ڪن لفظن ۽ اصطلاحن کي به تمثيل، علامت يا استعاري طور ڪم آڻي، انهن لفظن ۽ اصطلاحن جي مدد سان انهن ڪيفيتن جو اظهار ڪيو آهي.

(ت) (1) هيءَ ڳالهه به ڌيان جوڳي آهي ته لطيف سائينءَ پنهنجو ڪلام، ڪنهن هڪ هنڌ يا ڪنهن جاءِ يا ڪنهن هڪ ڳوٺ ۾ ويهي يا ڪنهن مشاعري جي محفل ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪو نه چيو هو. پر هن بزرگ، پنهنجي زماني جي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ۽ سنڌ جي پاڙي وارين رياستن يا سنڌ کان ڪجهه مفاصلي وارن علائقن جي واهڻن وسين، اُتي جي جر جهنگ جو سير سفر ڪري، پنهنجين ظاهري اکين سان اُنهن خطن جي تاريخ، اُتي جي ثقافت، اُنهن خطن جي سياسي، سماجي ۽ جاگرافيائي حالتن توڙي اُنهن خطن جي ماڻهن جي نفسيات جو مطالعو ڪري، انهن جو نقشو پنهنجي ڪلام ۾ چٽيو آهي.

(2) لطيف سائينءَ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾، سنڌ کان ٻاهر، هڪ طرف ڀارت جي ان زماني وارين رياستن جهڙوڪ: ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي مانا و ادر، راڄڪوٽ، هالار ۽ جهوناڳڙهه وغيره کان سواءِ ڀارت جي ئي راجستان جي ميواڙ مار واڙ جوڌپور ۽ جيسلمير وغيره رياستن جا سير سفر ڪري، انهن رياستن ۾ ڪن ماڻهن وٽ راتين جون راتيون ٽڪي، اُتي رهندڙ سُگهڙن، سالڪن، سياڻن، ساڌن، سنتن، سناسين ۽ جوڳين سان روح رهاڻيون ۽ قرب واريون ڪچهريون ڪيون ۽ پوءِ انهن جوڳين ۽ سناسين سان گڏجي گرنار ۽ دوارڪا ۾ موجود تيرٿن ۽ آستانن جي ياترا ڪئي ۽ پوءِ اُنهن ئي جوڳين ۽ سناسين سان گڏجي بلوچستان ۾ 'هنگلاج' ۽ 'ناني ديويءَ' جي تيرٿن جي ياترائن لاءِ به ويو ۽ اُنهن آستانن جي ڀيٽا جو ذڪر پنهنجي رسالي جي سُر رامڪليءَ سُر ڪاهوڙيءَ سُر پورب ۽ ٻين سرن ۾ ڪيو اٿس.

(3) لطيف سائينءَ، بلوچستان ئي ۾ لسٻيلي، ڪيچ مڪران توڙي ٻين پراڻين رياستن جا به سفر ڪيا جن جو ذڪر پاڻ پنهنجي رسالي جي سُر سسئي آبري، سُر ديسي ۽ سُر پرڀاتيءَ کان سواءِ ٻين سُرن ۾ ڪيو اٿس. مثال طور اهوٽي رياست لس ٻيلي جو ذڪر ڪندي، ان جي تاريخ، ان قديم رياست

جي هڪ وڏي سخي حاڪم، ’ڄام سپڙ‘ جي سخاوت جو ذڪر، پنهنجي رسالي جي سُر پرڀاتيءَ ۾ وڏي شان ۽ مان سان ڪيو اٿس. مثال طور ’ڄام سپڙ‘ جي سخاوت جو ذڪر ڪندي سُر پرڀاتيءَ ۾ فرمايو اٿس تہ:

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٺي، ٻُجهان ٻاجهہ ٿِئي،
سپڙ جا سُئي، جيڪا چارڻ چت ۾.

يا وري ساڳئي سُر جي هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو:

پيو ليٽين لُٽ، سچيون راتيون سُمهين،
اُٿي آڏيءَ نہ ڪرئين سپڙ ساڻ سَهَٽ،
رُونجهي رات اُپٽيا، پيٽنُيون پاٽيٽ،
ميڙي ٽِٽان مٽ، چونڊي پريا چارٽين.

پنهنجن انهن سيني سُرن ۾ لطيف سائينءَ اُنهن خطن جي سياسي، سماجي، ثقافتي توڙي ٻين حالتن جو دل جي گهراين ۽ توجهہ سان مطالعو ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ اُنهن خطن جي عام ماڻهن جي نفسياتي سوچ ۽ فطرت جو مطالعو بہ ڪيو. اهوئي سبب آهي جو لطيف سائينءَ جي ڪلام ڪي سنڌو ماٿر جي عام ماڻهن جي ’فطرت جو اپياس‘ سڏڻ ۾ ڪو بہ وڏاءُ ڪو نہ ٿيندو. سندس رسالي جي هر سُر ۾، انسان ذات جي نفسياتي فطرت ۽ ڪيفيتن جو اپياس، مختلف روپن ۾، علامتن، تمثيلن ۽ استعارن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

(3) (الف) ڀارت جي اڳواٽي علائقي ڪاٺياواڙ جو سفر ڪندي، ساهہ سائين، ’هالار‘ رياست بہ ويو جتي ڪُنڀاتين جي ڏنڏي ۾ ڪم ايندڙ اهم اصطلاح جهڙوڪ: ’رڇي ريٽو ٽيڻ‘، ’ڪُنڀ‘ ۽ ’ڪارڻ‘ جي ٻڌڻ ڪان پوءِ، انهن لفظن ۽ اصطلاحن کي انساني فطرت جي هڪ روپ ڪي سمجهڻ لاءِ، پنهنجي رسالي جي ’سُر مومل راڻو‘ جي هڪ بيت ۾ علامت طور بيان ڪيائين. مثال طور فرمايائين تہ:

رَڇي جي ريٽو ٿيا، ڪينَ اُباٽجن اوءِ،
ڪُنڀ نہ ڪاري تنهن ڪي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوبي ڏوءِ، تہ لالائي تنهين نہ لهي.

سنڌ جي ماڻهن کي اها خبر آهي تہ ’ڪُنڀ‘ ڇا آهي، يا ڪُنڀ لفظ ڪهڙيءَ ڪرت طرف نشاندهي ٿو ڪري، يا ڪُنڀ واريءَ ڪرت ڪندڙ ماڻهوءَ کي ڇا

ڇڏيو آهي؟ اهڙيءَ طرح ’رچي ريتو ٽيڻ‘، توڙي ’ڪارڻ‘ اصطلاحن جي ڪم آڻڻ مان لطيف سائينءَ جي مراد ڪهڙي هئي؟ ساڳئي وقت هن بيت ۾ هڪ ٻيو اهم لفظ آهي ’هالاري‘. هت اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ’هالاري‘ لفظ لاءِ سنڌ ۾ عام طور ايئن سمجهيو ويندو آهي ته لطيف سرڪار هن بيت ۾ ’هالار‘ لفظ سنڌ جي پراڻي شهر ’هالا‘ لاءِ ئي ڪم آندو آهي ڇاڪاڻ ته هالا جو شهر قديم زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ٻين گهريلو هنرن کان سواءِ ’ڇُر‘ جي هنر جو به مرڪز رهيو آهي، پر حقيقت ۾ ايئن سمجهڻ صحيح نه آهي. لطيف اهو اشارو ڪاٺياواڙ جي پراڻي رياست ’هالار‘ طرف ڪيو. هالار جو شهر جيڪو به ڇر جي ڪم ۾ ڀارت ۾ اڄ به شهرت رکي ٿو. ڪاٺياواڙ علائقي جي رياستن جو سير سفر ڪندي، لطيف سائين ’هالار‘ به ويو هو جتي ڪهنياٽين کي ڪپڙو رڱيندي ڏٺو هئائين. هالار رياست ۾، هلار نالي جبل به مشهور آهي. ’هالاري‘ اصطلاح، ’هالار‘ لفظ جي صفتي صورت طور، لطيف سائينءَ پنهنجي رسالي ۾ ڪم آندو آهي. ’هالار شهر جو ڇُريل ڪپڙو‘ هالار جا ڪتي، ڪپڙي کي ڪُنيءَ ۾ وجهي اهڙو ته پڪو رنگ ڏيندا هئا جو ڪپڙو پراڻو ٿي ڦاٽين وڃڻ واريءَ ۽ ڇيهون ڇيهون ٿي وڃڻ جي باوجود ان جي رنگ جي ڦٽڻ جو ڪو امڪان ئي ڪو نه هوندو. لطيف سائينءَ هالاري لفظ، تمثيل طور ڪم آڻي هن موضوع جي باري ۾ علمي، ادبي، ثقافتي تاريخ جي مطالعي ۽ تحقيق لاءِ هڪ اهم باب لکي ڇڏيو جنهن جو اڃا تائين ڪنهن به نقاد صحيح مطالعو ڪيو ئي نه آهي.

(ب) اهڙيءَ طرح راجستان جي سير ۽ سفر دوران، لطيف سائينءَ ان زماني جي رياستن، جيسلمير، ميواڙ، مارواڙ ۽ جوڌپور جا سير سفر ڪيا. جيسليمر جي سفر دوران، لطيف سائينءَ کي جيسلمير جي تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن توڙي مڪانن ۽ اُهڃاڻن کان سواءِ، جيلسمير جي زائفائن جي نفسياتي فطرت جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ حاصل ٿي هئي جنهن جو ذڪر هن بزرگ پنهنجي ڪلام ۾ به ڪيو آهي. مثال طور جيلسمير جي زائفائن جي فطرت ۽ نفسياتي ڪيفيتن جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي لطيف سائينءَ جيسلمير رياست جي ثقافت تاريخ جو هڪ اهم بابت قلمبند ڪري ڇڏيو آهي. اُن سلسلي ۾ هن اُتي جي رومانوي ۽ تاريخي ڪردارن کان سواءِ، جيسلمير جي رائفائن جي سيرت جو عڪس هڪ ڳجهارت طور محققن ۽ ثقافتي تاريخ جي ماهرن جي سوچڻ لاءِ بيان ڪري ڇڏيو آهي. اهو شايد

انھيءَ لاءِ ڪري ويا تہ سندن ڪلام جو مطالعو ڪندڙ نقاد ۽ مبصر، سندن هنن بيتن کي سامهون رکي، جيسلمير جي ثقافت جي تاريخ جي روشنيءَ ۾ ان رياست جي نيڪ سيرت نياڻين جي ڪردار جي باري ۾ سوچ ويچار ڪن پر منهنجي نظر ۾، لطيف سائينءَ جي رسالي جو اهو اهم باب بہ اجا اڻڇوتو پيو اهي. انھيءَ موضوع تي لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ:

تن جيلسمير جس، جيڪي ل الله ڪارڻ لَنديون،
لالائي لطيف چئي، ڪا نہ رهين ڪسُ
هت بہ رهين رسُ، هُت بہ گڏيون هوت کي.

ساڳئي موضوع جي باري ۾ هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائين ٿا تہ:

تن جيسر ميرياڻين جسُ، جي ل الله ڪارڻ لنديون،
تنين لڳي م ڪسُ، جي ايندَن ويندين سَنديون.

اجا بہ اڳتي فرمايو اٿس:

اجا ڪي آهين، جيسر ميرياڻيون جڳ ۾،
نئون لڳ لائين، لڳ لطيف چئي.

مٿين بيتن ۾ جيلسمير جي تمثيل ۾ لطيف سائينءَ جيلسمير جي زائفائن جي سماجي ۽ ثقافتي ڪردار جي باري ۾ جيڪي ڪجھ فرمايو آهي تاريخ جو اهو هڪ اهم باب اجا تائين اڻڇوتو پيو آهي جنهن تي منهنجي خيال ۾ اجا تائين ڪنهن بہ محقق ڪا بہ راءِ ڪا نہ ڏني آهي.

(ت) دنيا جي هڪ وڏي سنڌي مفڪر، علامہ آءِ آءِ قاضي ءَ لطيف جي پيغام جي سلسلي ۾ فرمايو آهي تہ: ”شاھہ جو رسالو ساڳئي وقت ۾ پيغام بہ آهي تہ آدرش پڻ.“ (علامہ آءِ آءِ قاضي، 1993ع: 55 ۽ 56)

(4) (الف) انسان شناسيءَ جو ذڪر، هر دور جي علم ادب ۾ ملي ٿو. هن موضوع تي دنيا جي ٻين شاعرن ۽ مفڪرن کان سواءِ سنڌ جي عظيم مفڪر ۽ شاعر، شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بہ پنهنجي ڪلام ۾ گهڻو ئي ڪجھ بيان ڪيو آهي. اهڙن ٻين سيني صوفي شاعرن کان سواءِ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاھہ لطيف، پنهنجي دور ۽ ماحول توڙي پنهنجي دور ماڻھن جي باري ۾ علامتن، تمثيلن ۽ استعارن ذريعي ڪجھ نہ ڪجھ ضرور بيان ڪيو آهي. انهن ساڌن، سنتن ۽ صوفي بزرگن پنهنجي ڪلام ذريعي پنهنجي دور جي ماڻهن، اُنهن جي تهذيب ۽ تمدن، انهن جي اُمنگن، دلي جذبن احساسن،

نفسياتي ڪيفيتن کي استعارن، تمثيلن ۽ علامتن جو اظهار ڪيو آهي. اُنهن شاعرن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ طالب يعني عاشق جي پنهنجي محبوب سان ملڻ جي طلب، آس، اُميد، تڙپ، وڇوڙي جي نراسائي، سڪ، سوز ۽ پياس آزيون نيزاريون، ميڙ ۽ منٿون ۽ اهڙن ٻين جذبن جو اظهار ڪيو آهي. اُنهن جي ڪلام ۾ محبوب جي ديدار لاءِ جتي انتظار ۽ اوسيئڙي جو اظهار آهي، اُتي پنهنجي اڱڻ تي پنهنجي محبوب جي اچڻ جون آسون ۽ اُميدون به ڪيون آهن. اهڙيءَ طرح اُنهن شاعرن جي ڪلام ۾ سندن مختلف ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن جا عڪس پڻ چٽيل هوندا آهن.

(ب) ادبيات جي شاگردن کي اهو معلوم آهي ته سيني شاعرن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ انسان ذات جي جن نفسياتي ڪيفيتن ۽ جذبن جي نشاندهي ڪئي آهي، اُنهن ۾ پيار، محبت، عشق، ورونهن، سڪ، سون تڙپ، طلب، پياس، آسون ۽ اُميدون، هجر، وڇوڙي، جدائي، وصل، درد، فراق، انتظار، اُمنگ، جذبي، جوش، ولولي، رنج و الم، ڏک ۽ سُک، ارمان، آتت، دڙدلاسي، همدرديءَ، خواهش ۽ تمنا، خودي، هٺ ۽ وڏائي، اهنڪار، تڪبر، غرور، آهه و زاري، روڄ راڙي، عجز نياز، نمرتا، نوڙت، عزم ، ارادي، استقلال، سچائيءَ، سُچتيائيءَ رواداريءَ، لحاظ، عبادت، بندگي، بردباري، مستقل مزاجي، خودشناسيءَ، خودقربانيءَ، خوش فهميءَ خودغرضيءَ، خود فريبيءَ، خودداريءَ، خودبينيءَ، مطلب، خود مطلبيءَ، دوکي، دولاب، ٺڳيءَ، مڪر، فريب، غرض، مقصد، احسان، احسان فروشيءَ، مفاد، مفاد پرستيءَ، حرص، هوس، تمنا ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي موضوعن کي شامل ڪيو ويو آهي. اهي سڀ موضوع انسان ۽ انسان شناسيءَ جي مطالعي جا موضوع آهن.

(5) (الف) دنيا جو هڪ وڏو لطيف شناس، ڊاڪٽر هـ- م گربخشاڻي، شاهه جي رسالي جي پنهنجي طرفان مرتب ڪيل ڇاپي جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

”عاشق کي پرينءَ جا گوندر ۽ غم ولين جيان وڪوڙي ٿا وڃن ۽ هو دنيا ۾ هرڻ يا هماءُ وانگي سرگردان آهي. سندس درد واري دانهن ڪوئل جي ڪُوڪ، چتونءَ جي چانگهار ۽ ڪونج جي ڪُرڪي جهڙي آهي. عشق وسيهر نانگ آهي، نينهن سيچاڻي ’سينهن‘ جيئن ڪڏهن به ڊاپڻ جو نه آهي، معشوق، آسمان مثل عاشق کان دور آهي. سندس ’تر‘ ۽ ’تروڪڙيون‘ ۽ ’مرڏنگ‘

جهڙو آهي. انڊلٽ جا رنگ 'چُنيءَ' جي چٽن جهڙا آهن. خوفناڪ جبل ۽ ٽڪر، هيبت جا هاٿي آهن. مرشد ڪامل 'باز' يا 'هماءُ' جهڙو اعليٰ همت آهي جو هن ڌرتيءَ کان مٿي پرواز ڪري ٿو. مگر نوڳي ڳرو هڪ 'ڳجهه' وانگر آهي جا ڍونڍ تي عاشق آهي. سچو سالڪ 'هنج' آهي جو پاتال مان پٿون ڳولي ڪڍي ٿو ۽ ڪوڙو فقير 'ڪنگ' مثل آهي جو ڪِني ڊُبي مان مڇيون ماري ٿو. اهڙا انيڪ مثال شاهه جي رسالي مان ملندا." (گربخشاني هه- مرڊاڪٽر: 57)

(ب) شاهه لطيف، عورت جي نفسياتي ڪيفيتن کي، سسئيءَ، سهڻيءَ، مومل، مارئيءَ، ليلا، ڪؤنروءَ، نوريءَ، سورٺ، وڻجاري جي ونيءَ ۽ پنهنجن ٻين نسواني ڪردارن جي ويس ۾ نمايان ڪيو آهي. لطيف سائينءَ عورت جي حسن، سُونهن، سوڀيا، سندرتا، ڪوملتا نرملتا، دلڪشيءَ، دلربائيءَ ۽ دلفريبي کان سواءِ سندس شڪل شبيهه، مُنهن مُهانڊي، هلڻيءَ چلڻيءَ، عادتن اطوارن سندس ويسن وڳن، هار سينگار، سُڳنڌ سُرهاڻ، مسي مساڳ، چترائيءَ، چلولائيءَ، مستقل مزاجيءَ اُٽل ارادي، مڪاريءَ، پچڻ پُرجڻ، ڪامڻ ڪجڻ، لُچڻ پچڻ، تڙپڻ، آڄ لوڇ، رنج و الم، بي پرواهيءَ بيباڪيءَ، بيقراريءَ باوقار هجڻ، همت، بهادريءَ، وفاداريءَ، خوف ۽ خطري، هٺ وڏائيءَ، غرور ۽ تڪبر، ذهانت، ڏاهپ، سياڻپ، دانائيءَ، دانشمنديءَ، غيرتمنديءَ حسد ۽ ڪيني جهڙين ڪيفيتن کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي.

(ت) اهي سڀ ڪيفيتون مشرقي سماج جي قدرن جون علامتون ۽ نشانيون آهن. اهي سڀ ڪيفيتون انساني نفسيات جون ڪيفيتون ۽ زندگيءَ جي فلسفي جون ڳالهيون آهن جيڪي شاهه سائينءَ جي رسالي جي ڌار ڌار سُرن ۾ بيان ٿيل آهن. پنهنجن ڪردارن جي انهن ڪيفيتن ذريعي شاهه سائينءَ پنهنجي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي. ان جا ڌار ڌار منظر چٽيا آهن. اهوئي سبب آهي جو لطيف سائين سنڌ جي عوام جو هميشه مقبول ترين ترجمان شاعر رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه لطيف کي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر مڃيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ئي لطيف سائينءَ جي شاعري، سنڌو ماٿر جي تاريخ جي هر دور ۾ سنڌ عوام جي اُمنگن، احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ٿي. لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ اڄبه سنڌ جي عوام جي جذبن ، اُمنگن ۽ احساسن جي نمائندگي نظر ايندي آهي. لطيف سائينءَ جو آواز حقيقت ۾ سنڌ جي ماڻهن جي قلب جي ڪُوڪ آهي:

## نڳي ڪُوڪ قلب مان منجهان روح رڙي

(سُر مارئي)

(ث) هاڻ بهتر ٿيندو تہ انسان ذات جي مٽي ڇاڻايل ڪيفيتن, جذبن ۽ احساسن جو لطيف سائينءَ جي ڪلام جي حوالي سان مطالعو ڪجي:

(1) محبوب جي وصل لاءِ واجهائڻ جي باري ۾: هن ڪيفيت کي بيان ڪندي لطيف سائينءَ تمام گهڻو ڪلام چيو آهي. مثال طور هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو تہ:

اوچڻ گهرجي آجڪو, پکو نہ پيتم,
دوست پڇاڻا دم, جا رهي سا رَنَ ٿئي.

يعني مون کي رڳو اوچڻ ۽ اوجهو نٿو گهرجي; مون کي تہ منهنجو پيارو پريتم گهرجي ڇاڪاڻ تہ جيڪا بہ عورت هڪ پل بہ پنهجي پرينءَ ڌاران گذاريندي, سماج ۾ اُن عورت جو مقام هڪ بيواهہ ۽ رن زال جهڙو هوندو آهي.

لطيف سائينءَ, پنهنجي ڪلام ۾ عورت کي پيار جي هڪ مجسمي طور پيش ڪيو آهي. پنهنجي پرينءَ جون ڳالهيون ۽ پچارون ڪرڻ, لطيف سائينءَ جي سُورمين جو وڙ آهي. پنهنجي رُٺل پرينءَ کي پرچائڻ اُن جو اخلاقي فرض آهي. مومل کان راڻو رُسي ٿو وڃي, ليلا کان چنيسر ناراش ٿي ٿو وڃي ۽ ڪيس پنهنجي محل مان نڪري وڃڻ جو حڪم ٿو ڏيو. پنهونءَ کي سندس ڀائر, سسئيءَ جي گهري ننڊ ۾ سمهي پوڻ کان پوءِ, رات وچ ۾ کڻي ٿا وڃن. پوءِ جڏهن سسئي جاڳي ٿي تہ ڏسي ٿي تہ چوڏاري سڃ ئي سڃ لڳي پيئي آهي.

پنهنجيءَ غفلت سبب پنهنجو پاڻ کي ننڌي ٿي, پوءِ پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ سندس حالت اهڙي ٿئي ٿي, جو هوءَ پنهونءَ جي قافلي جي پنيان ڪاهي پوي ٿي, سسئيءَ جي هن ڪيفيت کي لطيف سائينءَ هن طرح بيان ڪيو آهي:

پنهونءَ سين پريت جو ڪو جو پيچ پيوم,
پنيي هن پنيور ۾, وِهڻ وِهہ ٿيوم,
متيون موٽڻ سنديون, ڪاڪيون ڪيم ڏيوم,
سرتيون ساهہ سندوم, تيو حوالي هوت جي.

(سر ديسي)

(2) محبوب جي جدائيءَ کان پوءِ اُن جي انتظار ۽ اوسيئڙي واري ڪيفيت: هن ڪيفيت جي باري ۾ بہ لطيف سائينءَ جو تمام گهڻو ڪلام چيل آهي. مثال طور:

اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،
سندي سڪ پرين لوڪ ڏني نہ لهي.
(سر بروو سنڌي1)

ساڳئي مضمون جي باري ۾ پنهنجي هڪ ٻئي بيت ۾ فرمايو اٿن:

جي مون گهر اچين سُپرين، هوڏ چڏيان هيڏي،
ڳالهيون ڳجهہ اندر اندر جون، تن گهريون توڏي،
جي وِهين گڏ گوڏي، تہ دور سڻايئين دل جا.
(سر بروو سنڌي)

راڻي جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾، مومل جي واتان انتظار ۽ اوسيئڙي واريءَ ڪيفيت جو اظهار هن طرح ڪرايو اٿس:

ڏيا تيل ڦُليل جا، باريم تائين ٻانگ،
ڍوليو ڍٽ رهائيو، ڪنهن سڻائي سانگ،
چانگي چڙهي آءُ تون، لال ورائي لانگهہ،
ڪوڙين پتين ڪانگ، اُڏايام اچيج تون.
(سر مومل راڻو)

يا وري ساڳئي سر ۾، ساڳيءَ ڪيفيت جو اظهار هن طرح فرمايو اٿس:

اُپي اُپاري، نڪت سڀ نئي ويا،
هڪ ميو ٻيو مينڌرو، رات سڄي سارِيام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سُورج شاخون ڪڍيون.
(سر مومل راڻو)

(3) پڇتاءَ واري ڪيفيت جي باري ۾: لطيف سائينءَ پنهنجين سورمين جي انهن ۽ اهڙين ٻين ڪيفيتن جي پنهنجي ڪلام ۾ نقش نگاري ڪئي آهي. مثال طور: پڇتاءَ واريءَ ڪيفيت جو ’سر ليلا چنيسر‘ ۾ اظهار هن ريت پيش ڪيو اٿس. فرمايو اٿس تہ:

جيڪر اچي رهاڻ تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل ڍولئي ساڻ ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.

ساڳيءَ ڪيفيت کي ’سر ڏهر‘ ۾ وري هن طرح بيان ڪيو اٿس. فرمايو اٿس:

هم ڪر ڍول ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪميڻيءَ جو، بگر تو بلو
تنهنجو نانءُ نلو، ونيو وينءِ آهيان.

ساڳيءَ ڪيفيت کي، سر ليلا چنيسر ۾ وري هن طرح بيان ڪيو اٿس.
فرمائي ٿو ته:

ڍولا! ڍيل م مون، ڪانڌ ڪميڻي آهيان،
سڪ تنهنجي سُپرين، پيري وڌيس پون،
مون ور تون ئي تون، تو ور وَهون ڪيترِيون.

يا سر سامونديءَ ۾ ساڳيءَ ڪيفيت جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿس.
فرمائي ٿو ته:

جي تون وڻجارو ڪانڌ، ته مون هڏ نه لائون لڏيون،
پَرَ ڏيهه مٿي انگ، آٿ ئي پهر جنهن ڪيو.

محبوب جي انتظار ۽ اوسيئڙي واريءَ ڪيفيت جي باري ۾، 'سر ساموندي'، 'سر مومل راڻو'، 'سُر مارئي'، 'سر ليلا چنيسر'، 'سر سُهڻيءَ' ۽ 'سر سسئي آبريءَ' ۾ جذباتي انداز ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو اٿس. مثال طور 'سر ساموندي' ۾ فرمائي ٿو:

اوڙاهه ويا نه وريا، آءُ تنهن ماري ويڻ،
ڪري ساموندي سيڻ، جُسي جاڙ پرايو.

ساڳئي سر ۾ هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو ته:

ڍوليو وڃڙو ڏور، تي ٿي سيءَ گذاريان،
مادر مون م چور، نات پڏر پوندي پرينءَ ري.

يا وري هيئن به فرمائي ٿو:

تن جني جي تانگ، سي سجڻ سفر هليا،
لئج لال لطيف چئي، ڪڏهن ايندا ڪانگ،
ڪنهن سڻائي سانگ، پرين گهڻيئي ڪيا.

تڙپ، سڪ، سوز ۽ گداز جي باري ۾: رومانوي شاعريءَ جي خاص خوبي محبوب جي وڇوڙي ۾ تڙپڻ، لُڇڻ ڦٿڪڻ هوندي آهي. هن ڪيفيت جو بيان لطيف سائينءَ گهڻو ئي ڪيو آهي. مثال طور 'سر ساموندي' جي هڪ بيت ۾ فرمايو اٿس:

چتان جي نہ چُرن، الله اُن ۾ وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءَ منهنجو جن سين.

ساڳئي موضوع جي باري ۾ ’سر رپ‘ ۾ فرمايو اٿس تہ:

سڄڻ سنڀريام، پيم گر ڪپار ۾،
جهڙي تهڙي حال سين، پرين نہ وسريام،
هريا هٿ ٽيام، نيٽئون نير وهي.

يا وري لڇڻ ۽ ڦٿڪڻ واريءَ ڪيفيت جي باري ۾ پنهنجن جذبن جو اظهار هن طرح بہ ڪيو اٿس:

ڪامان پچان پڃران، لڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس پرينءَ جي، پيان نہ ڊاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان تہ سُر ڪيائي نہ ٿئي.
(سر سُهڻي)

اڃا بہ اڳتي ’سُر رپ‘ ۾ ساڳئي موضوع جي باري ۾ فرمايو اٿس تہ:

اُيريم انگور، ستي سُپيرين جا،
ڪايو ڪايو سور، لُڇيو لوچيو اُٿيان.

يا وري ساڳئي سر ۾ هڪ ٻئي بيت ۾ فرمايو اٿس تہ:

جهوريءَ جهجهڻ جهانءِ، مون جنهين جي نہ لهي،
آيل ايئن ۾ يانءِ، تہ ڪا آءُ جيئندي اُن ري.

ساڳيءَ ڪيفيت جو اظهار ’سر سامونڊيءَ‘ ۾ هن طرح ڪيو اٿس فرمائي ٿو تہ:

اُلوڙڻ نہ ڏي ور وڏائين ونجهہ ڪي،
رهہُ اڄوڪي راتڙي لالن مون لاءِ،
وچ ۾ ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين.

’سر حسينيءَ‘ ۾ سسئيءَ جي سورن ۽ پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ سسئيءَ نڄين تڙپڻ واريءَ ڪيفيت جي عڪاسي لطيف سائينءَ هن طرح ڪئي آهي. فرمائي ٿو:

پاڙي ناهي پروڙ، تہ رات رنجائي گذري،
ٻانيڻ ٻروچن جي، گهائي وڌيس گهور،
هڪ سسئي ٻيا سُور، ويا پٽيندا پاڻ ۾.

يا وري ساڳيءَ ڪيفيت جي باري ۾ 'سُر سهڻيءَ' ۾ هن طرح اظهار ڪيو اٿس. فرمائي ٿو:

سڪ تنهنجي سپرين، ڪپي ۽ ڪوري،
سگهان نہ چوري، ڏاڍو نيرُ نينهن جو.

(5) آزي نيزاريءَ واري ڪيفيت: هن ڪيفيت کي ڀٽائي گهوٽ پنهنجي ڪلام جي تمثيلي سرن ۾ گهڻي قدر بيان ڪيو آهي. مثال طور 'سر ليلا چنيسر' ۾، چنيسر پنهنجيءَ 'پٽ راڻيءَ' ليلا کي جڏهن پنهنجي محل مان ڪڍي ٿو ڇڏي تہ پوءِ هو پنهنجي سر جي سائينءَ کي پرچائڻ لاءِ ميڙ منٿون، آزيون نيزاريون ٿي ڪري. آزي نيزاريءَ واريءَ ڪيفيت کي شاهہ لطيف هن طرح پيش ڪيو آهي:

ڍوليا ڍيل م مون ڪانڌ ڪميڻي آهيان،
سڪ تنهنجيءَ سپرين، ڀيري وڏيس ڀون،
مون ور تون ئي تون، تو ور وهون ڪيترين.

ساڳئي سر ۾ لطيف سائين طالب کي سمجهائي ٿو تہ:

جي ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائيج،
آسر م لاهيج، سجڻ ٻاجهيندر گهڻا.

ساڳيءَ ڪيفيت کي 'سر بروو سنڌيءَ' ۾ هن طرح پيش ڪيو اٿس. فرمائي ٿو تہ:

اچين جي هيڪار، مون سارينديءَ سپرين،
پيرين ڏريان پنبڻيون، هنڌ وڇائيان وار،
ساجن سپ جمار، هوند گولي ٿي گذاريان.

(6) محبوب سان وصل لاءِ آسون ۽ اُميدون: پيار واري پنڌ ۾، پريمين جي وچ ۾ وصل واريءَ ڪيفيت نهايت ئي اهم هوندي آهي ۽ پنهنجي محبوب سان وصل لاءِ پيار ڪندڙ هميشہ بيتاب رهندو آهي. لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجن سورمين جي طرفان محبوب سان ملڻ يعني محبوب سان وصل جي باري ۾ جذبات ۽ احساسات جو اظهار نهايت ئي دل گذار انداز ۾ ڪيو آهي. مثال طور وسڪاري جي موسم ۾، مينهن جي وسڻ مهل پرينءَ جو پنهنجي پريتم جي پاسي ۾ سُرهي سيج تي سٽل هجڻ واريءَ ڪيفيت يعني ملڻ جي آس ۽ اُميد پوري ٿيڻ ۽ محبوب سان وصل واريءَ ڪيفيت ۽ وڇوڙي

جي ڪنهن به صورت ۾ امڪان نه هجڻ واريءَ آس، اُميد ۽ تمنا ڪي لطيف سائينءَ جنهن انداز۽ حسن بيانيءَ سان بيان ڪيو آهي، اُن اندازبيان ۾ لطيف سائينءَ ڪمال ڪيو آهي. مثال طور ’سُر سارنگ‘ ۾فرمائي ٿو ته:

اگڻ تازي ٻهر ڪُنديون، پڪا پٽ سونهن،
سُر هي سيج پاسي پرين، مرُ پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هونِ برابر ڏينهڙا.

لطيف سائين هڪ باڪمال رومانوي شاعر هو. هن اعليٰ معيار واري رومانوي شاعري به ڪئي آهي. سندس ڪلام ۾ هن عظيم شاعر، صنف نازڪ جي پيار واري جذبي واريءَ ڪيفيت ڪي پنهنجي رسالي جي ڌار ڌار سُرن ۾ بيان ڪيو آهي. اُنهن سُرن ۾ هن، پنهنجين سورمين طرفان، پيار جي ڌار ڌار ڪيفيتن ۽ جبلتن جي نقش نگاري ڪئي آهي. مثال طور ’سُر ليلا چنيسر‘، ’سُر مومل راڻو‘، ’سُر سُهڻي‘، ’سر مارئي‘، ’سُر ڪاموڏ‘ ۽ ٻين سُرن ۾ وصل واريءَ ڪيفيت ڪي لطيف سائينءَ گهڻو ڳايو آهي. مثال طور ’سُر ليلا چنيسر‘ ۾ پنهنجيءَ سُورميءَ ليلا جي واتان، پنهنجي محبوب سان وصل لاءِ هن طرح اظهار ڪيو اٿس. فرمائي ٿو ته:

ڏول م ڪٽي ٻانهڙي، پرها م ڪٽي پانڌ،
آءٌ پنهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رائيان.

يا ’سُر آسا‘ ۾ ساڳيءَ ڪيفيت واري مضمون ڪي بيان ڪندي لطيف سائين فرمائي ٿو ته:

اکين ۾ ٿي ويهه ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ڪي ٻيو.

يا وري سُر سارنگ ۾، انهيءَ ساڳيءَ ڪيفيت جو اظهار هن طرح ڪيو اٿس. اهو بيت مثال طور اڳ ۾ به مٿي ڏنو ويو آهي، مثال طور فرمائي ٿو ته:

اگڻ تازي ٻهر ڪنديون، پڪا پٽ سُونهن،
سُرهي سيج پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين شالِ هونِ برابر ڏينهڙا.

لطيف سائين طالب جي همت افزائي ڪندي چيو ٿو ته طالب ڪي هميشه پنهنجي مطلوب سان ملڻ جي آس ۽ اُميد رکڻ کپي. اُن لاءِ هن سُر ليلا چنيسر، سُر مومل راڻي، سر سهڻيءَ، سر مارئي ۽ ٻين سُرن ۾ سالڪ ڪي پنهنجي

محبوب جي واپس ورڻ لاءِ دعائون گهرڻ گهرجن. لطيف سائين اهڙيءَ آسر وند عورت کي سمجهائي ٿو تہ:

جر تڙ ڏيئا ڏي، ورڻ تنڻ ٻڌي وائنٽيون،
الله ڪانڌ اچي آسائتي آهيان.

لطيف سائين طالب کي اهو بہ سمجهائي ٿو تہ نينهن جو ناتو ڪو نياپن پاراپن سان بہ ڪو نہ رکبو آهي، يا صرف ’سڏن ڪرن‘ سان ئي پيار جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهنديئين. پيار ۾ ڪامياب ٿيڻ جي آس ڪندڙ ۽ تمنا رکڻ وارن جي اکين مان جيستائين رت جا ڳوڙها وهڻ نہ لڳندا، تيستائين اُهي سچي نينهن جي ناتي جي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهندا. سچي نينهن رکڻ لاءِ تہ وڏيون قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. عاشقن کي پنهنجا سر بہ قربان ڪرڻا پوندا آهن. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

نينهن نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هُون،
ڪارئين راتئين رت ڦڙا جان جان نيڻ نہ روُن.

لطيف سائين ايئن بہ فرمائي ٿو تہ جيڪي سڏڙيا هوندا آهن اُنهن کي گهرجي تہ پيار ڪرڻ جي سڏ نہ ڪن ڇاڪاڻ پيار ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن ان لاءِ وقتي تہ سر جي قرباني بہ ڏيڻي پوندي آهي. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

سڏڙيا سري جون ڪوهہ پچارون ڪن؟
جهہ ڪات ڪلاڙن ڪديا تہ موتيو پوءِ وڃن،
پڪون سي پيئن، سر جنين جا سٽ ۾.

(سر ڪلياڻ)

يا وري سر سسئي آبريءَ ۾ فرمائي ٿو تہ:

سڏائتي سپ ڪا، ٻُک نہ باسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جُنبش ڪانهي ڪا،
مون سين هلي سا، جا جيءُ منو نہ ڪري.

(8) محبوب جي شڪل ۽ صورت، مُنهن ۽ مهانڊي ۽ حسن جي تعريف جي باري ۾:

لطيف سائينءَ جتي طالب عورت جي ڪردارن جي ڏار ڏار ڪيفيتن، اُن جي شڪل شبيهہ، مُنهن مهانڊي، سُونهن سوڀيا، حسن ۽ خوبصورتيءَ جا نقش

چٽيا آهن. اُتي هن سندس تمثيلي ڪلام ۾ بيان ڪيل مرد سورمن. جهڙوڪ پنهون، ميهار، راڻو عمر، چنيسر، ڄام تماچي، راءِ ڏياچ، انيراءِ، ٻيجل، جسوڌڻ راءِ، راءِ ڪنگهار، ڄکرو، لاکو ڦلاڻي، ڄام هوٿيءَ ۽ ابڙي سمي کان سواءِ سندس ٻين مرد ڪردارن جي همٿ، شجاعت، بهادريءَ دليريءَ، سندن احساسن، اُمنگن، جذبن، سندن عدل ۽ انصاف فياضيءَ، سخا، واعدي جي وفائي، قول جي سچائيءَ ٻين انسانن سان سندن همدرديءَ ۽ رواداريءَ کان سواءِ سندن سُونهن، سوڀيا، مُنهن مهانڊي، مردانگيءَ، ڏاهپ، دانشمندي، دانائيءَ، حسد، ڪيني ۽ غيرتمنديءَ جهڙين سندن نفسياتي ڪيفيتن کي پٽائي گهوٽ پنهنجي رسالي جي ڏار ڏار سُرن ۾ بيان ڪيو آهي. مثال طور ميهار جي مُنهن ۽ مهانڊي، سندس سُونهن ۽ سوڀيا جي سلسلي ۾، شاهه سائينءَ سُهڻيءَ جي واتان سندس محبوب جي سُونهن ۽ ٻوليا جا نقش هن طرح بيان ڪرايا آهن.

مثال طور فرمائي ٿو ته:

سهڻي چيلهه سڏو نڪ، ڪاريون ڪجليون اکيون

لطيف سائينءَ ميهار جي مُنهن مهانڊي، شڪل شبيهه، قدڪاٺ ۽ سندس دلڪش اکين جا نقش سهڻيءَ جي واتان جنهن اُمنگ ۽ جذبي وچان چورايا آهن اُنهن جي بيان ۾ لطيف سائينءَ ڪمال ڪيو آهي. مثال طور فرمائي ٿو ته:

ساهڙ منهنجو سرتيون، جي ڏسو سپيئي،
ته سمهو ڪينَ سُک تي، وَرَ پاسو ڏيئي،
مُنهان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.

يا وري ساڳئي سر جي هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو ته:

جيڏيون ڏٺان جي، صورت ساهڙ ڄام جي،
سک تي سمهو ڪينَ ڪي، ڪانڌن پاسي ڪي،
مُنهان ئي اڳي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.

يا وري هيئن به فرمايو اٿن:

ڏٺي جي هيڪار، صورت ساهڙ ڄام جي،
سُک تي ستيون ڪين ڪي، پري ساڻ پتار،
گهڙي گهڙنئان ڏار، هُوند ڪاهي پئيون ڪُن ۾.

ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو ته: ”لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ ماڻهن جي

شڪل شبيهہ، مُنهن مهانڊي توڙي پوشاڪ جو ذڪر اهڙيءَ تہ چٽائيءَ سان ڪيو آهي جو اکين آڏو هوبهو اها تصوير ڦري اچي.“ (تنوير عباسي، ڊاڪٽر، 1976ع: 65) شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سندس سورمن جو جي سونهن، سوڀيا، شڪل شبيهہ، منهن ۽ مهانڊي جو جن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي اُنهن مان ڪن جا مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

(1) پنهونءَ جي شڪل ۽ صورت جي عڪاسي: لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

جهوڙا جن جُلهن ۾، هيري لک هزار،
لڳا واٽ وٽن جا، پنهونءَ کي پالار،
آن ڪي ويندا گڏئا، اهڙيءَ سٽ سوار،
لنگهي ڪالهہ قطار، تون آئين اڄ نهارين...

(سُر ديسي)

شاهہ سائين پنهنجي هڪ ٻئي سر ۾ پنهونءَ جي سونهن جي باري ۾ هن طرح فرمايو آهي:

جيڪس ڏنو جيڏيئين، ٻاروچو ٻيءَ پت،
مون جيئن موڙهين مت، پسندي ئي پنهونءَ کي.

اڃا بہ ٻئي هند فرمائي ٿو تہ:

جيڪين ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏيئين،
گهر ورنن سان، هوند گهٽن گهوري ڇڏيا.

اڃا بہ اڳتي هڪ ٻئي سر ۾ لطيف سائين پنهنجي محبوب جي رنگ رُوپ توڙي دلڪشيءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

گبرين ۽ گونين، پرين پٽائين گج جيئن،
جي من مجوني، سي ڪيئن وڃن وسري.

يعني منهنجو پرين، شڪل ۽ صورت، رنگ ۽ روپ توڙي دلڪشيءَ ۾ ريسم جي گج جهڙو دلڪش، دلفريب ۽ دل کي وڻندڙ آهي. هو منهنجي من ۾، سندس چنچل انداز ۽ نگاهن جي ڪري هر وقت موجود هوندو آهي. منهنجو اهڙو دلبر پرين پلا آءٌ ڪيئن وساري سگهنديس!

(2) سُر سامونڊيءَ ۾ وڻجاري جي شڪل ۽ صورت جو ذڪر: اهڙيءَ طرح شاهہ سائينءَ، سُر سامونڊي ۾، وڻجاري جي شڪل، منهن مهانڊي، سونهن

۽ سوپيا ۾ سندس ديده زيب آرڪاٽن ۽ اطوارن جي تصوير. سندس محبوب جي واتان هن طرح بيان ڪرائي آهي:

سنهي لَڪَ، نڪ سنئين، جل ڀنن نيڻ،
ساموندي مون سيڻ، ڪي تو ڪالهہ لنگهائيا.

يا ٻئي هنڌ فرمايو اٿس تہ:

سُهٽي چيلهہ سڌو نڪ، ڪاريون ڪجليون اکيون.

(3) مارئيءَ جي ويڙهيچن ۽ سانگين جي رنگ ۽ رُوپ جو وستار: لطيف سائينءَ، سر مارئيءَ ۾ مارئي جي سانگين ۽ پهنوارن جي رنگ رُوپ جو ذڪر، مارئيءَ جي واتان هن طرح ڪرايو آهي:

مٿن ٽبڪ ٽُبڪڙا، چڪندڙ اچن،
ڪُڙيون ڪِهہَ ڀڪليون، پگهر سر پيرن،
اي وَڙ ويڙهيچن، مون لوڏا ئي لکيا.

حاصل مطلب تہ شاهہ لطيف پنهنجي عوام جي نفسياتي ڪيفيتن، احساسن، جذبن ۽ اُمنگن جي ترجماني ڪندڙ شاعر آهي. سندس سڄو رسالو، انسان شناسيءَ واري فلسفي جو گهرو ۽ اُونهو اڀياس آهي جنهن جو تفصيلي مطالعو هن مختصر مقالي جي دائري کان گهڻو وسيع آهي. شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي هن موضوع تي ڪيئن ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

## ببليو گرافي


1. تنوير عباسي، ڊاڪٽر: 1976ع، شاهہ لطيف جي شاعري، ڪراچي: شاهہ عبداللطيف لٽرري سوسائٽي، ص 65)
2. علامہ آءِ آءِ قاضي: 1993ع، ص 55_56
3. گربخشاڻي هہ. م ڊاڪٽر: شاهہ جو رسالو، ڪراچي، ڊپارٽمنيٽ آف ڪلچر، گورنمينٽ آف سنڌ، ص 57

# دَرسُ لطيفي

## ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

”اُپريو تارو، اُتِي وَرَ، وِهاڱُ ڏي،
سَپڙُ رِيسارو، چِٽُ پرکي چارڻين.“
(شاهه، سُر پرڀاتي)

هر سال جِيان، هَيل بہ شاهہ جي ڀِٽ تي ڪونايل ادبي ڪانفرنس ۾ اچي گڏيا آهيون:

”ڪَنڌيءَ اُڀيون ڪيتَرِيُون، ’ساهڙ ساهڙ‘ ڪَن،
ڪَنِين سانگو ساهہ جو، ڪي ’گهوريس‘ ڪيو گهِڙَن،
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گهِڙَن جي.“
(سُر سهڻي)

پروڪي ميڙاڪي ۾ نهراڻ پاس ٿيو هو تہ سنڌ جي اسڪولن ۾ ’درس لطيفي‘ جي عنوان سان، اضافي مطالعي جا ڪتاب مهيا ڪيا وڃن، جن ۾، درجي وار، شاهہ جا بيت معنيٰ سان شامل ڪيل هجن. ثقافت کاتي طرفان انهيءَ نهراڻ تي عملدارآمد کان هن ڪانفرس کي آگاهہ ڪيو ويجي. هيءَ رٿا، اصل ۾، ڪوآرڊينيشن ڪائونسل فار پروموشن آف شاهہ عبداللطيف اسٽڊيز طرفان شروع ڪئي وئي هئي. انهيءَ ڪائونسل جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ تاريخ 4 آگسٽ 2006ع تي گذريل ٽن مهينن ۾ ٿيل پيش رفت جو جائزو ورتو ويو، جنهن مطابق ’لطيفيات تي ٻارن لاءِ سپليمينٽري ريڊنگ مٽيريل تيار ڪرائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي.“ ان موقعي تي، ان وقت جي چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، محترم عبدالعزيز مهراڻوي ٻڌايو تہ: ”لطيفيات بابت ٻارن لاءِ مٽيريل تيار ڪرڻ ۽ ڪتابن ڇپرائڻ لاءِ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان 8 لک رپيا بجيٽ ۾ رکيا ويا آهن. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي طرفان لطيفيات

بابت ٻارن لاءِ تيار ڪيل سپليمينٽري ريڊنگ مٽيريل جو ڊرافٽ پروپوزل سيني ميمبرن کي ڏنو ويو ته انهيءَ کي نظر مان ڪڍي حتمي صورت ۾ بحال ڪيو وڃي. [ڊرافٽ ضميمو الف. منٽس تاريخ 26 آگسٽ 2006 دستخط شوڪت حسين شورو، سيڪريٽري ڪوآرڊينيشن ڪائونسل فار پروموشن آف شاهه لطيف اسٽڊيز.]

گهربل مواد جي تياريءَ لاءِ ماهرن اڳوٽي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ۽ ڊائريڪٽر پبليڪيشن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ [مانوارن: امداد حسيني، ناظم ماتلوي ۽ مسعود قريشي] کي رضامند ڪيو ويو. انهن طرفان تيار ڪيل معاوضي ۽ خرچ جو تخمينو جڏهن ڪائونسل جي ٻي گڏجاڻيءَ ۾ پيش ٿيو ته ٽن مانوارن ميمبرن اهو ڪم مفت ڪري ڏيڻ لاءِ پنهنجون خدمتون آڇيون ۽ وي سي صاحب ۽ چيئرمين ڪائونسل مفت ڪم جي آڇ قبول ڪئي، جيڪر ڪم اڄ ڏينهن تائين نه ٿي سگهيو آهي.

موجوده چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پروفيسر عبدالسلام خواجه هن ڏس ۾ اڳڀرائي ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. ضرورت آهي ته سنڌ سرڪار جو ثقافت ۽ سياحت جو کاتو، تعليم ۽ خواندگيءَ وارو کاتو، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ ڪوآرڊينيشن ڪائونسل گڏجي اسڪولي ٻارن لاءِ 'درس لطيفي' جي عنوان سان ڪتابن تيار ڪرائڻ ۽ ڇپائڻ جو تڪڙو بندوبست ڪن. 'ميرا اقبال' جي عنوان سان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ اڳئي اهو ڪم ڪري رهيو آهي. انهيءَ تجربي ۽ موجوده مالي وسيلي سان 'درس لطيفي' ڪلاس پهرين کان ٻاهرين تائين ڇپرايو وڃي. هي عالمن، اديبن، استادن ۽ شاعرن جو ڪٺ وري هڪ نهراءُ بحال ڪري انهيءَ تقاضا جي پورائي لاءِ زور ڀري.

شاهه جي سوانح ۽ سندس دؤر جي مذهبي، سماجي ۽ سياسي تاريخ تي مڪمل تحقيق سنڌ جي قومي ضرورت آهي. شاهه تي سنڌي قوم کي ناز آهي ۽ شاهه جي روضي کي ڏسي هرڪو پيو پائڻي ته هي اسان جو عظيم قومي يادگار آهي. ليڪن ڪٿي ڄائو، ڪٿي نپنو، ڪٿي ۽ ڪنهن وٽ پڙهيو ۽ ڪاٿي ڪاٿي سير و سفر ڪيائين، اُنهيءَ بابت گهربل ڄاڻ پوريءَ ريت ميسر نه آهي. انگريز شاعر وليم شيڪسپيئر (1564 _ 1616ع) شاهه کان هڪ صدي اڳ ٿي گذريو آهي، پر سندس مڪمل سوانح حيات ۽ تمام يادگار محفوظ ۽ غير متنازع آهن. اسين شاهه جي ڪلام تي به ڪو نه ٿا ٿهون!

شاهه جي ولادت ۽ سوانح (1690ـ 1752ع) بابت تاريخ جو پهريون حوالو مير علي شير قانع جي تصنيف تحفة الڪرام (فارسي، سن 1181هه/ 1767ع) ۾ ڏنل آهي، جنهن مطابق: ”هو صاحب (يعني شاهه عبداللطيف ڀٽائي) سيد حبيب شاهه جو پٽ، مشهور اولياءَ شاهه عبدالڪريم (بلڙيءَ واري) جي اولاد مان آهي. (تعارفي طرز تحرير مطابق حال جو صيغو استعمال ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ ڪيس گذرئي 15 سال ٿي چڪا هئا.) سيد حبيب شاهه خدا رسيده آدمي هو...“ (تحفة الڪرام فارسي دفتر 3: سنڌ ۾ سنڌ جي مشهور شهرن، معروف بزرگن ۽ اوليائن جي بيان ۾) هي ذريعو شاهه جي وفات کي قريب ترين آهي، تنهن ڪري قابل اعتماد آهي ۽ انهيءَ مطابق: (1) شاهه جو حسب نسب پڌرو آهي، شاهه عبداللطيف ولد سيد حبيب الله شاهه، ولد سيد عبدالقدوس شاهه، ولد سيد جمال شاهه، جيڪو شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو ٽيو فرزند هو. (2) ڪيس وقت جي معروف بزرگن ۽ اولياءَ الله ۾ ڄاتايو ويو آهي. مٽياري جي بزرگ 'پير هاشم شاهه' (1709ع) شاهه جي ولادت جي دعا ۽ پيشنگوئي ڪئي هئي. ولادت جي تاريخ ۽ هنڌ بابت اسان جي تحقيق جاري آهي، اُن جا ٽاٽا ۽ حوالا هن ريت آهن:

1ـ ”شاهه عبداللطيف، حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾، 'هالا حويلي' جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. (ڀٽ کان 9 ڪوهه پري ڦتل نشان اڃا، يعني 1 فيبروري سن 1936ع تي، ڏسڻ ۾ پيا اچن.... جنم جو ڏينهن پوري طرح معلوم ٿي نه ٿو سگهيو، مگر روايتن مان معلوم ٿو ٿئي ته هو سن 1102هجري (1689ـ 1690ع) ڌاري ڄائو هو.“ (ڊاڪٽر گربخشاڻي: مقدمه لطيفي، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو ٽيون 1977ع، ص 15ـ 16)

2ـ سن ولادت ۽ وفات تي به اختلاف رهيو آهي: ڊاڪٽر ٽرمپ مطابق: ”شاهه عبداللطيف سن 1680ع ۾ ڄائو هو ۽ سن 1161هجري (1747ع) ۾ وفات ڪيائين.“ (ايضاً ص 16). محقق جي متفقه راءِ مطابق شاهه، 14 صفر 1165هجري مطابق 3 جنوري 1752ع تي وفات ڪئي.

3ـ 'هالا حويلي' ۽ 'ڀَئي پُور' شايد هڪ ئي ڳوٺ جا به نالا هئا. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي رحه (9 ڊسمبر 2003) لکي ٿو ته ”شاهه عبداللطيف رحه جي ولادت سن 1102هجري مطابق سن 1690ع ۾ هالا حويلي تعلقي جي هڪ ڳوٺ 'ڀئي پور' ۾ ٿي، جو ڀِٽ کان 9 ڪوهه پري آهي. سندس ڦتل

نشان واٿهڙن کي اچا ڏسڻ ۾ اچن پيا. شاهه صاحب جنهن گهر ۾ ڄائو هو، اُتي پوءِ لونگ فقير 'لوڙهي واري'. نصير واهه جي پر سان هڪ مسجد جوڙائي ڇڏي. جا اڃا تائين قائم آهي." (شاهه جو رسالو مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ڇاپو ٻيو 1999ع، ص 14)

4_ هالا حويلي ۽ ڀٽائي پور کان سواءِ هڪ ٽيون نالو 'سوئي قندر' شاهه جي ولادت جي هنڌ طور تازو دريافت ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق شاهه جي والده 'سوئي قندر' ڳوٺ جي ڏيري وڏيري فقير محمد عرس جي نياڻي هئي. فقير رب رکيو ڏيرو، وڏيري جي ٻي ڏيءَ جو وَرُ هو. سندس پٽ محمد عالم ڏيرو، جيڪو شاهه جو ماسات هو، سو حبيب شاهه جي روضي جي ٻاهران رکيل آهي. (مهراڻ، سيارو 2005، ص 115_122 ملاحظه ڪجن). سوئي قندر جا آثار، ٺٽو وآدم شهر کان 10 ڪلوميٽر اُتر_ اولهه طرف آهن، اتي 'مائي جُمان' جي مسجد ڊٺل حالت ۾ موجود آهي. انهيءَ جي لڳ شاهه حبيب جي حويلي هئي.

5_ 'هالا حويلي' (درسي ڪتابن ۾) 'ڀٽائي پور' (سانگي، آڏواڻي ۽ گربخشاڻي جي تحقيق مطابق)، 'سوئي قندر' (تحقيق ڊاڪٽر بلوچ) کان سواءِ 'وسڻ ڳوٺ' مرحوم ڊاڪٽر علامه دائود پوٽي جي دريافت آهي. اسان جي مرحوم دوست فقير امداد علي سرائي پنهنجي ڪتاب 'ڪشتي منجهه ڪٽا' ۾ ته ماڳهين مٽياري کي شاهه جي ولادت جو هنڌ ڄاڻايو آهي.

6_ اسان جي دؤر جي مڃيل عالم ۽ شاهه جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق: "ڀٽائي گهوٽ صفر 1165هه ۾ وفات ڪئي... سندس ولادت 1102هه ۾ ٿي آهي. (حوالو رسالو غلام محمد شاهه گدا فارسي)... روايت آهي ته شاهه جي عمر 63 سال هئي... سال 1102هه، 5 آڪٽوبر 1690ع تي شروع ٿيو ۽ 23 ڊسمبر 1691ع تي ختم ٿيو....." انهيءَ وچ ۾ شاهه جي ولادت ٿي. سندس والده ماجده جي باري ۾ ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو ته: "هن کان اڳ جن صاحبن به لکيو آهي، تن جي راءِ ۾ مخدوم عربي ديانو هالن پراڻن واري جي نياڻي هئي. مون جڏهن اُن تي تحقيق ڪئي ته معلوم ٿيو ته مخدوم عربي ديانو ڀٽائي صاحب کان 150 سال اڳ ٿي گذريو آهي. ان ڪري ان جي نياڻي نٿي ٿي سگهي يا وري اُن جي پٽ پوٽي جي نياڻي ته نه آهي؟ تحقيق مان معلوم ڪيوسين ته ڀٽائي

گهوٽ جي امڙ 'سوئي قندر' جي 'ڏيرا' فقيرن مان هئي. هن باري ۾ استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق سر زميني شواهد ۽ روينيو رڪارڊ تي ٻڌل آهي. (ڪچهري. تاريخ 17 نومبر 2005ع. سچاروي هائوس، حيدرآباد.)

شاهه جي سوانح ۽ ڪلام يا پيغام کي جٽو ڪرڻ گهرجي. تاريخي طور تي شاهه جي زندگي جا 63 سال (1690 ـ 1752ع) سنڌ جي تاريخ ۾ بيحد اهم حيثيت رکندڙ آهن. سنڌ ڌارين جي غلاميءَ مان آزاد ٿي، پنهنجن جي آزار هيٺ آهي. ڪلهوڙن جي اُسريل ڏيهي طاقت، صوفي شاهه عنايت ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙائي جي شهادت ۽ قوم دوست صوفي قيادت کي ختم ڪرڻ جي سرڪاري حرڪت، هڪ انقلاب کي جنم ڏنو. انهيءَ انقلاب جو سرواڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائي هو. پيري، مريدي، جاگيرداري ۽ سنڌي عوام جي ظالماڻا استحصال، ڦرلٽ، ڏاڍ، ڏمر ۽ طبقاتي نظام جي خلاف، ڀٽ جو شاهه، فقيرن جو شهنشاهه، اڪيلو اُٿي ڪڙو ٿيو. ڪيس پڻ مارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سندس چواڻي:

پکي سَر ۾ هيڪڙو، پاڙيهڙن پنجاهه،
سندِي آس الله، تو لُڏي لَهرُن وچ ۾.

شاهه کي ڪو ڪو نه مارائي سگهيو. هن پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن نيڪ عاقبت ۽ خير سان پورا ڪيا ۽ استغراق جي حالت ۾ سندس روح هن دنيا مان پرواز ڪيو.

ٻن سالن بعد ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، سن 1167هه مطابق 1754ع ۾ ڀِٽ تي شاهه جو قبو اڏايو. جيڪو سندس پنهنجي والد حبيب شاهه جي قُبي جي ذڪرڻ ۾ آهي. شاهه لطيف جي قُبي ۾ محمد پناهه رجا جا ٻه قطعات وِصال اُڪريل آهن:

1 ـ زَد نَعره دَر فِراق، دِگر کَرد سينه چاک،
شُد مَحو در مُراقبه، جِسم لطيف پاک.

(محمد پناهه رَجا) ڪتبه بر ديوارِ روضه

2 ـ گُفتِ اين رجا مُريد، سَنِ ارتحالِ پير،
گرديده مَحوِ عشق، وُجودِ لطيف مير.

(ايضاً)

انهن قطعن مان معلوم ٿو ٿئي تہ لطيف عشق الاهي ۾ ڪيتري قدر مستغرق هو: ايئن جيئن پاڻ فرمايو اٿس تہ:

اَچي عزازيلَ، سُتِي جاڳائي سَسئي،
تِي ڏوڙائي دليلَ، تہ پُنهونءَ ماڙهو موڪليو.
(سر سسئي آبري)

شاهہ جي ڪلام ۾ سورما ۽ سورميون اڪثر هندو ڌرم سان متعلق آهن. شاهہ پاڻ پڪو مسلمان آهي ۽ واصل بالله صوفي آهي، جنهن وٽ دين ڌرم جو ڀيد ڀاوُ نہ آهي. لطيف سنڌي ماڻهن، هندن، مسلمانن، سکن ۽ سيني دين ڌرمن جي پوئلڳن جو مشترڪ مُرشد آهي. شاهہ سيني جو آهي، سيئي سنڌي اڄ بہ سندس معتقد آهن. سندس خاص پيغام ۽ فرمان، محبت ۽ برابري آهي. ننڍا وڏا سڀ برابر آهن. ٻيائي، ڪينو بغض ۽ قدرت سان بغاوت جو نتيجو سدائين ٻُرو نڪرندو:

هُو چُوِنِ ٿي، تُون مَ چَئُہ واتان ورائي،
اَڳ اڳرائِي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينَ ڪي.

اڳرائي (Aggression) اڄ ايڪويهين صدي عيسويءَ ۾ طاقت وارن جو دستور بڻجي ويو آهي. ڏسو تہ افغانستان، عراق، فلسطين ۽ لبنان ۾ ڪمزور مسلمانن سان ڇا ٿي رهيو آهي. لطيف اڳرائيءَ جي صورت ۾ مهاڏو اٽڪائڻ جو درس ڏئي ٿو:

سُورهيا مَرِين سوبَ کي، تہ دل جا وَهَمَ وِسار،
هَڻُ ڀالا، وِڙُهہ ڀاڪُرين، آڏي ڍالَ مَ ڍارِ،
مَٿان تيغَ ترارِ مارِ تہ متارو ٿيين.
(سر ڪيڏارو)

هن ڪانفرنس جو خاص موضوع، شاهہ لطيف جي رسالي جو سُر 'پرڀاتي' آهي. پرڀاتي يا وِهاڳُ صبح جي راڳڻي آهي، جنهن ۾ لسٻيلي جي سخت رونجهي سردار 'سپڙ' کي علامت طور پيش ڪري ڳايو ويو آهي. جيئن سر بلاول ۾ سمي 'ڄام جادم جکرو' کي ۽ سر 'سورٺ' ۾ جهوناڳڙهہ جي راجا 'راءِ ڏياچ' کي سنڌ جي سخي سردارن طور پيش ڪيو ويو آهي. شاهہ جي ڪلام ۾ اهڙي سوچ ۽ قومي جذبو سمايل آهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

اُپريو تارو، اُتي وَر وِهاڳُ ڏي،
سَپَڙُ رِيسارو، چِٽُ پرکي چارَٽين!
(سُر پورب)

۽

مِنيون لهي مُهاءِ، جي تو چانگا چُنيُون.
وَلڙيون وِهہ ساءِ اجا تو مُهنديون
(سُر کنيات)

حال ۾ مستقبل جو خيال، مٺين ڳالهين ۾ آئيندي جي ڪڙاڻ ۽ اهنج، اُتَ مثال نفس کي واڳڻ جو سبق لطيف جو درس آهي، جنهن کي هنئين سان لائي، ان تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

زندگيءَ جي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ لڳاتار جاکوڙ ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ سان گڏ مقصد جي سچائي، محبت جي مرڳ يا ڏکي واٽ وٺي هلڻ، پنهنجو پيرم رکڻ، سڄڻ کي سون برابر سمجهي، سون تي هر ڪجهي نہ وڃڻ، عزت نفس نہ ڪ لذت نس جو گهورائو ٿيڻ، اهڙا املهہ سبق شاهہ جي ڪلام جي هر سر ۾ موجود آهن.

آزادي، دنيوي زندگيءَ جو آغاز۽ انجام آهي. ڏهہ مهينا ماءُ جي پيٽ ۾ بند رهي، روح ۽ جسم جو مرڪب انسان جو ٻچڙو، آزاد ٿي هن دنيا ۾ اچي ٿو۽ پوءِ دنيا جي زندگيءَ جي رَسن ۾ ٻڌجي وڃي ٿو، پوءِ بہ نفس جي قيد کان آزاد رهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سندس روح طاقت وارو آهي، پر اڪثر الله جا بندا، پنهنجي نفس ۽ پاڻ جهڙين بين خود مجبور انسانن جي غلاميءَ ۾ زندگي گذارن ٿا. تاهم موت اچي کين آزاد ڪري ٿو.

شاهہ جو ڪلام معروضي (Objective) آهي، موضوعي (Subjective) ناهي، تاهم عالمن انهيءَ کي موضوعاتي سُرن ۾ تقسيم ڪيو آهي، جيتوڻيڪ هڪ ئي فڪر جو تسلسل تمام سُرن ۾ موجود آهي. لطيف رحہ جو درس ڏجي تہ سندس ڇاٽايل زندگي جي اصولن، مثال طور: اٽتڪ ڪاوَش جي ذريعي مقصد حاصل ڪرڻ، يعني اورچائي (Perseverance)، اَمر محبت (Immortal Love)، ايمان يقين (Faith and Confidence)، محنت جي عظمت (Dignity of Labour) وغيره ذريعي تعليم ڏني وڃي. لطيف جي درس ۾ سچائي ۽ سورمائي سان گڏ نهٺائي جو ڏس مليو ٿو. اڄ سنڌي ماڻهن کي جن خصلتن پيدا ڪرڻ

جو ٽڪڙو ڪپ آهي اهي سيئي ڳُڻ ۽ ڳِيان لطيف رحہ جي ڪلام ۾ موجود آهن. اسان کي گهرجي تہ نئين نسل کي لطيف جي تعليم سان آشنا ڪريون. لطيف جو پيغام پروڙيون ۽ اُن تي عمل ڪريون.

ضميمو (الف)

**SUBJECT: DARS-I- LATIF**

1. Rationale:

1.1 The poetry of Shah Abdul Latif Bhitai (1690-1752) Contains valuable educative matter on modern disciplines.

1.2 There is useful information on subjects like astronomy, physics, astrophysics, metaphysics, physiology, geology, geography, oceanology, history, liberalliteral and artistic humanities, sociology and philosophy.

1.3 The sufistic thought content of "Shah-jo- Risalo" has overshadowed the mundane knowledge, message and lesson of functional life, which are conveyed through the sufistic poetry.

1.4 Hence, it would be in the best interest of modern education to unfold the teachings of Shah Abdul Latif Bhitai through a series of textbooks titled "Dars-i- Latife" designed thematically and graded class and stage wise.

2. Curriculum:vide separate annexure A
3. Syllabi: -do- B
4. Textbooks: -do- C
5. Methodology: -do- D
6. Administrative, financial, -do- E

Functional implications and Suggestions:

A proposal presented to Saeen Mazharul Haq Siddiqui, Vice Chancellor, University of Sindh, Jamshoro in pursuance of personal discussion held recently.

November 22, 2005

Dr. Habibullah Siddiqui

ضميمو (ب)

**SUBJECT: TEACHING OF LATIFIAT CLASS-I- ONWARDS.**

1. 1.4

2. Curriculum: (Annexure-A)

2.1 Overall Objective:

a) To introduce teaching of Shah Abdul Latif Bhitai, as contained in his Risala (Poetry), thematically and class-wise.

b) Purpose is to bring about behavioural change and concept formation in the learners according to their mental level.

c) Academically the vocabulary will be graded to correspond to th contents of the core subject of mother tongue, Sindhi/ Urdu and English.

2:2 Goals and Aims:

A) Goals of education contained in the existing curriculum of primary, secondary and higher secondary levels will be adhered to: viz cultural, social, individual and international concepts formation and comprehension, as contained in the poetry of Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai.

b) Aims will conform to the age/class level, based on themes to be deduced from selected words, phrases, couplets quadruplicates, vyies, kaafis and verses from the Holy Quran employed by the poet to elucidate exact meaning and import.

3. Syllabi: (Annexure-B)

3.1 Procedures and terms of the format of the text books/ supplementary reading material will relate to the value system individual human/ personality development and social competence and understanding, including globalization and international cooperation concepts.

3.2 An expert committee will formulate the class- wise syllabus and draft guidelines for teaching the text books.

4. Text books:

Text books will be prepared through the Sindh Text Book Board and the Sindhi Adabi Board to be approved by the Curriculum Wing of the Ministry of Education and printed and published under the authority of Sindh Text Book Board in collaboration with the Sindhi Adabi Board at Jamshoro.

5. Methodology

5:1 The textbooks/ supplementary readers will be taught by (a) either the same teacher who teach the mother tongue, Urdu/ Sindhi or the English compulsory subjects, or by the teachers who opt/volunteer to teach Latifiat.

5:2 Calligraphy, illustrations, pictures and charts will be used as visual aids and audio cassettes/ tape recorders will be used to provide audio and correct pronunciation, intonation and delivery practice.

5:3 Students will be encouraged to render the poetry of Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai in various forms: writing charts, drawing and painting scenes, making an album of charts, drawings, paintings and collection of things described in the poetry like birds (their feathers, or picture) trees (their leaves and/or pictures mountains, lakes the river and other places.

6. Administrative, financial functional implication and suggestions.

6:1 Books (text books or supplementary readers) will be prescribed by the competent authority and taught by the employed teacher teaching the subject of Sindhi/ Urdu/ English.

6:2 The Sindh Text Book Board and the Sindhi Adabi Board will bear the cost of printing etc; or the book publishers registered with the Sindh Text Bookd Board/ Sindhi Adabi Board will be allocated the printing and the sale of the books on the usual (royalty basis payable to the STBB/ SAB/ Coordination Council for Promotion of Shah

Abdul Latif Studies/ Institute of Sindhology, if the latter are involved in financial support.

6:3 Committees to draft the syllabi and write the text book through experts, will be constituted to work honorary or an prevalent payment rates.

6:4 The expert may be engaged to form the syllabus and textbook preparation committees, on the nomination and with the coordination of the Bureau of Curriculum and extension Wing and the Sindh Text Book Board.

6:5 Themes: Allah, Prophet (peace be upon him),Shariat, Tariqts Sufism, Patriotism, universe, erath, Geographical information, monsoon, rain, agriculture, lakes, mountains, society:l ife of peasants, laborers, lowly people, professions, overseas, trade, history, philosophy of life, accountability, trust. love and devotion, greed, human weaknesses, social order, social ills, godly people, the right path, rights, relationships, educations and learning, fate, fatalism, activism, trials and tribulations, enmity and friendship, selfishness, selflessness and self accountability, traditions, costumers, feudalism, socialism, democracy and internationalism, egalitarianism, cynicism, prosperity, fertility, versatility, merit and competence, competition, existence, nothingness and nihilism, self-denial, self preservation, hope and futurology, repentance etc.

265هون عرس شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه

(ادبي ڪانفرس، اربع، 11 فيبروري 2009ع مطابق 15 صفر 1430هه: ايڪسيلينس سينٽر ڀٽ شاهه)

**

# لطيف جي شاعريءَ ۾ روحانيت ۽ اشاريت

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

حضرت شاهه عبداللطيف جو صوفين جي انهيءَ سٽ سان واسطو آهي، جنهن هن علائقي ۾ آسماني فڪر، الهام جي خوبين ۽ انسانيت جي سلامتي توڙي بقا لاءِ ڪوشش ڪئي. صوفي ازم ڪو فرقو ناهي، بلڪ هڪ روحاني رُخ آهي جيڪو انسان کي ذاتي مشاهدي جي بنياد تي خدا جي وجود ۽ ان جي صفات جي باري ۾ آگاهي بخشڻ ۾ آساني پيدا ڪري ٿو. هن تحريڪ ذريعي سياسي ۽ سماجي زندگي ۾ فڪري ۽ روحاني زاويا تلاش ڪري، مادي پيچيدگين ۾ سولائي آڻي سگهجي ٿي. يونان ۾ پهريون شاعر هومر هو جنهن پنهنجي شاعري ۾ اهڙي جدت آندي. هو شاعري ۾ اعتقاد ۽ مٿ (Myth) جي زبان ڳالهائي ٿو. مانواري چارليس ڊبليو مارس (Charless.w. marris) تصوف جي اهڙي اظهار کي زين اظهار (Zen form expression) ڪوٺيو. ڇهين صدي عيسوي ۾ چين ولايت ۾ هڪ ڪتاب شاعر شان هائي (Shan Hai) جي چيل آهي، جنهن ۾ پڻ زين اظهار جيان اشارا ۽ علامتون استعمال ڪيل آهن.

سنڌ ۾ بين ڪلاسيڪي شاعرن سان گڏ شاهه لطيف به پنهنجي شاعري ۾ تصوف ۽ روحانيت جي اظهار لاءِ اشاريت وارو طريقو اختيار ڪيو.

شاعري ۾ داخلي رويو رکندڙ تحليل نفسي کان متاثر شاعرن ۽ عالمن بودليئر ۽ فرائيڊ به ساڳيو طريقو اختيار ڪيو. بودليئر پنهنجي نظمن جو مجموعو "بدي جا گل" لکي پنهنجي حيثيت کي روشناس ڪرايو ۽ فرائيڊ وري انسان جي دماغ ۾ موجود شين جي علامتي معنائن کي علم جي حيثيت ڏني. پهرئين ڪائنات کي علامتن جو جهنگل ڪوٺيو ۽ ٻي وري انساني دماغ ۾ موجود علامتن جي باغ جي نشاندهي ڪئي. اصل ۾ اها هڪ ڪوشش هئي

خارجي شين ۾ حقيقت ۽ سچائي ڳولڻ جي.

سنڌي ادب ۾ ڪٿي لطيف سائين ۽ سچل سرمست کي بہ ترقي پسندن جي صف ۾ شامل ڪري، انهن جي شعرن مان اهڙي معنيٰ ڪڍي ويندي آهي، جيڪا خبر ناهي تہ سيني شاعرن ۽ نقادن جي مرضي مطابق آهي يا نہ؟

خارجي شاعري وري سماجي ۽ معاشي طريقي موجب مارڪسن جي اثر هيٺ لکجڻ لڳي. ترقي جي ڳولا لاءِ داخلي ۽ خارجي جا لفظ مڙهڻ دراصل شاعري جي تحريڪي رُخ کي محدود ڪرڻ آهي. بنيادي نقطو بنهي جو ساڳيو آهي يعني ادبي هڪ هٽي کي ختم ڪرڻ، اسلوب ۽ لغت ۾ نواڻ آڻڻ ۽ بيزار ڪندڙ معاشي، سماجي ۽ نفسياتي پابندين خلاف آواز اُٿارڻ. اهڙين ٿڪائيندڙ ۽ منجهائيندڙ حالتن مان چين جو هڪ صوفي شاعر لائوزو بہ گذريو آهي. هن چيو:

جڏهن ماڻهن ۾ طريقت جو زوال آيو،
تہ مهرباني ۽ اخلاق ان جي جاءِ ورتي،
پوءِ عقل ۽ خِرد وجود ۾ آيا،
۽ پاڻ سان گڏ منافقت بہ آندائون،
جڏهن ويجهن مائٽن جا تعلقات پاڻ ۾ خراب ٿيا،
تہ گهر کي هلائڻ لاءِ قاعدا جوڙيا ويا،
جڏهن ملڪ ۾ اوندهہ ڇانئجي وئي ۽ گهريلو ويڙهہ شروع ٿي،
تہ سرڪار سان وفاداري جو رجحان وڌيو.

سنڌ ۾ شاهہ سائين جي دور تائين ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪمراني هئي. درباري زبان فارسي هجڻ ڪري ادبي اظهار جو ذريعو بہ اُها ئي زبان هئي. نتيجي ۾ هتي هڪ مخصوص وڏ ماڻهائپ جو ڳولائو حڪومت جو وفادار طبقو پيدا ٿي پيو ۽ عام ماڻهو جذباتي توڙي فڪري لحاظ کان حڪومت ۽ اظهاري ذرين کان ڪٽيل رهيو. ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهہ سائين، پورهيت، هاري ناري ۽ پيڙهيل طبقي جي نمائندگي ڪندي، سنڌي زبان ۾ اظهار جي اهميت کي اجاگر ڪيو هن چيو:

جي فارسي سکيو، گولو توءِ غلام (آسا ـ 4 ـ 23)

شاعري ۾ علامتي رويو دراصل شاعر جي داخلي ڪيفيت سان واسطو

رڪندڙ عمل آهي. تهذيبي ارتقا کان وٺي انساني شعور توڙي لاشعور تي جبلتن جي حڪمراني رهندي آئي آهي ۽ اهڙين خواهشن جي تڪميل لاءِ ڳولائو ۽ سوچيندڙ ماڻهن شين ۽ ماحول جو ادراڪ حاصل ڪرڻ ۽ حقيقتن تائين پهچڻ لاءِ علامتن جو سهارو ورتو. هونئن به ڪائنات جون سڀ شيون خارجي طور تي مخلوق آهن ۽ انهن جو عرفان تڏهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن حياتياتي ۽ مادي شين کي واضح ڪرڻ لاءِ انهن کي ڪو تصوراتي روپ ڏجي.

لطيف سائين به اهڙن ڳولائو جوڳين مان هڪ هو جنهن کي سنڌي زبان جي واڌاري ۽ شين کي معنوي عرفان بخشڻ لاءِ سدائين اونو رهيو. اهو ئي سبب هو جو هو سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي ماڻهن سان مليو ۽ انهن جي ثقافتي سماجي ۽ نفسياتي روين کي ويجهڙائي ۾ ويهي ڏٺو. اتي پيدا ٿيندڙ وڻن، ٻوٽن، پکين ۽ جانورن توڙي جيتن جي چرپر ۽ عادتن اطوارن ۽ ماحولياتي تبديلين جو جائزو ورتو، انهن کي معنوي شڪل ڏني. هن جو روحاني شغل به اهڙي سوچ ۾ مستغرق رهيو. هو پنهنجي من ۾ پيدا ٿيندڙ سوچ کي فڪر ۽ ان جي عمل کي ذڪر ڪوٺي ٿو. هو اهڙي عمل ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو ته:

سيوا ڪر سمنڊ جي، جِت جَرُ وهي ٿو جالَ،
سَئين وَهن سِيرَ ۾، ماڻڪ موتي لالَ،
جي ماسو جُڙيئي مالَ، ته پوڄارا! پُر ٿئين.
(سريراڳ: 2_3)

سي پُوڄارا پُر ٿيا، سمنڊُ سيويو جن،
آنڌائون عَمِيق مان، جُوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرِن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو ان جو.
(سريراڳ: 2_4)

”سمونڊ“ علامت آهي ڪائنات جي ۽ پوري انسانذات جي لاءِ. ماڻڪ، موتي ۽ لال اشارو آهن، روحاني رهبر_ سائنسدان، خلائن ۾ تجربا ڪندڙ الهامي خبرون ڏيندڙ ۽ ڪميونيڪيشن جي ماهرن ڏانهن جن جو ڪو مٽ ثاني ڪونهي. اهي جيڪڏهن پنهنجي تجربي جو ذرو ئي عنايت ڪن ته پوري انسانيت مهڪي پوي. ٻنهي بيتن ۾ روحاني ۽ مادي اشارا موجود آهن.

روحاني يا مادي ترقي لاءِ پنهنجي حيثيت مٽائي، مان ۽ ايگو کي ترڪ

ڪري، ڪنهن سونهين جي صحبت اختيار ڪرڻي آهي. لطيف چوي ٿو:

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ من پوري منجهہ مار،
دائم دونهين دل ۾، تن سين مالها وار،
سَهُہ سيڪا آرِ، آڳي جي ادب سين.
(رامڪلي: 4_6)

هن بيت ۾ جوڳي ۽ آڳو شين جا حياتياتي تصور آهن. جوڳي اشارو آهي پرائيندڙ يا اسڪالر ڏانهن ۽ آڳو علامت آهي مرشد يا گائيڊ. سونهين جي. روحاني شغل ۾ مرشد جو ادب ۽ ان جي واٽ وٺڻ ضروري آهي ۽ سائنسي يا مادي ترقي لاءِ ماهر ڪاريگر يا پروفيسر ۽ سپروائيزر جي ضرورت پوي ٿي. بنهي حالتن ۾ من ۾ مرشد يا رهبر لاءِ سندس ولايت يا مهارت جو پختو ويساهہ ويهارڻو آهي.

مرشد يا ماهر جي سوچ ۽ لوچ سان گڏ هلڻ جي تاڪيد ڪندي لطيف چوي ٿو:

جي پانئين وَسَ چران، تہ سنگهارن سين لڏ،
تہ هاچي سندي هَڏِ، ڪُوڪ نہ سُڻين ڪڏهين.
(ڏهر: 4_30)

هن بيت ۾ "سنگهارن سين لڏڻ" مان مراد آهي روحاني رهبر يا رهنما جي سوچ کي مان ڏيڻ. اهڙي ريت ڪيل روحاني رياضت ۾ نہ نقص پيدا ٿيندو ۽ نہ سائنسي ايجادن کي هاڃو رسندو.

لطيف سائين اهڙن رهنمائن ۽ ماهرن کي آڳڙيو سراڻ هلائڻ جي فن جو ماهر ۽ تيغون تکيون ڪندڙ ڪوٺيو آهي. هو چوي ٿو:

اڄ آڳڙيا آئيا، سوُڏا سِراٽي،
پياري پاٽي، تيغون ڪندا تکيون.
(يمن ڪلياڻ: 3_24)

وحدت جو عرفان حاصل ڪرڻ ۽ سائنسي دريافتن ۽ ايجادن جي جاڻ لاءِ روحاني مرڪزن ۽ سائنسي رسدگاهن يا يونيورسٽين ڏانهن رجوع ٿيڻو آهي. اتي عارف بالله، سائنسدان، ماهر پروفيسر ۽ عامل موجود هجن ٿا ۽ اهي طالبن جي تات ۽ طلب جو پورائو ڪن ٿا.

لطيف سائين جو پهريون مرشد شاهہ حبيب (سندس والد) ۽ مرڪز

سندس "اوتارو" هو. عشق جي امانت سنڀالڻ کان اڳ ۾، يڪسوئي اختيار ڪرڻي پوي ٿي. تصوراتي سوچ ۾ گم شاهه لطيف، واريءَ جي پٽ تي ويٺي، ڏڪجي ويو هو. تڏهن سندس مرشد شاهه حبيب سڏيندي چيو هو:

"لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا ڏڪجي."

مرشد جي آواز کي لبيڪ چوندي، شتاجي سان وراڻيائين:

"پئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرين جي."

سالڪ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته هو سدائين مرشد جي نگاهه ۾ رهي. مادي ڪائنات جي محدوديت کان بچڻ لاءِ، شاهه کي پختو ويساهه هو ته مرشد کيس هر هنڌ پنهنجي نظرن ۾ رکي ٿو. اهو ئي سبب هو جو هن پاڻ کي ڪڏهن به وحدت يا آڳي کان ڌار نه سمجهيو، چيائين:

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪو لڳ لحم،
ٻٽيو هو نه ٻت ۾، اڃا ڪي آدم،
مون توهين سين سڱ، اُها ساڃهه سڃرين.
(مارئي:1_6)

نسل آدم ۽ انساني ارتقا جي تاريخ تمام پراڻي آهي. پر لطيف سائين هتي جيڪو روح ۽ رب جي وچ ۾ رشتو ڳنڍي ٿو، اهو اڃا به قديم آهي. جڏهن نه ڪا ٻولي ٻري ۽ نه ڪو گوشت جو لوٿڙو رحم مادر ۾ جڙيو هو. اهو سڱ سياپو تڏهن کان هو. روح کي اهو ارمان آهي ته منڊ ۾ هو آڳي جي وجود سان جڙيل هجڻ ڪري نفسياتي پليدگي کان پاڪ هو. پر جڏهن کيس امر کان ڌار ڪيو ويو ته ڏهاڳ سان گڏ نفساني پليدگي به شامل ٿي وئي.

هتي لطيف سائين انسان کي سندس مرتبو ياد ڏياريندي کيس چيو ته شعوري طور تي تون وحدت جي دائري جو وچون جزو آهين، جنهن کي تقسيم نٿو ڪري سگهجي. بلڪ ذڪر، فڪر، عمل ۽ ايجاد سان، ان ۾ وڌيڪ سگهه ۽ روشني آڻي سگهجي ٿي. انساني رياضت ۽ ايجاد جو ڪمال اهو آهي جو ڪڏهن "ايٽم" جي دريافت دنيا ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو ته اڄ وري "نيوٽريناس" جزي جي دريافت دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.[1]

[1] جنيوا (سئٽزرلينڊ) ۾ ڪم ڪندڙ دنيا جي چند چونڊ سائنسدانن، نيوٽريناس جزو دريافت ڪيو آهي، جيڪو روشني کان وڌيڪ تيز رفتار آهي. ان دريافت وقت ۽ رفتار جون حدون ختم ڪري ڇڏيون آهن. سائنسدان چون ٿا ته ٿي سگهي ٿو "نيوٽريناس"

روح کي پنهنجي مرڪز کان ڇڄي ڌار ٿيڻ جو احساس سدائين ستائيندو رهي ٿو. جنهن سالڪ ۾ جدائي جي غم جو احساس جيترو گهڻو آهي، اُهو اوترو ويراڳي ماهر ۽ سوچيندڙ بڻجي پوي ٿو. بُلهي شاهه بہ شدتِ جدائي ۾ آلاپيو آهي.

ڪُن فيڪون فرمايا جَدان، اسان ڪول تُسان دي هاسي،
نفس پليت پليت ڪيتا، اسان اصل پليت نہ هَاسي،
فرقت خير خراب ڪيتا، نہ تان جَاتي هَاسي خاصي،
وچي الله والي تار، وچي مرشد والي تار.
الله۔ الله۔ الله۔ الله۔ الله.
چينا اِين ڇَڙيندا يار.

روحاني يا مادي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ سالڪ يا اسڪالر کي سوچي سمجهي منزل بمنزل اڳتي وڌڻو آهي. لطيف سائين اهڙي جاڻ بخشيندي چيو تہ:

اصغر ڏي آهين گهڻا، تون اڪبر ڏي آءُ،
متان لوڙهو لاهئين، مجوسي مٿاءُ،
حيدر جي هٿاءُ، وڙهہ تہ ويري مارئين.
(بلاول: 3_4)

'اصغر' عالم ملڪوت يا برزخ اصغر ڏانهن اشارو آهي. هن کي عالم مثال بہ چوندا آهن. عارف باالله هن دنيا جو سير سفر سجاڳي ۽ ننڊ ٻنهي حالتن ۾ ڪندا آهن. جڏهن تہ عام ماڻهو ننڊ ۾ هن دنيا جو سير ڪندا آهن. هن کي خيالن، تصورن ۽ روحن جو عالم بہ چئبو آهي. 'اڪبر' عالم جبرت يا برزخ اڪبر ڏانهن اشارو آهي. هن کي حقيقت محمدي يا وحدت جو عالم چئبو آهي. هن جون بہ ڪمانون آهن اورين ڪمان حقيقت آدم يا حقيقت انسانيت ۽ وحدانيت آهي.

---

ڪنهن پنجين جهت ذريعي سفر ڪن ٿا. جنهن جي اجا تائين خبر پئجي نہ سگهي آهي. هي پنجين جهت خلا جي ٽن جهتن ۽ وقت جي چوٿين جهت کان سواءِ آهي.

هن نئين ايجاد جي وضاحت ڪندي واسطيدار سائنسدانن چيو آهي تہ هي ايجاد قدرت جي هڪ بنيادي ۽ اونهي ڳالهہ ڏانهن دروازو کولي ٿي، جنهن جي حقيقت جو ادارڪ اجا اسان کي ڪونہ ٿي سگهيو آهي.

عالم اصغر وچ تي آهي، عالم اڪبر مٿانهون. پهريون عالم ملڪوت ۽ ٻيو عالم جبروت ۽ ٽيون آهي عالم ناموت، جيڪو هيٺيون طبقو آهي (جنهن جو ذڪر شاهہ صاحب هتي ناهي ڪيو.)

'مجوسي' [2] اشارو آهي انهيءَ صوفي ڏانهن جنهن وحدت جو مقام ماڻيو هجي.

اشارو آهي سالڪ جو صوفياڻي رمز تي سدائين قائم رهڻ ۽ ان کي ترڪ نہ ڪرڻ. حيدر جي هٿاءُ، حضرت علي حيدر همت، غيرت ۽ دانشمندي ڏانهن اشارو آهي. غيرت معنيٰ غير يا ڏاريائپ نہ رهڻ جيئن عاشق ۽ پرين جي وچ ۾ ڪو ٻيو نہ رهي.

مٿين بيت ۾ لطيف سائين سالڪ ۽ اسڪالر کي سمجهائيندي چوي ٿو تہ اصغر (عالم ملڪوت) يعني خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهندڙن جي تہ گهٽائي آهي، ڪي ٿورا آهن جيڪي اڪبر (عالم جبروت) ڏانهن وڌن ٿا. توکي عالم اڪبر ڏانهن اچڻ گهرجي، جتي ابدي آرام ۽ آسائشون آهن. جتي حقيقت محمدي ۽ وحدانيت (One ness) آهي، ڏاريائپ ۽ غيريت (Other ness) ناهي. پر اتي پهچڻ لاءِ توکي دنياوي خيال ۽ خواب ڦٽا ڪري، فنا في الله جي مقام تي پهچڻو آهي. تون همت، حوصلي ۽ دانشمندي سان رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن تي ڪنٽرول ڪري سگهين ٿو.

انسانذات جي ڀلائي بهتري لاءِ بہ اهڙا ئي اصول هندائي، دنيوي ۽ مادي ترقي ماڻي سگهجي ٿي.

جڏهن انسان انهيءَ منزل تي پهچي ٿو تہ پوءِ کيس هر مظهر ۾ ذات معبود جو پرتو نظر اچي ٿو. لطيف فرمايو:

هو تون، آئون، اسين، چارئي چتان لاهہ،
سندي دوزخ باهہ، تہ تو اوڏيائي نہ اچي.

صوفين جي خيال موجب ساري ڪائنات، سڀ نالا، رنگ روپ وحدت ۾ سمايل آهن. ڪائنات جي هر مظهر ظاهر باطن ۾ حق موجود آهي. انهيءَ

---

[2] مجوسي (Magus) صوفياڻي رمز موجب ان صوفي کي چئبو آهي، جنهن وحدت جو مقام ماڻيو هجي. يعني محبوب جي آڳ ۾ سڙي فنا ٿي ويو هجي. زند بہ مجوسي کي چئبو آهي ۽ زند (Zhend) زردشتين يا پارسين جو مذهبي ڪتاب آهي. لفظ 'زنديق' زند جي مناسبت سان نهيو آهي، يعني زردشتي مذهب وارو يا مجوسي.

ڪري ئي 'تون' ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. هو ذات مطلق ڏانهن اشارو آهي ۽ 'آئون' ظاهر جي علامت آهي. 'تون' ۽ 'اسين' پوري سنساري ذرن ڏانهن اشارو آهي. آئون، تون، هو ۽ اسين هڪ ئي حقيقت آهن. اهي ڪثرت جا ڏيک آهن.

جيڪو انسان سڀ ويچا وساري، ٻيائي کان ٻاهر رهي، هيڪڙائي جو گمان ڏاري شين جي تقسيم ڪري ٿو اهڙي انسان جي وجودي جنت ۾ امڪاني دوزخ داخل نه ٿيندي.

هونئن به جلال ۽ جمال جون صفاتي علامتون جتي ظهور ڪنديون، اتي حق جي عظمت ۽ ڪبريائي واسو ڪندي. مان ۽ تون جو گمان، غائبيت ۽ دوئي دور ٿي ويندي. هرپاسي پنهنجائپ ۽ سک سلامتي هوندي.

ڪاري رات، اڇو ڏينهن، اِيءُ صفتان نور،
جِتي پرين حضور، تِتي رنگ نه روپ ڪو.

## مددي ڪتاب/ حوالا


1ـ شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو' 61ـ1960ع.
سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر: 'شاهه لطيف جو علامتي شعور' 2007ع.
تنوير عباسي: 'شاهه لطيف جي شاعري' 1976ع.
جي آر پوري ۽ ٽي آر شنگاري: 'سائين بلهي شاهه' 2000ع.
تاج بلوچ (ايڊيٽر): سوجهرو ماهور جنوري 2012ع.
الطاف ملڪاڻي: 'داستان حلاج' 2003ع.


**

# حضرت شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي مقبوليت جا ڪي اسباب.

محمد اياز قريشي

اسان جو موجوده دور ”بين الاقواميت“ تي نازان آهي، حالانڪ انهيءَ نظرئي جو بنياد ديني خواه قانوني طور اج کان تقريباً چوڏهن سؤ سال اڳي رکيو ويو. پر انهيءَ هوندي به اسين مسلمان اج به دل و جان سان ”پڪا قوم پرست“ آهيون. اسان جي سنڌ سونهاري سوين شاعر ۽ درويش پيدا ڪيا آهن، جن مان هر هڪ پنهنجي جاءِ تي هڪ خاص درجي ۽ منزل جو صاحب آهي، مگر ڀٽائي صاحب هر جاءِ تي هر دلعزيز آهي. سندس نالو ٿر، ڪاڇي، لاڙ سري، ڪڇ ۽ ٻيلي ۾ ٻاروءَ نروار آهي ۽ سندس ڪلام جتي ڪٿي عام توڙي خاص جي زبان جو ورد وظيفو آهي. شاهه صاحب جي عالمي مقبوليت لاءِ اول هي ڳالهه آئي آهي ته ساري دنيا ۾ سندس ڪلام ڳائجي ته انسانذات جهومي اٿي پوءِ ڪٿي انهن کي مطلب صحيح سمجهڻ ۾ اچي يا نه. هن عالمي شخصت جي ڪلام جي هاڪ ملڪان ملڪ پهچي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان اديبن ۽ عالمن جي دماغن کي معطر ڪري ڇڏيو آهي؛ جو سندس ڪلام وڃي، ٻڌندڙ جي جيءَ ۾ وڃي جايون ڪيون.

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.
(شاهه)

شاهه صاحب جا مرڪزي سُر ۽ سورمين جو احوال:

شاهه صاحب سيني قصن کي ڳايو آهي، ان ۾ مرڪزي ”سُر“ ۽ سورميون جس جي لائق آهن. جن ۾ ”ستر سهڻي“ ۾ ڀٽائي صاحب ويهي مهراڻ جا مانداڻ منديا آهن:

”مئي متي مهراڻ ۾، پئو ٽپو ڏيئي.“

1. سهڻي ۾ ميهار ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

توڏيءَ ٻي نه تات، ميهارئي من ۾،
جه پڙ پيس رات، هو ساهڙ هوءَ سهڻي.

2. سر سسئي ۾ وري شاهه صاحب جبل ۾ ڪاڇي، پٻ، هاڙي، لس ٻيلي، ڪيچ ۾ مڪران واري ملڪ جي عشق ۾ انساني درد جو داستان بيان ڪيو آهي:

”وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو ۾ جر،
ڪوسا تپن ڪڪرا، ٻي دم دم تپي ڏَر،
ويچاري ڏي ور، پير نه لهي پرين جو.

3. سرمارئي ۾ شاهه صاحب وري مارئي جي ”حب الوطني“ غريبن جي سادگي ۾ سچائي کي ۽ ٿر وارن مارن کي چمڪايو آهي.

4. اي نه مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي،
پرم پاروڙي رهي، جنهن ۾ اَچي آن،
پاچاهي نه پاڙيان سرتيون سئيءَ ساڻ.

5. سرمومل راڻو: شاهه صاحب، سنڌ ۾ جيسلمير جي وٽ يعني ته ڍٽ جو افسانو آهي، جو لڌاڻي ۾ ڪاڪ جي راڻي سوڍي ۾ گاڏيلي جي گجر جو عشق جو داستان آهي. راڻا ۾ راجپوت، ڪرها ۾ وڳ، ڍوليا ۾ ڍٽ هن پاسي جا اهڃاڻ آهن. جيئن ته رات جو مجاز عاشق جو انتظار، نڪتن جي نهار، رسڻ ۾ پرچڻ، محبت ۾ مجاز جون لوليون آهن.

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس
نه ڪا عام نه خاص، وياسي وڍيا
(شاهه)

هاڻي، هڪ نماڻي ڪوشش سان رسالي ۾ تحقيق ڪرڻ کان پوءِ شاهه صاحب جي ڪلام مان سونيون سٽون 110 پيش ڪريان ٿو جي لفظ ”س“ مان آهن جي اميد ته قبول پونديون.

1. سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار.
2. ساريان ڪانه سرير ۾، طاقت توهان ڌار.
3. ساريان ڪونه سُڪوءِ، سو گهٽيئي سنيران.

33. سنيريو جيان، ڳالهيون پِريم تنهنجون.
34. سنجهي سَت گذاريان، جي اچي شال! سُور.
35. سنگهارن شرم، رک منهنجا سپرين.
36. سنهي سٽَيءَ سبيو مون ماروءَ سين ساهہ.
37. سٽي ويڙ ڪنن سين، ورائج مَروري.
38. سُونهون جو سات جو، ڏسان شال اکيين.
39. سُونَهين جي صلاح، وٺ تہ وِيرُ لنگهي وڃين.
40. سُورهيہ! مرين سوپ ڪي، تہ دل جا وهم وسار.
41. سُورهيہ سچائي، جوڙگوئي رڻ گهڙي.
42. سُورن اسان ساڻ، ننڍي ئي نينهن ڪئو.
43. سؤ سکن ڏيئي، وِرهہ وِهايم هيڪڙو.
44. سهسين سرهايون لائيان، تن ڪي خاطر تن.
45. سکيو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.
46. سيويو جن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين.
47. سيوا ڪر سمنڊ جي، جتي جر وهي تو جال.
48. سوئي راهہ رد ڪري، سوئي رهنماءُ.
49. سو مون سڌ سنُهاءِ، جنَ ٻانهي ڪوٺن ٻاجهہ سين.
50. سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُتيجن هٿ ڪيو.
51. سي ڪئَن وڃن وسري، جي جيءَ اندر جاني؟
52. ساري رات سبحان، سودو ڪن صاحب سين.
53. ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو.
54. ساهڙ جام سچو، ساٿي ٿيندم سير ۾.
55. ساهڙ سا سهٽي، ساٿر پڻ سوئي.
56. سائينءَ لڳ ستارا! ميٽ مدايون منهنجيون.
57. ستر ڪر ستارا! آءٌ اُگهاڙي آهيان.
58. سر ۾ پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهہ.
59. سڪڻ ۾ سوري، ٻئي اکر هيڪڙو.
60. سکو سپن ڪان، سرتيون! ريت سکڻ جي.
61. سپ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي ٻيو ٻروچ ري.

62. سپر سيءُ پيو، نہ مون سوڙ نہ گدڙو.
63. سپاجهو ستارا! سنڌ سيپئي ڪري.
64. سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين نہ پيئي ڪل.
65. سنجهي مون نہ سنياليو، صبح ساريم سور.
66. سندو واري ڪوٽ، اڏيو اڏبو ڪيترو؟
67. سو پرين سو پساهہ، سو ويري سو واهر.
68. سو پکي، سو پيجرو، سو سر، سوئي هنج.
69. سو هيءُ سو هو، سو اجل، سو الله.
70. سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي.
71. سهہ سيارو، پاٽي پارو، جت جهڙ، جهڪ ۽ جهول.
72. سهسين سائر ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ.
73. سهسين شڪرانا ڪوڙين پال ڪريم جا.
74. سئين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال.
75. سوڍا! تو ڳر ساهہ، نات راتا گهٽا راج ۾.
76. سر سانداڻ پچج، گهر لوهار جو!
77. سدا سُپرين لاءِ ويني، آئون ڪانگ اُڏايان.
78. سپ سُوالي سَمَگَئا، داتا ڏيئي دانَ.
79. سپيئي سئينءَ ڪرين، ڪوم منجهائين وات.
80. ساڄن سونهن سرت، وڪان ٿي ويجهو گهٽو.
81. سارج سيپئي، ليلا لکڻ پنهنجا.
82. سا مجلس ٿي مٺ، جي حاصل هوءِ هزار جو.
83. سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت ان جي.
84. سر هيون سي سرتيون، حاضر پاسي حق.
85. سڪيءَ ٻڌن جي، ساهڙ ساٿي تن جو.
86. سدا سانوڻ ڏينهڙا، هٿن نہ هونداءِ.
87. سهہ سيڪا آر، آڳي جي ادب سين.
88. سڪين ٿي مر سنري، پسي ڏک مر ڏر.
89. سگهن سڌ نہ سور جي، گهايل ڪيئن گهارين.
90. سر تين سانگ سکن جو، مون کي رويو رهائين.

91. آسڻ وٽ آهون ڪريان، وس نہ منهنجي وات.
92. سورن سانڍيياس، پورن پالي آهيان.
93. سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنپ ڏيهاڙ ڏين.
94. سو ساراهہ سچو ڌڻي چئي، حمد حڪيم.
95. سر تيون سجي سچ، متان ڪا مونسين هلي.
96. ستيءَ سيني ساريا، جي پاٽر جا پنوهار.
97. سر تيون دعا ڪجاهہ تہ پرم ياروڙيءَ رهي.
98. سپ ۾ پنهون پاڻ، پيو ناهي ٻروچ ريءَ.
99. سڙ سنوان لاڇو نوان، اولا سندن عاج.
100. سُو سرن پائي، جي تند برابر توريان.
101. سون برابر سڳڙا ماروءَ سندا مون.
102. سهسين سجن اُپرئي، چورا سي چندن.
103. سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصان ئي نگيو.
104. ستا سپ پيئي، سندي معلم آسري.
105. سوڍا پيا بہ سجاڻ، ريءَ راٽي جي ناهہ ڪو.
106. سمون سخاوت جي، وينو پڇي پَر.
107. سو هيءَ، سوهو سو اجل، سو الله.
108. سي وجن نہ وينجهار، پاٽيت جي پر ڪٽا.
109. سدائين سفر ۾ رمن متي راهہ، پري پورب پنڌ ڏي منجهہ موالي ماءِ.
110. جن جي الک سين آگاه، هلوا! تہ تڪيا پسون تن جا.

آخر ۾ مان چوندس تہ شاهہ صاحب جو اهو انداز بيان رڳو سسئي، مارئي، سهڻي، مومل ۽ ليلا جي عشق جو پرسوز آهن ۽ درد انگيز دانهن تائين محدود ڪونهي، پر معرفت ۽ تصوف جي عميق ۽ دقيق موضوعن ۾ بہ سندس اسلوب بيان ڪان ڏار نٿو ٿئي. هي تصوف ۽ ويدانيت جي وڏن وڏن مسئلن کي عشق ۽ محبت جي حسين پيرائي ۾ اڙوهي لظانت سان پيش ڪري ٿو جو ٻڌندڙ جي دلين تي نقش ٿيو وڃن.

ڪئو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو.

تنهه ۾ تنهين تون، ٻي لات نه لحظي جيتري.
آچارا عميق جا، گڏئا غواصن،
جهڙيون جهاڳي جن آئيا ڪارونيار ڪنن،
سمنڊ سوجهي جن، آڻي آمل اولئا.
(شاهه رحه)

**مددي ڪتاب**

پيام لطيف: تحفه لطيف.
ڪامل جو ڪلام: پروفيسر جهتمل خوبچند ياونائي.
رسالو مقالا بين الاقواميت: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
ڊاڪٽر علامه آءِ آءِ قاضي.
غلام مصطفيٰ قاسمي
مهراڻ رسالو 1975ع

**

# شاهه سائينءَ جي رسالي جا ٻه مکيه ڇاپا

هيرو ٺڪر (دهلي)

ورهاڱي کان ٽيهارو سال اڳ ۽ ڏهاڪو سال پوءِ واري زماني دوران سنڌيءَ جي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ آساسي سنڌي شاعري، ان جي ايياس ۽ پرک پروڙ جو غلبو رهيو. ويهن واري زماني تائين ته اجا ترقي پسنديت به جنم نه ورتو هو. مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڄيٺمل پرسرام، پرمانند ميوا رام، لالچند امر ڏنو مل، ڀيرو مل مهرچند ۽ لالسنگ اجواڻيءَ جهڙا ٻوليءَ ۽ شعر جو مرم ڄاڻندڙ اديب خوب سرگرم هئا. ان کان اڳ ڊاڪٽر ٽرنڦ ۽ ايچ ٽي سورلي جهڙن يورپي عالمن شاهه سائين جي ڪلام تي، جيڪو ڪم ڪيو هو، تنهن سبب ته اساسي سنڌي شاعريءَ جو مان پاڻ اجا به مٿانهون ٿي ويو هو.

اهڙيءَ ئي فضا اندر 1923ع ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ (1883_ 1947ع) جو "شاهه جو رسالو" منظرعام تي آيو. رسالي جي اشاعت جي ضرورت بابت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪتاب جي 'مُنڍ' ۾ لکيو هو ته:

"جيتوڻيڪ شاهه جي رسالي جا ٻه چار جدا جدا ڇاپا موجود آهن، ته به افسوس آهي جو هيل تائين ڪنهن به تڪليف وٺي سچوءِ صحيح ڇاپو پڌرو نه ڪيو آهي. يورپ جو هيڏي وڏي اوج ڪي رسيو آهي، تنهن جو هڪ ڪارڻ هي به آهي، جو سڀ ڪنهن علم ۾ ۽ هنر ۾ خصوصاً ادب ۾ اتان جي عالمن گهڻي کوجنا ڪئي آهي. جيڪڏهن شاهه لطيف جهڙو عاليشان شاعر يورپ ۾ پيدا ٿئي ها، ته سندس ڪلام جي صحيح نسخي تيار ڪرڻ ۾ ڪيترائي عالم پنهنجون حياتيون صرف ڪري ڇڏين ها ۽ هزارها ڇاپا معنائن ۽ شرحن سميت نڪري وڃن ها... اهڙيءَ حالت ۾ واجب ڄاتو ويو ته هن بزرگ شاعر جي ڪلام ڪي سندس ذاتي حسن ۾ ظاهر ڪجي."

گربخشاڻي صاحب اهو رسالو تيار ڪرڻ وقت ان وقت موجود سڀ ڇاپي

رسالا (تريف صاحب وارو رسالو بمبئي واري سنگي ڇاپو) ۾ ٻُلڙي، ڀٽ شاهہ ۾ مير عبدالحسين سانگيءَ وارا ٽي قلمي نسخا سامهون رکيا هئا ۾ پڙهڻيون پيٽيون هيون ۾ جيتوڻيڪ لکيو ڪو نہ اٿس، پر گهڻو ڪري 1913ع ۾ نڪتل مرزا قليچ بيگ وارو رسالو بہ ڌيان ۾ رکيو هونداءين. رسالي جا ٽي پاڱا جوڙڻ وقت برٽش ميوزيم، لنڊن وارو قلمي نسخو بہ پيٽيو هئائين. بلڙيءَ وارو قلمي نسخو شاهہ سائينءَ جي وفات کان فقط 28 سال پوءِ جو جوڙيل آهي، جنهن مان ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جدا جدا ماخذن جون مختلف پڙهڻيون، هر صفحي تي فوٽ نوٽ ۾ ڏنيون ويون آهن. بيتن جون صحيح پڙهڻيون ڪڍڻ ۾ ٽِہ پاسائين حڪمت عملي اختيار ڪئي اٿائين. هڪ تہ جيڪي باسَنَد ماخذ آهن ۾ جن جون پڙهڻيون بي تنازع آهن، سي ڪنيون اٿائين. جتي جتي تڪراري ۾ فاسد پڙهڻيون آهن، اُتي مختلف پڙهڻين کي پاڻ ۾ ڀيٽي اندريون ۾ ٻارهين شاهدين ۾ پنهنجي شخصي علم ۾ شعور موجب پڙهڻيون طئي ڪيون اٿائين. جزوي جاين تي، جتي ڇاپي يا قلمي نسخن جون پڙهڻيون ڪيس نهايت فاسد نظر آيون آهن، اُتي قياسي (Speculative) پڙهڻيون اختيار ڪيون اٿائين. (مُنڍ). ڊاڪٽر صاحب سنڌي ۾ فارسيءَ جو تہ ماهر هو ئي پر ساڻ سنسڪرت جي بہ ڄاڻ رکندڙ هو. تنهن ڪري سندس قياس آرائيون بہ ڪن بنيادن تي ٻيٺل آهن.

هن رسالي جي هڪ خوبي اها بہ آهي، جو اُن کان اڳ وارن ڇاپن ۾ قلمي نسخن ۾ ڪي بيت، جيڪي مضمون جي خيال کان هيٺ مٿي ٿيل هئا، سي پڻ هن رسالي ۾ مضمونن جي مدنظر موافق هنڌن تي ويهاريا ويا هئا. هي شايد پهريون دفعو هو جو پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ بيتن جي هر لفظ تي اعرابون پڻ ڏنيون ويون هيون.

گربخشاڻي واري رسالي شايع ٿيڻ کان اڳ شاهہ جي رسالي جي ٻن ٽن سُرن کي ڇڏي باقي سموري ڪلام جي شرح ڪانہ ڪئي ويئي هئي. گربخشاڻي پهريون شخص هو جنهن اهڙي قسم جي ڪوشش سرانجام ڏني. مصنف رسالي جي مُنڍ ۾ اها بہ دعويٰ ڪئي آهي تہ ڪانئس اڳ وارين ڪوشش ۾ ڪيترن ئي لفظن جون معنائون ڏڪي بازيءَ يا اوٽ تي پٽي ڪيون ويون هيون. هن معنيٰ ۾ شرح واري ڀاڱي ۾ گهڻو ڪري هر لفظ جو اصل ۾ بنياد (مول ڌاتو) ڄاڻايو پر جتي ڪيس اصل جي خبر نہ پئجي سگهي

تہ اُتي هن بين آريائي ٻولين مان مشابهت رکندڙ لفظ شاهديءَ طور پيش ڪيا ۽ سندس چوڻ آهي تہ بيتن ۾ اهڙو ڪو لفظ ورلي ليندو جنهن جي معنيٰ سَنَد بنا اختيار ڪئي ويئي هجي. لائق محقق جو چوڻ آهي تہ هن حتي المقدور شاهہ جو شعر سندس شعر جي ذريعي ئي روشن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اصطلاحي لفظن ۽ جملن، قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن وارن حوالن وارا اشارا ۽ ڪِنايا، گلن ڦُلن، وڻن ۽ ٻوٽن ۽ جاين ۽ مڪانن جا نالا وغيره ان رسالي ۾ خاص طور سمجهايا ويا آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻي تحقيق جي نون ۽ يورپي مغربي اصولن کان واقف هو. ان ڪري هن شاهہ جي ڪلام تي عاقلاڻي ۽ منطق پري (Rationable) نظر وڌي پاڻ لکي ٿو تہ: "شاهہ جي ڪلام تي، گهڻو ڪري شاعراڻي شعور ۽ علم لغات جي اُصولن مطابق نظر ڪئي ويئي آهي، پر جتي ضرور سمجهيو ويو آهي، اتي صوفياڻي ۽ روحاني سمجهاڻي بہ ڏني ويئي آهي. ڪن ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ رسالي جي هر ڪنهن لفظ ۽ جملي ۾ ڪي اهڙا ڳوڙها صوفياڻا راز رکيل آهن، جن کي فقط اُهي سمجهي سگهندا، جن يا تہ صوفياڻو لباس اختيار ڪيو آهي يا ڪنهن مرشد يا ستگروءَ جي شيوا ڪئي آهي. انهيءَ ڳالهہ کي گهڻو وزن نہ ڏنو ويو آهي. ٻيلي تہ جن جو چِت چاهي، سي اهڙا اونها اسرار پروڙي، پنهنجو تن من خوش ڪن."

گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي ۾ بيتن لاءِ تلفظ جهونو اختيار ڪيو هو. بهرحال شرح ۽ معنيٰ واري ڀاڱي ۾ اهڙن لفظن جو پنهنجي وقت ۾ ان وقت مروج تلفظ پڻ ڏنائين.

گربخشاڻيءَ جو ترتيب ڏنل رسالو سڄو سون هو. جيڪا ڳالهہ خود هن جي مخالفن بہ مڃي آهي، پر ان سون تي سهاڳو وري رسالي جو مقدمو آهي، جو ڪتاب جا 171 صفحا والاري بيٺو آهي ۽ ڏهن فصلن (بابن) ۾ ورهايل آهي. هر فصل ۾ جيڪو مضمون آهي، ، تنهنجي فهرست هر فصل جي منڍ ۾ سنهي ڇاپي ۾ ٿورڙن لفظن ۾ ڏيئي ڇڏي اٿس تہ جيئن هر ڪو باب پڙهڻ کان اڳ ۾ ئي پڙهندڙن کي پتو پوي تہ ان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڇاڻايل آهن. اهو نمونو انگريزي ڪتابن ۾ اختيار ڪيل هوندو هو، جيڪو پهريون پهريون دفعو ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ اختيار ڪيو ويو هو.

مقدمي جي پهرين ٽِن فصلن ۾ شاهہ صاحب جي جيوني، صورت ۽

سيرت ۽ مذهب جو ذڪر آهي. چوٿين فصل ۾ ويدانيت ۽ تصوف جي فلسفن تي روشني وڌل آهي. اهڙي ڪوشش سنڌيءَ لاءِ نئين هئي، جو ان کان اڳ فقط Encyclopaedia Britnica ۾ ئي انهن ٻن فلسفن جو هڪ هنڌ ڳڌي ذڪر ڪيو ويو هو. پنجين فصل ۾ شاهه جي شعر ۽ شاعريءَ تي روشني وڌي ويئي آهي ۽ سڄي ڳالهه اهڙي تہ وضاحت سان سمجهائي ويئي آهي جو پيرو مل بہ لکي ٿو تہ: "اهو نهايت عمدو ڪم ڪيو اٿس."

فصل ڇهون شاهه جي شعر جي مضمون ۽ عبارت بابت آهي ۽ ستين فصل جو عنوان آهي 'شاهه جو نظم'، جنهن ۾ ڪولي سمجهايو ويو آهي تہ سنڌ جو قديم شعر آهي 'دوهِڙو' هن باب ۾ پهريون دفعو سنڌي شعر جي گهاڙيٽي وارو وشيہ ڪنيو ويو هو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جون جاچنائون ۽ نتيجا بعد ۾ ڪن عالمن ڪي نہ بہ آڇڙيا ۽ ان تي وڏا بحث بہ ٿيا ۽ درستيون بہ سامهون آيون، پر اها بہ هڪ سٺي ڳالهہ تي تہ هڪ اڇاتل موضوع تي بحث ۽ درستين جا دروازا تہ کليا.

رسالي جي اٺين باب ۾ شاهه جي سنڌي ٻوليءَ تي، نائين باب ۾ ٻوليءَ جي نحوي بناوتن تي بحث ڪيو ويو آهي، جيڪو نهايت دلچسپ علميت پريو ۽ ڪارگر آهي.

سنہ 1923ع ۾ رسالي جو پهريون ڀاڱو، 1924ع ۾ ٻيون ۽ 1931ع ۾ ٽيون ڀاڱو ڇپجي ظاهر ٿيڻ شرط ان رسالي تي بحث جا جڻ تہ دروازا کلي پيا، جن ۾ ان ڪم جي ساراهہ بہ هئي تہ سخت ٽيڪا ٽپڻي بہ هئي. پهريون ڀاڱو ظاهر ٿيڻ جي ڪجهہ ڏينهن بعد ئي جيٺمل پرسرام پنهنجي اخبار "ڀارت واسيءَ" ۾ ان خلاف هڪ زبردست ليک لکيو. هن ان ڇاپي تي سخت لفظن ۾ نڪتہچيني ڪندي، گربخشاڻيءَ تي ٽن خونن ڪرڻ جي تهمت هنئي. پهريون تہ هن سنڌي ٻوليءَ جو خون ڪيو آهي، ٻيون روحاني رازن جو خون ڪيو آهي ۽ ٽيون رسالي جي هڪ هزار کن بيتن جو خون ڪيو آهي. (جيڪي ڊاڪٽر صاحب هٽائي ڇڏيا هئا.) اهڙيءَ ريت جيٺمل بار بار اهڙي قسم جا ليک لکي، پڙهندڙن کي اهو ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ: "شاهہ لطيف کي پروفيسر گربخشاڻيءَ سوڍيو نہ آهي، پر لوڙيو آهي." (ص 48)

رسالي بابت پوءِ اخبارن ۾ لنبو بحث هليو ۽ مختلف عالمن گهڻائي ساراهہ جا ۽ تنقيد جا ليک لکيا، جيڪي جيڪڏهن گڏ ڪري ڇپائجن تہ

چڱو خاصو 400 کن صفحن جو ڪتاب نهي پوي.

انهيءَ بحث ۾ ٻيو هڪ ناميارو عالم، جيڪو سرگرم رهيو، سو هو پيرو مل مهر چند. هن پهرين ته گربخشاڻيءَ واري رسالي جي ساراهه ۽ حمايت ۾ ليک لکيا ۽ جيٺمل ۽ هن جي طرف وارن عالمن ڪي سندن اعتراضن جا اهڙا ته جواب ڏنا جو آخر اُنهن جي آواز کي ٻنجو لڳي ويو. جيتوڻيڪ واقفيت هئي، تنهن هوندي به پيرومل لکي ٿو ته: مون گربخشاڻي جو طرف ڪٽڻ ٺيڪ سمجهيو. ڇو جو باوجود ڪن اوڻاين جي مون کي لڳو ته گربخشاڻيءَ واري رسالي جهڙو ڇاپو اڃا ڪنهن به مرتب نه ڪيو هو ۽ نه ڪا مون کي اُميد آهي ته ايندڙ پنجاهه سالن ۾ ٻيو ڪو به عالم اهڙو معياري ايڊيشن پيش ڪري سگهندو. اها ٻي ڳالهه آهي ته پيرومل 1938ع ۾ ڪاليج مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد جڏهن گربخشاڻيءَ واري رسالي تي نئين سر سوچ ويچار ڪرڻ بعد "سنڌو" مخزن ۾ جيڪي اٺ ڏهه ليک لکيا، تن ۾ هن رسالي جي ساراهه به ڪئي آهي ته ٻئي طرف ان ۾ نظر آيل اوڻاين ۽ غلطين جي دل کولي، سخت لفظن ۾ اوگهڙ به ڪئي آهي. پيرومل کي گهڻو ڪٺو اعتراض گربخشاڻي صاحب جي بقول سندس 'هلڪڙائيءَ واري گهر گهلي لکڻي، بانور واري هلت، ڪن غلط پڙهڻين ۽ غلط معنائن ۽ حقيقت جي غلطين تي آهي.'

اهڙيءَ طرح ٻين به ڪيترن عالمن لالسنگ اجواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻي وغيره به گربخشاڻي صاحب جي رسالي تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن.

## ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو 'شاهه جو رسالو'

لطيفيات واري ميدان ۾ ٻي هڪ اهڙي ئي اهم پيش رفت جنهن کي مان جيڪر سنگ ميل ڪري سڏيان، سا ورهاڱي بعد هتي ڀارت ۾ ٿي، جيڪا هئي پروفيسر ڪلياڻ مولچند، آڏواڻي جي مهمتيءَ هيٺ نڪتل 'شاهه جو رسالو' (رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو مهاڳ، معنيٰ ۽ شرح سان) اهو رسالو آگسٽ 1958ع ۾ بمبئيءَ مان هندستان ڪتاب گهروارن ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو مخزن سائيز جي اٽڪل پنجن سؤ پيجن تي مشتمل آهي. ان رسالي جو رنگ ڍنگ به اهڙو هو. جيڪو اوچ پبليشرن جي انگريزي ڪتابن سان ٽڪر هڻندڙ ٿي لڳو.

ڪلياڻ آڏواڻي صاحب سنڌي ۽ فارسيءَ جو ماهر، انگريزي ادب جي سني شناس رکندڙ ۽ هندي ۽ سنسڪرت جي به ڄاڻ رکندڙ هو. سندس ترتيب ڏنل ان رسالي ۾ شاهه جي ڪلام جا ٽيهه ئي سُر شامل آهن. سُرن جي ترتيب اُها ساڳي ئي رکي اٿائين، جيڪا گربخشاڻي صاحب ۽ غلام محمد شاهواڻي صاحب جي رسالن ۾ رکيل هئي. ان پنيان سندس مراد اها هئي ته جيئن عالمن ۽ تحقيق ڪندڙن کي مختلف رسالن جي بيتن کي ڀيٽڻ ۾ سهوليت ٿئي.

هي رسالو ترتيب ڏيڻ مهل ڪلياڻ آڏواڻي صاحب، ڊاڪٽر ٽرنڦ وارو 1866ع ۾ شايع ٿيل رسالو، تاراچند شوقيرام طرفان ترتيب ڏنل ۽ بمبئي سرڪار جي تعليم کاتي طرفان 1900ع ۾ شايع ڪيل، مرزا قليچ بيگ طرفان 1913ع ۾ ڇپايل رسالو ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ طرفان تحقيق، تصحيح ۽ تشريح هيٺ آندل رسالي جا ٽي ڀاڱا ۽ پڻ 1950ع ۾ سنڌ مان غلام محمد شاهوانيءَ طرفان شايع ڪرايل شاهه جو رسالو سامهون رکي، انهن کي ڀيٽي بيتن ۽ وائين جون پڙهٽيون ۽ بيتن جي رتا طئي ڪئي هئي. هن جو مکيه طرح ڌيان سرڪاري ڇاپي تي رهيو هو ۽ اهو به ڄاڻايو اٿائين ته سرڪاري ڇاپي وارا جيڪي بيت سندس رسالي ۾ (هندستان ڪتاب گهر واري رسالي ۾) نه آهن، تن کي ڏاريان ۽ رد ڪيل بيت سمجهڻ گهرجي. ساڳئي وقت گربخشاڻي ۽ شاهوانيءَ وارن رسالن جي ڀيٽ ۾ ڪي نوان بيت به هن رسالي ۾ شامل ڪيل آهن.

ڪلياڻ آڏوانيءَ جي هن رسالي کي، جيڪا ڳالهه اڳوڻن رسالن کان ڌار ڪري ٿي بيهاري، سا اها ته هن گربخشاڻي ۽ شاهوانيءَ وارن رسالن جي بيتن ۾ ڪم آيل لاڙي تلفظ جي بجاءِ ويهين صديءَ واري زماني ۾ چالو تلفظ کي ڪم آندو آهي، جنهن کي هن ”هاڻوڪو تلفظ“ ڪري سڏيو آهي. اهڙي تبديلي ڪرڻ سان ڪلام جي روپ ريکا ۽ گهاڙيٽي کي ڌهرم رسڻ جو جوکو رهندو آهي، پر آڏواڻي صاحب اهڙي جوکم کان سجاڳ رهندي، ماترائن، قافين ۽ رديفن ڏانهن لازمي ادب قائم رکندي، اهڙن هنڌن تي اصلوڪي لاڙي تلفظ کي ئي برقرار رکيو آهي ۽ شاهه صاحب جي لاثاني ۽ لافاني ڪلام جي حسن ۽ زيب کي ڪو داغ رسڻ نه ڏنو آهي. اعرابن جو استعمال به ڪافي انداز ۾ ڪيل آهي، جيئن پڙهندڙن کي صحيح اُچار ڪرڻ ۽ شاهه سائينءَ جي

ڪلام جي صحيح معنيٰ سمجهڻ ۾ مدد ملي. مقرر حد اندر، هر هڪ صفحي تي معنيٰ ۽ شرح ۽ هر سُر ۽ داستان کان پوءِ ان جو سارُ پڻ ڏنو ويو آهي.

رسالي جي شروعات مشهور سياستدان ۽ عالم جئيرامداس دولترام جي لکيل مهاڳ سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف جي هڪ شاعر، هڪ درويش ۽ ٻوليائي ماهر طور ڪردارن کي اُجاگر ڪندي، رسالي جي فڪر و فهم ۽ فلسفي تي روشني وڌي ويئي آهي.

## 'شاهه صاحب جي حياتيءَ جو مختصر احوال'

مضمون ۾ آڏواڻي صاحب مختلف تحريري ۽ زباني روايتن جي حوالن سان شاهه عبداللطيف جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي ۽ انهن جي ڪن لڪل ڳُنڍن پاسن کي اجاگر ڪيو آهي. شاهه صاحب جي ڏاڏاڻي پُهر مان ڪي شخص ڪيئن ڏانهس تعصب رکندا هئا. شاهه صاحب اُمي (اڻ پڙهيل)، پڙهيل ڳڙهيل ۽ يا وري علم لدني، جيڪو ڪن پهتل ۽ ڪامل نبين ۽ ولين کي عطا ٿيندو آهي، سو مٿس نازل ٿيل هو.اهي سڀ ڳالهيون 'تحفة الڪرام' ۽ ٻين ڪيترن جهونن ماخذن جي حوالن سان هتي بحث هيٺ آندل آهن.

هن رسالي جو هڪ اهم حصو اُن ۾ شامل مهتمم جو لکيل 'شاهه جي رسالي تي هڪ نظر' ليک آهي، جنهن ۾ لائق مصنف شاهه جي رسالي جي اهميت، شاهه جي فلاسافي، رسالي جي مجازي پاسن ۽ روحاني رمزن تي روشني وڌي آهي. ان مضمون جي شروعات ئي فلاسافيءَ جي هڪ بنيادي سوال سان ٿئي ٿي ته 'عالم ۽ فيلسوف هميشه ان فڪر ۾ رهندا آيا آهن ته حق (ايشور) عالم (دنيا) ۽ انسان ڇا آهن؟ انهن ۽ اهڙن ٻين ڳوڙهن سوالن جا جواب به مصنف رسالي مان شاهه جي بيتن کي ساکي پرماڻ بڻائيندي ڏنا آهن. ' شاهه جي پاڻهين جل جلاله، پاڻ ئي جان جمال، پاڻهين صورت پرين جي پاڻ ئي حسن ڪمال'. بيت جي پس منظر ۾ ان سوال جو جواب ڏيندي چوي ٿو ته: "حق يا ايشور 'جان جمال' ۽ 'حسن ڪمال' آهي. سهسين سجن جي ساڻس جاءِ ناهي. سندس حسن اڳيان سورج جون شاخون جهڪيون پئجيو وڃن، چنڊ ڪومائجيو وڃي، تارا ۽ ڪتيون تائب ٿيو وڃن ۽ جوهر جهڪو ٿيو وڃي."

اهڙيءَ طرح هر سُر ۽ داستان جي مکيه نقطن کي ڪٺي، شاهه واري ئي

محاوري ۾، پر سليس ۽ دلچسپ عبارت ۾ فلاسافاڻہ نقطن ۽ روحاني رمزن جي واکاڻ ڪئي ويئي آهي. آڏواڻي صاحب جو سمجهاڻ جو انداز اهڙو تہ دلڪش ۽ اثردار آهي،جو شاھ واري زماني جي ٻولي، شاعرانہ تمثيلن ۽ تلميحن جي ڄاڻ نہ رکندڙ شخص بہ سڄي ڳالھ جهٽ ۾ سمجهيو وڃي. 'سر ساموندڊيءَ' جو نالو ڪڍڻ بنا هڪ هنڌ سمجهائي ٿو:

'هيءَ دنيا هڪ مها ساگر يا ڀيانڪ صحرا آهي. عميق ۾ معلم گهرجي ۽ ٻَر ۾ ٻورائو. جن سونهون ساڻ نہ ڪنيو سي وڃي اوجهڙ ۾ اٽڪيا. انسان هڪ ملاح آهي، جنهن کي حفاظت سان پنهنجي مڪڙي هلائڻي آهي. ٻيڙيءَ ۾ ڪنهن مهل بہ چور اچي چڙهن، فرنگي هردم پيا ڦرن. جن کي وچ ۾ ڪامل ڪشتيان گڏيو ۽ جن صاحب سنڀاليو سي ٿي وڃي عدنئون اڳتي نڪتا.'

ساڳيءَ طرح هن مضمون ۾ 'سر ڪلياڻ'. 'سر سهڻي'. 'سُر سسئي' ۽ ان سان لاڳو سُرن مان ۽ 'سُر مومل راڻو'. 'سُر سارنگ'. 'سر ساموندي'. 'سر مارئي'. سُر ڪارايل'. 'سُر ڪاپائتي' ۽ 'سر ليلا چنيسر' مطلب تہ رسالي جي اڪثر سرن مان روحاني نقطا ڪڍي، اُنهن جي سمجهاڻي پيش ڪئي ويئي آهي.

هن رسالي جي هڪ خوبي اها بہ آهي، جو نہ فقط هر صفحي تي بيتن جي ڏکين لفظن جون معنائون، هيٺ بنا ڪفايت ڪندي وڏي تعداد ۾ ڏنيون ويون آهن، پر هر داستان ۽ هر سُر جو سارُ پڻ، سر ۽ داستان جي پڇاڙيءَ ۾ سهڻي نموني سمجهايو ويو آهي. ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جو هي رسالو پارت ۾ ڇپجڻ کان جلد پوءِ سنڌ ۾ بہ ڇپيو هو ۽ اُتي بہ ڏاڍو مقبول ٿيو آهي. ان جي لوڪ پريتا جو سبب مان سمجهان ٿو تہ اهو ٿي هو تہ رسالي جي هن ڇاپي ۾ ڳوڙهين ڳالهين کي کولي، دلچسپ ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ سمجهايو ويو آهي.

شاھ جي رسالي جي بيتن جي هڪ هڪ سٽ چوٽيءَ ۾ امر واڪيہ واري حيثيت رکي ٿي ۽ ان جون سوين سٽون يا سِٽن جا ڪجھ حصا ڪيترن ئي ڪتابن جا عنوان بڻجي پيا آهن. شيخ اياز ۽ سفرنامہ نويس الطاف شيخ تہ پنهنجن ڪتابن تي نالا رکيا ئي شاھ جي بيتن مان سِٽون يا لفظ ڪڍي آهن. سنڌ ۽ هند جي ٻين بہ وڏن وڏن ليکڪن ۽ شاعرن بہ شاھ جي واڪين کي پنهنجن ڪتابن جي عنوانن طور ڪم آندو آهي. سنڌ ۾ تہ ساليانين ڊائرين جي بہ هر صفحي تي شاھ جو هڪ بيت ڏنل هوندو آهي، سو آڏواڻي صاحب

بہ شاھہ جي بيتن جي اهڙي اهميت کي ڌيان ۾ رکي رسالي جي آخر ۾ ستن مخزن سائيز صفحن تي، شاھہ جي رسالي مان الف ب واريون اهڙيون حوالائي يا چوندڊ سِٽون ڏنيون آهن. جهڙوڪ: 'تتيءَ ٿڌيءَ ڪاھہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي '، 'نا اُميدي نيج تہ اوڏو ٿئين اُميد کي.' يا 'نيرانائي نيڻ اُتي اَڃج پرٿين کي.'

مطلب تہ آڏواڻي صاحب پنهنجي هن شاھہ جي رسالي کي منفرد ۽ ڪارائتو بڻائڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان کي اگر ورهاڱي بعد سنڌي ادبي ميدان جو هڪ حد نشان (Land Mark) ڪري سڏي تہ ان ۾ ڪو بہ وڏاءُ نہ سمجهڻ گهرجي.

(10 جنوري 2012ع تي شاھہ عبداللطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ڀٽ شاھہ تي پڙهيل مقالو)

**

# ڀٽائي سائين جو ڪلام : ڪيترجون ٻوليون ۽ لهجا

**جوهر بروهي**

ڀٽائي سائين جو ڪلام انسان ذات جو تفسير ۽ ڪائنات جي تشريح آهي، جنهن ۾ ڪائنات جي پالڻهار ڪان وٺي ڪاري ڪِوِل جو بيان موجود آهي ۽ حياتي جي درجه بندي جو به تفصيلي ذڪر شامل آهي. اهو سڀ ڪجهه پاڻ سڃاڻڻ ساڃاهه (عرفانِ نفس) لاءِ آهي. جڏهن انسان کي اشرف المخلوقات چيو ويو آهي ته پوءِ ڪائنات جي هر شيءِ ان جي نفعي لاءِ جوڙيل آهي ان لاءِ انسان کي انسان ٿي رهڻ گهرجي. نفرت، ڪاوڙ بيهودگي، حيوانيت ۽ وڏائي ڪان پري رهڻ ئي انساني وصف آهي. انهن وصفن لاءِ هڪ عالماڻو درس ڀٽائي سائين جي ڪلام ۾ موجود آهي. اهو ڪلام عام طور انسان ذات لاءِ خاص طور سنڌ واسين لاءِ رب ڪريم جو انعام ۽ بخشش آهي. سمجهي سگهجي ٿو ته هي وهبي ڪلام آهي ۽ حڪمت جو اهو سٽاءُ آهي، جيڪو حضرت ڀٽائي سائين جي دل تي الهام ٿجي آيو.

حمد ۽ نعت سان گڏ زندگي جي هر وڏي ۽ ننڍي موضوع سان ڪلام سنواريل آهي. ايئن به چئي سگهجي ٿو ته اڳوڻن شاعرن جي اڻپوري بيان جي تڪميل ڀٽائي سائين جي ڪلام ۾ ٿي. هي ڪلام فرد پروڙي عمريون گذاري ويا. هن ڪلام جي حق ادا ڪرڻ لاءِ ادارا وجود ۾ اچن. جيئن لطيفي پيغام عام ماڻهن تائين پهچي سگهي.

ان اتم ڪلام جو انداز نرالو آهي. ڪلام ۾ جنهن به خطي ۽ پرڳڻي جو بيان ڪيو ويو آهي ته ان خطي جي طبعي بيهڪ ۽ نفسيات مطابق بيان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪيچ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي ته ”ڪيچ پوچ“ جي نفسيات ۽ بيهڪ مطابق ٽيل آهي ۽ جيڪڏهن ڪاڇي جو ذڪر آيو آهي ته اهو ”ڪاڇي ڪوهيار“ جي ماحول ۽ سماج مطابق آهي.

سنڌ جي الهندي طرف جبلن جو سلسلو آهي. ماهرن جي راءِ مطابق هي جبل طوفان نوح وقت بہ ان هڏ ڪاٺ سان موجود هئا ۽ اڄ بہ ان ئي بيهڪ سان موجود آهن.

ڀٽائي جي ڪلام ۾ جبلن جي ڳالهہ رچيل آهي. جيئن جبل، ڇپر، ڏونگر، قاف، پهاڙ ٽڪر، ڪوهہ ۽ روه ڪوٺيو ويو آهي. ڪوهيار ان جابلو سلسلي جو گڏيل نالو آهي. "ڪوهياري" رسالي جو هڪ سُر بہ آهي. اڄ کان هڪ صدي اڳ ڪوهيار، خضدار شهر جو نالو هو. ان جابلو سلسلي جي اوپر واري ميداني علائقي کي "ڪاڇو" چيو ويو آهي. ڪاڇي جي آبادي جو سمورو دارومدار برسات ۽ نَئِن سان آهي اهو ذڪر رسالي ۾ آهي.

ڪاڇو ۽ ڪوهيار، ڏونگر سندن ڏيهڙو،
ساڃهر نَهي بار، ڪوهہ نہ وٺين اُن سين.

سبي کان سيوهڻ تائين هن ميداني علائقي کي "ڪاڇو" ڪونجي ٿو. سيوهڻ کان ڏکڻ طرف ان ميداني علائقي کي دشت باران يا ريل سڏيو ويو آهي. رسالي ۾ ڪجهہ جبلن جا نالا بہ ملن ٿا.

جهڙوڪ:

ويهہ مَ مُنڌا! ينيور ۾، "هاڙهي" هَڏِ مَ هل،
ڪُوڙي ڪِج مَ ڪڌهين، سچي ڳالهہ مَ سِلِ،
جانب لئہ مَ جَل، سور وِسار مَ سسئي.

(هنگلاج ڏي ويندڙ واٽ تي هاڙهو هڪ جبل آهي.)

ڏُکي مَ ڏورج ڏيل مَ، پنهون پاڻ ڪري،
پريت ڪي مَ پري، هوت ڳولج "حب" ۾.

(حب هڪ جبل، هڪ نئين ۽ هاڻ هڪ شهر)

نوٽ: سنڌي ۾ "هاڙهو حب" ويراني جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو ڇو تہ هي ٻئي جبل عام طور ساوڪ ۽ آبادي کان وانجهيل هوندا آهن. ان کان سواءِ معرفت جي صاحبن وٽ سلوڪ جي هڪ منزل بہ آهي.

ڏونگر ڏکوين، ڳل سڪا ڳوڙها،
هو جي ڀَهڻ "پب" جا، يجي ٿيا ڀورا،
گوندر جا گهوڙا، وجن جان جدا ڪئو.

(پب جبل)

پيو جن پرو، ”گنجي“ ڏونگر گام جو،
چڏي ڪيت ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.
(گنجو ڏونگر)

چپر چمر پائيان، ”ڪانيو“ ۽ ”ڪارو“،
پنڌ وڃهنديس پاڻ تي، سرتيون سوارو،
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ تي.
(ڪانيو ۽ ڪارو به جبل آهن.)

”ڪارو“ ڪيرٿر جو اوائلي نالو آهي. هي بيت مرزا قليچ بيگ جي ترتيب ڪيل شاهه جو رسالو ۾ ڏنل آهي. ڪيرٿر ڪراچي کان سوراب زهري جي وچ واري علائقي تائين سَت سؤ ميلن کان وڌيڪ ڊيگهه رکندڙ جبل آهي. جبل جي اوچائي ٽن هزار فوٽ کان ساڍا ست هزار فوٽ آهي. خانبهادر خداد خان پنهنجي ڪتاب ”لب تاريخ سنڌ“ ۾ اتي وڃڻ ۽ ڏارهياڙو ماٿري ۾ رهڻ جي ڳالهه لکي آهي. ان ريت مرزا قليچ بيگ به گهٽ ۾ گهٽ به دفعا ڪيرٿر جبل جي چوٽي تي ويو. جتي ڏارهياڙو ۽ ڪتي جي قبر آهي. هن ”ڏارهياڙو جو سئر“ جي ناليسان پنهنجي هڪ سفر ڪتا سال 1900ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي.

انتهائي سخت ۽ ساوڪ کان گهٽي قدر خالي جبل ڪيرٿر جون چوٽيون ۽ لڪ به آهن، جيئن بارگ، ڪچرگ، گورک ۽ ونگو ڪتي جي قبر ۽ ڏارهياڙو ڪافي مشهور آهن.

ڪيرٿر جبل جي پني کي اتان جا بروهي ”رغ“ ۽ سنڌي ”رگ“ چوندا آهن ۽ بارگ، ڪچرگ ۽ گورک وغيره جو نالو به ڪيرٿر جي ماٿري متعلق آهن. ڪيرٿر جبل جي انگريز دؤر ڌان ورهاست هن طرح آهي. ان جبل جو اوپر سنڌ ۽ اولهه حصو رياست قلات جو آهي. اج به اها ورهاست مڃي ٿي وڃي. ڪيرٿر تي جڏهن برسات پوي ٿي ته جابلو پاڻي نئين جي صورت ۾ سنڌ ايندو آهي. ڪاڇي کي آباد ڪري منڇر تائين پهچندو آهي. انهن نئين جا ڪجهه نالا هن ريت آهن.

بولان- مولهه- الڪهه- ڍاڍر- ڪينجي- وهندڙي- موگرو- ٽپڻ- سيتا- ٽُني- مزاراٽي- دلان- ٽڏڙي- ٻوري- سالاري- ڪُڙ ٻئي- مڪي- گاج- سول- ٽُڪي- انگئي- هليلي- توري- ڪنڌاني- ڪَڪڙاني- مَماني قادڪ- ڏوڪ- سُڪ- نئيگ- ڪائي- ٿهٽي- لوٽي- جهانگارا (هي نئين رني

ڪوٽ اندران گذري ٿي.) سن- عڪري- ناڙي- ٻانڊي- مليري- باران- موهن- ميهر- مول -گڏيجي وغيره. ڪارو (ڪيرٿر) جي اولهه ۾ نئون جيڪي گڏجي گاج ذريعي سنڌ ۾ اچن ٿيون، سي هي آهن:

سِمان- ڳَناڻ- ساسول- جُگ (هن ماڳ تي نيون گڏجي درياهه ڪولاچي جي نالي سان ڏکڻ اچن ٿيون.) - ڪلونٽ- ٻَنور- سَهتي- عُرسڪ- تڏڙي- سنگهاڻ- لوهو- سپان- سنهارڪي- عرض نُڪ- ماهوڙي- گاجوٽو (هن ماڳ وٽان ڪولاچي جو نالو بدلجي گاج ٿئي ٿو) -اونڌ ۽ ڪڙيجي- گاج جو آخري گذرگاهه "لوڙڪنڊ" آهي، اتان گاج سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي.

ان ريت ڀٽائي سائين جي ڪلام ۾ ڪجهه نَئِيُن جا نالا اچن ٿا.

ڪيرٿر جبل جي اوپر ۽ اولهه ۾ ۽ چوٽي تي ڪيترا قبيلا رهن ٿا. جيڪي بلوچي، بروهڪي ۽ سنڌي ڳالهائن ٿا. سُر ديسي جو هڪ بيت آهي.

جبل جيڏوئي، جو آڏو آريچن ڪي،
وني وَرُ واٽ ٿيا، "برفت بروهي"،
رُڃن ۾ روئي، پسان مانَ پنهوءَ ڪي.

"بُرفت بروهي" ساسولي قبيلو آهي. جيڪو ڪيرٿر جبل ۾ رهائش پذير آهي ۽ بروهي ٻولي ڳالهائي ٿو. الحاج رسول بخش ڏيرو جي چواڻي ته، ٿيو هيئن هوندو جو پنهون جا ڀائر ڪيچ مڪران ڪان سنڌ اچي ووڙي پنهونءَ ڪي پنيور ۾ ٿانيڪو ڪري، پوءِ سواري لاءِ اُٺ وغيره ڪيرٿر جي ان قبيلي ڪان وٺي ۽ پنهونءَ ڪي ڪٽي ويا هوندا. بلوچستان ۾ سنڌي زبان ڳالهائيندڙن جو ڳاڻيٽو چاليهه في صد مڃي سگهجي ٿو. باقي سٺ سيڪڙو بلوچي- بروهڪي- پشتو- ڪيتراني- سرائڪي ۽ هزارگي ڳالهائڻ وارا آهن. ان ريت بلوچستان جي وڏي ٻولي سنڌي چئي سگهجي ٿي. خاص طور ڪيرٿر جي چوٽي ۽ اپرندي رهندڙ ٽي قبيلا (1) گائينچا (2) ڇُٽا (3) ڪاروٿري خالص سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. هنن جي ٻولي ٻين ٻولين جي اثر ڪان محفوظ ۽ نج آهي. يقين سان چئي سگهجي ٿو ته گائينچا ۽ ڇُٽا جا ٻولي ڳالهائن ٿا، ان جو انداز، ترڪيبون ۽ لفظ ڀٽائي سائين جي ڪلام جي لهجي ۽ انداز کي ڪافي ويجهو آهن.

ٻهرين ڳالهه ته هنن ٻنهين لهجن جي خصوصيت آهي، جو سندن حرف متحرڪ هوندا آهن. جزم سان حرف گهٽ استعمال ڪن. لس ٻيلي ۾ به اهو لهجو ٻڌي سگهجي ٿو.

## ڪيرٿر جي سنڌي لهجي جو مختصر تعارف

| ڪيرٿر جي سنڌي | عام سنڌي | ڪيرٿر جي سنڌي | عام سنڌي |
|---|---|---|---|
| آن | اوهان | آوو/ آئو | آيو |
| اَتون | ءِ | آوا | آيا |
| توجو | تنهنجو | اچيندو | ايندو |
| تِنهين جو | تنهنجو | اچيندا | ايندا |
| چوڪاڻ | ڇا لاءِ | اچيندين | ايندين |
| ڇي جي ڪاڻ | ڇا جي لاءِ | اچيندانهن | ايندوَ |
| سياتي | سياڻي | اچيندي | ايندي |
| تڏان | تڏهن | اچينديون | اينديون |
| جڏان | جڏهن | اچيندوم | ايندس |
| آنجو | اوهان جو | اچينداسين | ايندا سين |
| سوران | سورن ڪان | وندو | ويندو |
| تو نون | تو ڪان | وندين | ويندين |
| مان جو | منهنجو | وندينءَ | ويندينءَ |
| منهين جو | منهنجو | ونداسين | ويندا سين |
| مان نون | مون کي | سوچانهن | اسان سوچيون/ |
| هيءَ جو | هن جو | ڪيانهن | سوچيون ان کي |
| هُوءَ جو | هُن جو | ڪندانهن | ڪيون اسان |
| ڪاهو | ڪهڙو | چيوم | ڪيون اسان/ |
| ڪاها | ڪهڙا | ڪيوم | ڪندئو |
| ڪَهي | ڪهڙي | هُيوم ، | چيم |
| ڪاهيون | ڪهڙيون | بيهُ | ڪيمُ |
| هُنَ کي | هنن کي | اچيجانهن | هُيم |
| ڪڏان | ڪڏهن | اچيجو | ويهه |
| تِتَ | اُت | ڪريجاهه | اچجانءِ |
| تِتي | اُتي | وندس | اچجو |
| مان ڪِ | مونکي | ونديا سين | ڪجانءِ |
| | | | ويندس ويندا سين |

پٽائي سائين جي ڪلام ۾ ڪيرٿر جبل جي سنڌي ٻوليءَ جون ترڪيبون ۽ لهجا ملن ٿا. هڪ چونڊ لکجي ٿي. اولئو پريشان. لاچار. (بروهي ۽ سنڌي ۾ استعمال ٿئي ٿو.)

ٻگر (بغير) رنام (رنا مون ڪان)- ڪيام (ڪيم)- هنيام (هنيا مون)- مڪيام (موڪليم)- پرچيام (پرتا مون سان)- لوڪان (لوڪ ڪان)- انهين (انهن ڪان)- آنُ (اوهان)- مونهين (مون)- مونهين جي (منهنجي)- ڪِج (ڪجان)- اوتارون (اُنهن جون اوتارو بينڪ)- جان (جي/ جيستائين)- تان (تہ/ تيستائين)- جاگرو (جاڳ)- ڪهج (هل/ پنڌڪر)- ڪواٹ (وات نہ هجي)- ڪپيريان (اوکي واٽ ڪان)- اوڳا (موڳا)- ڪِوڻ (ڪِنوڻ)- لانچي (ور ڪٽي)- ڪهج (تڪجي پئو)- ڪِهہ (متي، ڪيرٿر ۾ هن لفظ کي اکي چئجي ٿو.)- ڪِج (ڪجانءِ)- اپڙي (تري/ پوري پوري)- آئين (اوهين)- ڪلهنئون (ڪلهن ڪان)- پيهي (فڪر ڪري/ سوچي)- جماز (مهري اُٺ)- اونين (جتن ڪان/ اٺن وارن ڪان)- ڪُوهہ (ڇا)- اَهُک (اوڪائي)- وِرچي (ٻگري)- ڏڏ (بي عقل)- جَڏ (جڏا)- جَڏ (جڏهن)- جڏوئين (جڏا ڪرين/ معذور ڪرين) تئائين (تِئين)- ٻرهيان (حال ڪريان/ اوريان)- پٽيهل (آبادي جي اهليت رکندڙ پٽ)- ڪجاڙيا (ڇالاءِ)- ڦلاريا (ڦل جهليا)- وارئين (ملائين) — ڏوران (پري ڪان)- ڦيڻ (گجي)- اٽاسي (بي حيا، جنهن کي نڪ نہ هجي.) ان ريت رسالي جي مطالعي سان انيڪ لفظ ملن ٿا، جنهن جو استعمال اڄ بہ ڪيرٿر جي چوٽين تي ٿئي ٿو.

ڪيرٿر جي سنڌيءَ جي بيهڪ ۽ لهجي بابت تفصيلي تحقيق جي ضرورت آهي.

**

# شاهه جي رسالي جا پارت ۾ ٿيل ترجما

وِمي سدارنگاڻي

مون پنهنجي هن مضمون کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي:
(1) ترجمي جي اهميت ۽ شاهه جو رسالو
(2) ترجمي جي پرک لاءِ ست پاسائون وهنوارڪ ماڊل
(3) شاهه جي رسالي جا پارت ۾ ٿيل ترجما

## 1 ـ ترجمي جي اهميت ۽ شاهه جو رسالو

اڄ سڄيءَ دنيا جي ادب، سائنس، تاريخ ۽ تهذيب کان جيڪڏهن اسين واقف ٿي سگهيا آهيون ته ان جو شرف ترجمي کي حاصل آهي. ترجمن جي ضرورت ۽ اهميت ٻئي وڏيل آهن. هڪ ٻوليءَ ۾ ڏنل ڄاڻ ۽ معلومات سان گڏ ٻولي ۽ احساس به ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمن ذريعي پهچن ٿا. دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين جون شاهڪار رچنائون، مترجمن جي ترجمن سبب هڪ ٻوليءَ کان ٻيءَ ٻوليءَ جو سفر طئي ڪن ٿيون. ان ڪري ضروري آهي ته پنهنجي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين تائين ترجمي ذريعي پهچائجي. گروديو رابيندر ناٿ ٽئگور کي 'گيتانجلي' جي ترجمي تي ئي نوبل انعام حاصل ٿيو هو. ادبي ترجمي جي اهميت جو اندازو هن هڪ مثال مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڳڻپ دنيا جي مهان شاعرن ۾ ڪئي ويجي ٿي. ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي، شاهه صاحب کي دنيا جي ستن مهان ڪلاسيڪل اديبن جي صف ۾ درجو ڏنو آهي. صوفي مت کي مڃيندڙن لاءِ توڙي شاعريءَ جي شائقن جي دلين ۾ شاهه صاحب صوفي سنت ۽ شاعر طور اعليٰ جڳهه والاري ٿو، پر ان سان گڏ مان اهو به مڃان ٿي ته شاهه سائين دنيا جي ادب ۾ جنهن درجي جو حقدار آهي، اهو درجو کيس اڃا تائين حاصل ڪونه ٿيو آهي.

ڏوهه شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو نہ، پر اسان جو آهي. اسين شاهه کي روحاني شاعر طور قبول ڪيون ٿا. شاهه جو راڳ ڳايون ٿا، شاهه تي اڀياس پڙهه ڪريون ٿا، پر شاهه جي خوشبوءَ کي پاڻ تائين محدود رکون ٿا تہ ڇڻ گناهه ڪريون ٿا. مون جيترا پيرا غير سنڌين جي وچ ۾ شاهه جو ڪو بيت ٻڌايو آهي، اوترا پيرا ٻڌندڙن وٽان شاهه لاءِ تعريف سان گڏ، شاهه جي ترجمي جي فرمائش بہ ٻڌي آهي. اڄ جڏهن سڄي دنيا روحاني ۽ صوفي شعر جي ديواني آهي، تعصب ۾ جيئندي، امن ۽ شانتي چاهي ٿي، تڏهن شاهه جو شعر سچ تہ ٿڪندڙ دلين ۽ روحن کي سُڪون ۽ راحت بخشڻ جي قوت رکي ٿو. شاهه جي شاهاڻي شعر کي دنيا وارن تائين پهچائڻ جو ڪم ترجمي سان ئي ٿي سگهي ٿو. شاهه صاحب ۽ ترجمي جي اهميت کي ڌيان ۾ رکي، مون پنهنجي مقالي لاءِ 'شاهه جي رسالي' جي ڀارت ۾ ٿيل ڪجهه ترجمن کي ڪنيو آهي.

### 2۔ ترجمي جي پرک لاءِ سَت پاسائي وهنوارڪ ماڊل

مون سال 2010ع ۾ گجرات يونيورسٽيءَ جي هندي شعبي مان ڊاڪٽر 'رنجنا آرگڙي' جي رهنمائيءَ هيٺ، 'آنواد ڪي سمسيائين: سنڌي اور هندي ڪا پارسپرڪ اڌيين' (ترجمي جا مسئلا: سنڌي ۽ هنديءَ جو خاص اڀياس) عنوان تي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. منهنجو اڀياس ڪيتر ترجمو آهي.

اڄ بہ ترجما گهڻو ڪري داخلي آهن. ترجمي ۾ بيشڪ داخليت جي بہ گهرج آهي، پر گهڻا ترجما ڄاڻ ۽ گيان جي سهاري، ڪنهن سرشتي کان سواءِ ٿين ٿا ۽ انهن جي پرک بہ عام طور داخلي، ڪنهن ڪتابي تنقيد يا مضمون جهڙي ٿئي ٿي. مون پنهنجي اڀياس ۾ ترجمي جي پرک لاءِ هڪ ست پاسائون وهنوارڪ ماڊل ڏنو آهي، جيڪو هن نموني آهي:

(1) سُوچنا جو ٽرانسفر (ڄاڻ يا معلومات منتقل ڪرڻ)

(i) ڄاگتڪ ٻوڌ (جڳت سان واسطيدار سمجهه): پسون، پکي، جاگرافي، سريري، ڪِرياڻون ۽ نالا وغيره.

(ii) سماجي ۽ تهذيبي ٻوڌ (سمجهه): اصطلاحي، پهاڪا، رشتا ناتا، ريتون رواج، سُوچنا (Information) پهراءُ.

لوڪ سنسڪرتي (Folk Civilization)

(2) ڀاشائي ٻوڌ (ٻوليءَ جي سمجهه):

(i) لفظ (Vocabulary): رواجي، خاص، پارڀاشڪ.

(ii) گرامر: فعل، عدد (جمع ۽ واحد). لفظ، صفت ۽ اسم جي پاڻ ۾ واسطيداري، جملو، ضمير، زمان، هجي (Spelling).

(iii) عبارت يا شيلي: ڇند، النڪار، شبد شڪتيون (اپدا: لفظن جي سگهه) لڪشڻا (وينجن) ڊائلاگ.

(3) ڀاشا ڀيد: جاگرافيائي
سماجي

(4) لپي (Script): ساڳي
عليحده

(5) هِجي (Spelling): ساڳي
عليحده

(6) نظريو: سياسي
مذهبي

(7) مترجم: ٻنهي ٻولين جي مهارت.
موضوع جي ڄاڻ ۽ احساسداري (Sensitivity).

مٿي ڄاڻايل ستن پهلوئن ۽ ان جي ٻين آڌارن تي اصل تخليق ۽ ترجمي ۾ ڀيٽ ڪري پرک ڪري سگهجي ٿي. ان پرک جو مقصد رڳو تنقيد نه، پر ترجمي مهل پيش ايندڙ مسئلن کي ڳولڻ ۽ ان جو نبيرو ڪرڻ به آهي.

اهو ماڊل اڃا شروعاتي ڏاڪي تي آهي ۽ مون پنهنجي ٿيسز ۾ استعمال ڪيو آهي. ان ۾ سڌاري ۽ واڌاري جي گهڻي گنجائش آهي، جيڪا ان جي وڌيڪ استعمال ڪرڻ سان سامهون ايندي.

هن مقالي جو مقصد شاهه جي رسالي جي ڀارت ۾ ٿيل ترجمن جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ اُن جي ٿوري اوک ڊوک ڪرڻ آهي. مقالي جي محدودگيءَ سبب، ڏنل ماڊل جي آڌار تي اونهي پرک ڪرڻ ڏکي ٿيندي، تنهن ڪري ترجمن جي ڪجهه مثالن کي ڪٺي جاچ ڪيل آهي.

## 3_ شاهه جي رسالي جا ڀارت ۾ ٿيل ترجما:

منهنجي ڄاڻ موجب 'شاهه جي رسالي' جا ڀارت ۾ ٿي اهم ترجما ملن ٿا:

(1) هندي ترجمو: مٺي شنڪر دوويديءَ جو ڪيل 'شاهه لطيف ڪا ڪاويه' (ساهتيه اڪادمي، دهلي 1969ع).
(2) گجراتي ترجمو: ڏُليراءِ ڪاراڻيءَ جو ڪيل 'رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو' (دليراءِ ڪاراڻي، احمد آباد، 1979ع)
(3) انگريزي ترجمو: اُنجو ماڪيجاڻي هري دريائي 'دلگير' جو ڪيل Shah Abdul Latif Seeking the Beloved: (ڪٿا، دهلي، 2005ع)
انهن ٽنهي ترجمن بابت ٿوري ڄاڻ يا اوک ڊوک هن ريت آهي:

**(1) هندي ترجمو: 'شاهه لطيف ڪا ڪاويه'**

ڀارت ۾ شاهه جي رسالي جو پهريون ترجمو هنديءَ ۾ ٿيل آهي، جيڪو ساهتيه اڪادمي دهلي، 1969ع ۾ شايع ڪيو آهي. هيءُ ترجمو هڪ غير سنڌي، شري مٺي شنڪر دوويديءَ نثر ۾ ڪيو آهي.

ترجمي جي شروعات ۾ مترجم پاران ڏنل 'ٻه لفظ' مان ڄاڻ ملي ٿي ته جوڌپور ۾ رهندڙ مٺي شنڪر جو والد سُري بئي شنڪر سنسڪرت جو عالم ۽ ويدڪ ساهتيه جو ڄاڻو هو. مهاراشٽر مان جڏهن سنان لاءِ سنڌوءَ جي ڪناري پهتو ته سندس ملاقات مهاراج نيٽو رام مودگليه سان ٿي. سنت سڀاءَ واري هن مهاراج ۽ شري جٽه شنڪر جي وچ ۾ چڱي ويجهائي ٿي ويئي. مهاراج جي سنگت جو اثر جٽه شنڪر تي گهرو پيو. مهاراج جي گهر جهانجهه ۽ ڪرتال تي رامائڻ، سنڌي ڀڄن ۽ ڪلام ڳايا ويندا آهن. سندس پاءُ ۽ ماءُ به ان ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ چاهه سان ٻڌندا هئا. ان ڳالهه جو ذڪر هتي ان لاءِ ضروري آهي، جو اهي ڪلام ٻڌي مٺي شنڪر ڪي سنتن جي باڻي ڳائڻ تي دل ٿي ۽ راج رشي ديوان ڏيارام جي 'گدو مل سنسڪرت پاٺشالا' ۾ سنت ساهتيه جو ابياس شروع ڪيائين.

مٺي شنڪر پاڻ ٻڌائي ٿو ته، 'سنڌ ۾ اڄ وچ ۽ اتي ئي تعليم حاصل ڪرڻ ڪري اتان جي سنت ۽ صوفي ادب سان لڳاءُ مون جهڙي سڀاوَ واري شخص لاءِ سڀاويڪ هو. سنڌي ادب ۾ تمام اوچي درجي جو لاثاني شاعر آهي شاهه عبداللطيف، سندس شعر مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو پر ابياس ڪيئن ڪريان؟ سنڌي ٻوليءَ جي رواجي ڄاڻ اُن لاءِ ناڪافي هئي ۽ لپيءَ جي ڄاڻ مون کي اصل ڪو نه هئي. تڏهن مهاراج نيٽو رام جي پٽ لوڪرام شرما مون

کي پنهنجي پتا جو لکيل هڪ ڳُتڪو ڏنو. ديوناگري لپيءَ ۾ مون شاهه جا ڏيڍ هزار کن چونڊ بيت پڙهيا ۽ بمبئيءَ ۾ ٿيل هندي ڪانفرنس ۾ ويهن صفحن جو هڪ مقالو ان تي پيش ڪيو. اهو مقالو هندي عالم راج رشي پرشوتم داس ٽَنڊن کي بيحد پسند آيو ۽ هن مون کي ترجمي لاءِ همٿايو.'

شاهه جي بيتن جو ترجمو ڪو رواجي ڪم ڪو نه هو. مٽي شنڪر پنهنجو اڀياس شروع ڪيو ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ تي جيٺمل پرسرام ۽ لالچند امرڏني مل کان مدد ورتائين، پر اهو طريقو ڪيس وڌيڪ سنو ڪو نه لڳو. تنهن ڪري پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ سان رابطو ڪري، سڄو مهينو روز اُن سان ويهي اهي سڀئي بيت ٻڌائين ۽ سمجهيائين. جيڪي هن ترجمو ڪرڻ لاءِ چونڊيا هئا. ان طرح چونڊ بيتن جو ترجمو وڏيءَ جاکوڙ ۽ اڀياس سان ڪيائين. مٽي شنڪر مطابق ڏنل ترجمي ۾ شاهه لطيف جي بيتن جو پاٺ يعني پڙهڻي، ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري 'شاهه جي رسالي' جي طرز تي ڏنل آهي.

ان وچ ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ مٽي شنڪر پنهنجي جنم ڀومي راجستان موٽي آيو. ترجمي جي ڪيل اڌوري ڪم کي هن جڻ وساري ڇڏيو هو. پر مهاراج نيٽو رام جي پٽ اُن جي ڏاڏي وشنو شرما کيس اهو ڪم پورو ڪرڻ لاءِ وري همٿايو. مٽي شنڪر جي صحت سالم ڪا نه پئي رهي. جوڌپور جي دواخاني ۾ پرتي هوندي به هن اهو ڪم پورو ڪيو. ڪيل ترجمي جي جاچ ۽ سڌارا ڊاڪٽر موتيلا جوتواڻيءَ ڪيا. ساهتيه اڪادمي، جيڪا ڀارت ۾ سڀني ٻولين جي سٺي ادب ۽ ان جي ترجمن شايع ڪرڻ جو تمام اهم ڪم ڪندي آهي، ان اهو ترجمو 1969ع ۾ شايع ڪيو.

'ٻه لفظ' کان پوءِ اداري طرفان ڏنل نوٽ مطابق مترجم ان ڪم کي ڪتابي صورت ۾ ڏسي ڪو نه سگهيو. سندس وفات 8 اپريل 1967ع ۾ ٿي چڪي هئي. هن ترجمي ۾ تيهن ئي سُرن مان چونڊ 660 بيت ڏنل آهن.

ڪن هنڌن تي ترجما تمام سٺا ۽ صحيح بيٺا آهن. سُوچنا (ڄاڻ) ۽ معنيٰ جي منتقلي (Transfer) سان گڏ احساس به پڙهندڙ تائين پهچي ٿو مثال طور:

جي مٽي وٺ مِڙن، ته سڀ ڪنهن سَڏ ٿئي،
سِر ڏِني سَٽِ جُڙي، ته عاشق ائيه آچن،
لَڏا سي لَين، ملهه مهانگا سپرين!

(آڏواڻي، سُر ڪلياڻ، داستان 2، ص 9، بيت 18)

ترجمو: 'يدي بدلي ۾ سر ديني سي پريہ پراپت هو سڪي، تو سب ڪي اڇا هو سڪتي هي. سر ديني سي پي سودا جُڙ جايہ تو عاشق يون جائين، جن ڪي نصيب ۾ لکا هوتا وي هي اُسي پاسڪتي هين، پريتم ڪا مول بڙا مهنگا هي (بيت 29، ص 53)

ان ترجمي ۾ بيت جو اصل ڀاو (جذبو) قائم آهي ۽ ٻوليءَ ۾ اها ڊائريڪٽينس بہ آهي.

شاهہ صاحب پنهنجي پرينءَ کي پنهنجو حبيب ۽ طبيب ڪوٺيندي چوي ٿو:

تون حبيب، تون طبيب، تون دارون ڪي دردن،
تون ڏئين تون لاهئين، ڏاتر کي ڏکندن،
تڏهن ڦَڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪرهو اُن کي.

(آڏواڻي، يمن ڪلياڻ 1_15_1)

ترجمو: 'تُم هي وَليپ اور تم هي وئديہ هو، تم هي دُکون ڪي دوا هو، داتا! تم هي دُکون ڪي داتا اور هَرتا هو. دوائون ڪي ڦاڪيان تڀي فائدا ڪرتي هئين، جب اُنهين تمهارا آديش هوتا هئہ. (بيت 35، ص: 55)

ترجمي ۾ 'حبيب ۽ طبيب' لاءِ مترجم بيحد سهڻي نموني سان 'وليپ اور وئديہ' لفظ ڪم آندا آهن، ان ڪري شاهہ واري تجنيس حرفي بہ قائم رهي آهي.

سڄڻ ڪيڏو من موجي آهي ۽ پنهنجي هلائي ٿو، عاشق کي سڀ منظور آهي:

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن کُلن در دوستن جا،
ڪڏهن اچان، اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نِين،
ڪڏهن سِڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳُجهاندر ڳرهين،
اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سپرين!

(آڏواڻي، بروو سنڌي، 1_8_372)

ترجمو: ڪڀي وہ دروازي بند ڪرتي هئين، ڪڀي ميري لئي کولتي هئين. ڪڀي آنا چاهتا هون، تو اندر آني ڪي آگيا نهين ملتي، ڪڀي سويم بلا ڪر لي جاتي هئين. ڪڀي سمبوڌن ڪي لئي پي ترس جاتا هون، تو ڪڀي گُهل مِلڪر گپت باتين ڪرتي هئين. (بيت: 498، ص 193)

پرينءَ کي ڏسڻ وارن نيڻن لاءِ شاهہ چيو آهي:

اڪڙيون پرين ري، جي ڪي ٻيو ڀَسن،
تہ ڪيڏي کي ڪانگن، نِوالا نيڻ ڏيان!
(آڏواڻيءَ واري رسالي ۾ ڪونہ لڌو)

ترجمو: 'يَدي بالَم ڪي بنا يي اکيان ڪُڇ اور ديکين، تو انهين نِڪال ڪر ڳوون ڪو دي دون.'

جهڙي سادگي اصل بيت ۾ آهي، ترجمو بہ اوتري ئي سادگيءَ سان وڏي ڳالهہ چئي وڃي ٿو.

هڪ ٻيو سُٺو مثال:

تن تسبيح، مَن مڻڪو دِل دَنبورو جن،
تندون جي طلب جون،وحدت سُر وَڄن،
'وحده لاشريڪ لہ'، اهو راڳُ رَڳُن،
سي سُتا ئي جاڳن، ننڊ عبادت اُن جي.
(آڏواڻي، آسا، 4_26_389)

ترجمو: 'جنڪا شرير هي سُمرني (مالها) هئي، مَنئا منڪا هئي، هرديہ تانپورا هئي، اور جني تمنا ڪي تار اُس ايڪاتما ڪي ساٿ جهنڪرت هوتي هئين. وهہ ايڪ هئي اور انُپم هئي، يهي راڳ جني رڳ رڳ ۾ ڳونجتا هئي، وه سوتي هي جاڳتي هئين اور اُنڪي نِدرا هي عبادت هئي، پوجا هئي.
(بيت: 618، ص: 233)

ترجمي ۾ اصل رچنا جا ڪي اهڙا لفظ بہ اچن ٿا، جيڪي ان ٻوليءَ ڪي بہ پڙهندڙن تائين پهچائين ٿا، ان کان واقف ڪرائين ٿا. سنڌيءَ ۾ پيار وارا اينڊيئرمينٽ جا جيڪي لفظ آهن، تن جو ترجمو تمام ڏکيو آهي. سُر سارنگ جي بيت (245) 'اڄ پڻ اُتر پار ڏي' جي ترجمي ۾ 'لالڻ' کي مترجم 'لالَن' ڪري ڪنيو آهي، جيڪو هنديءَ جو نہ هوندي بہ وڻندڙ لڳي ٿو. ترجمو ڪندي نوان لفظ بہ گهڙجي ويندا آهن. اهڙو ئي هڪڙو لفظ مون کي نظر آيو سر سسئي آبريءَ جي بيت (285) 'هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار' ۾ 'قاصداڻي ڪار' لاءِ مترجم نئون لفظ 'دُوت پَدَتي' گهڙيو آهي، جيڪو نهڪي آيو آهي.

اِن هندي ترجمي ۾ جيڪڏهن 50 ڪن سٺا بيت آهن تہ ڏيڍ سؤ کن بيت اهڙا آهن، جيڪي معنيٰ، ياڱ ٻوليءَ، عبارت، تهذيبي ڄاڻ، سوچ ۽ ويچار جي

آڏار يا تہ ڪچا ڦِڪا آهن يا ماڳهين غلطِ آهن. سنا بيت ڳولڻ ۾ ڏاڍي جفاڪشي ڪرڻي پيم، پر غلطين سان ڀريل بيت تمام گهڻا مليا.

ڪيترن ئي هنڌن تي معنيٰ جون غلطيون آهن، ڪيترن بيتن جو ترجمو صحيح هوندي بہ شاهہ جي بيت جو احساس ئي نٿو ڪرائي، ڪن هنڌن تي تہ ترجمي جي اوڻائيءَ جي ڪري پڙهندڙ شاهہ جي اوچ ڪلام کي نہ سمجهي سگهندو نہ ئي ساراهي سگهندو.

اهڙا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

صوفي مت جو سنيهو ڏيندڙ شاهہ جو بيت 'پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين' (بيت 10) ۾ شاهہ 'وائيءَ ۾ جنهن وَر جي ڳالهہ ڪئي آهي، سو ئي صوفي مت جو تت آهي تہ جيڪو پڙاڏو (مخلوق) آهي، سو ئي سَڏُ (خالق) آهي. وائيءَ جو وَر يعني تُوِستَ. اهو ئي آهي، جيڪو ترجمي مان غائب آهي، ان جي بجاءِ ڪنهن بہ واٽي جو رهسيہ (ڀيد) ٿو ياسي.

**سوچنا جو سفر (چاڻ جي منتقلي):**

بيت 13 ۾ شاهہ صاحب من جي ڏک کي دور ڪرڻ لاءِ ڪاڙهو پيئاريندڙ ويج کي انڌو ۽ چسو ڪوٺيندي چيو آهي تہ: 'تون منهنجي ڪل ڇو ٿو ڪائين، يعني ڪل ۾ سيون ڇو ٿو ڇپائين؟ (انڌا اونڌا ويج، ڪل ڪجاڙيا ڪائين) پر ترجمي ۾ ضمير بدلائي 'ڪل' جو مطلب 'دوا' ڪيندي چيو ويو آهي تہ اسين ڪل يعني دوا ڇو ڪائون؟ شاهہ 'ڏيل' لفظ 'من' لاءِ ڪتب آندو آهي، تہ مترجم لغتي معنيٰ 'سرير' ڪٽي لکيو آهي تہ اسان جو سرير ڏکي ٿو ۽ تون ڪاڙهو پياري رهيو آهين. جي سرير ئي درد ڪري رهيو آهي تہ پوءِ ويد ڪاڙهو پياري ڇا غلط ڪري رهيو آهي! اُن ئي بيت جي پڇاڙي آهي تہ جيڪي سوريءَ سيج پائين ٿا، تن لاءِ مرڻ مشاهدو يعني محبوب جو مشاهدو آهي. تنهن جو ترجمو 'مهان ڪي درشن' ڪيو ويو آهي، جيڪو پيار ڪان پري ڪنهن ڀڳوان جو درش ٿو ياسي!

سنڌي ۾ 'جُہ' زمان مستقبل جو امپريٽو فارم آهي. بيت 15 ۾ 'سِسي ڏار ڏري، پڇج پوءِ پريتڻو ۾ پڇج بدران پڇڻو آهي' ترجمو ڪري، فعل جو روپ بدلايو ويو آهي، ان ڪري شاهہ جيڪو سڌو سامهون ڳالهائي رهيو آهي، سو بہ بدلجي ٿو وڃي.

'ڪاتي جا قريب جي' (بيت 20، ص 50) ۾ شاهہ پرينءَ کي 'قريب' سڏيو

آهي، جنهن جو ترجمو 'ڪانت' يعني 'مڙس' ڪيو ويو آهي. ايئن ڪرڻ سان معنيٰ جي وڇوٽي پيدا ٿئي ٿي. 'عاشق پنهنجو انگ، الله ڪارڻ وڍيو' ۾ جتي شاهہ بيحد خوبصورت اظهار ڪيو آهي، اتي ترجمو 'پريمي، جَنون ني اپنا انگ الا (الله) ڪي لئي ٹُڪڙي ٹُڪڙي ڪر ديا هئي.' ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪدم پُٺتو ۽ رُڪو ٿو لڳي.

معنائن جي وڇوٽين ۽ غلطين وارا ڪيترائي بيت آهن:

رڳون تيون رباب، وڄن ويل سيڪهين،
لُڇڻ، ڪُڇڻ، نہ تيو جانب ريءَ جَباب،
سوئي سنڏيندم سپرين، ڪيس جنهن ڪباب،
سوئي عين عذابُ، سو ٿي ساحت رُوح جي.

(آڏواڻي، ڪلياڻ 3_4_11)

ترجمي ۾ (بيت 30) رباب کي 'تانپورو' چيل آهي 'جانب ري جباب' جي معنيٰ 'پريتم لاجواب هئہ' ڪيل آهي، جڏهن تہ صحيح معنيٰ تہ لچندڙ عاشق چا ڪُڇي، ڇو جو پرينءَ ري جواب يعني خاموش آهي.

جان ڪي ڪري طبيب، دارون هن درد جا،
هٿيو سي حبيب، اُڪوڙيو آڏ ڪري.

(آڏواڻي، يمن ڪلياڻ 2_1_18)

ترجمي ۾ 'تن' جي معنيٰ 'من' ڪيڻ بدران 'سرير' ڏني وئي آهي. 'اڪوڙيو اڏ ڪري' شعر ۾ جهڙو اثر ڇڏي ٿو، ترجمي ۾ جيئن جو تيئن رکڻ سان پنهنجو اثر وڃائي وهي ٿو. 'پريتم پڙهار ڪر اُسي اُکاڙ آڏا ڪر ديتي هئين.'

سُر سهڻيءَ جي هڪ بيت 'ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن' (1_3_91) جي ترجمي ۾ 'ساهڙ' جو ترجمو 'سوامي' (بيت 188) ڪيل آهي. بيت 195 ۾ 'ساهڙ، سا سهڻي' ۾ 'ساهڙ' جي معنيٰ 'شوهر' ڏني وئي آهي بيت 219 ۾ 'پليرا سُپرين' جو ترجمو 'ميري پَلي پگوان' ڪيل آهي، جيڪو شاهہ جي سڄيءَ فلاسافيءَ جي ابتڙ ٿو لڳي. شاهہ 'عشق' جي ڳالھ ڪري ٿو تہ ترجمو جڻ 'ڀڳت ۽ ڀگوان' جي ڳالھ ڪري ٿو.

ڪيترن هنڌن تي گرامر نہ سمجهڻ جي ڪري معنائون بدلجي ويون آهن. بيت 278 ۾ 'ڏونگر ڏوراپن سين، ڪاتيءَ ري ڪُنوم' ۾ سسئي چوي ٿي تہ ڏونگر مون کي منهنجي سَتي رهڻ تي ڏوراپا ڏيئي بنا ڪاتيءَ وڍي وڌو آهي

تہ ترجمو چوي ٿو ’بِنا ڇَري ڪي هي مَئين ڊونگر ڪو اُلاهنون سي قتل ڪر ديا هئي.‘ بيت 295 ۾ ’ڪين ڪديو ڪنڌ، منجهان سَگَ سيد چوي‘ ۾ شاهہ چوي ٿو تہ ’جي تنهنجو جيءُ هڪ دفعو جانب سان جڙي ويو تہ اهو سگ ٽوڙي نہ سگهندين. پر ان جو ترجمو ڪيل آهي ’سيد ڪا ڪهنا هئي ڪ اس ڪي سنگت سي تجهي ڪوئي نهين نڪال پائيگا.‘ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جي خصوصيت آهي، جنهن جو صحيح مطلب نہ سمجهڻ ڪري، ترجمي وقت معنيٰ غلط ٿي نڪري.

سُر سسئي آبريءَ جي بيت 288 ۾ ’وٽڪار‘ کي ڪو خاص ’جهنگ‘ سمجهي، ان جي معنيٰ ’لسبيلي جي هڪ جهنگ جو نالو جتي پنهون رهندو هو. ڏنو ويو آهي. بيت 270 ۾ ’جت ڪُرَم نہ قبيلا، اُت رَسِج رهبر راهہ ۾‘ جي ترجمي ۾ ’رهبر‘ جي معنيٰ ’سونهين‘ (Guide) بدران ’همراهي‘ ڏني وئي آهي.

ترجمي جي ٻوليءَ ۾ شاهہ وارا احساس نہ هئڻ ڪري، ڪيترن ئي هنڌن تي ترجمو عجيب ۽ رُکو ٿو محسوس ٿئي. سر سسئي آبريءَ جي بيت 290 ۾ ’وِهو وِڇ رهن، سهسين سَڏُن واريون‘ جو ترجمو ’ڪيوَل اِڇائين ڪرني والي هزارون مَهِلائين بيچ ۾ هي بٽ جاتي هئن‘، ’ملهلائين‘ جي ڪري ترجمو عجيب احساس ٿو ڪرائي.

بيت 305 ۾ ’رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سين‘ ۾ ’رتيءَ جي رهاڻ‘ جو ترجمو ’رتي پر روح بهلاني ڪي لئي اپنا جي پنهون سي اڙايا‘ ڪيل آهي، جيڪو غلط آهي. شاهہ پنهونءَ لاءِ ’آري‘ لفظ ڪم آندو آهي ۽ سسئي پاڻ کي ’آرياڻي‘ سڏيو آهي. مترجم ’آرياڻي‘ مان ’آري‘ جو مطلب ’آريہ‘ ڪيو. بيت 297 ’موٽڻ جي مصلحت، مون کي ڏيو نہ جيڏيون‘ جو ترجمو ڪندي لکيو آهي، ’يهان سي نڪل ڪر مجهي اُس آريہ ڪي درشن ڪرني هئين.‘ آريہ لفظ جو اهو استعمال، ’هاري‘ لاءِ ’پراجتي‘ ۽ ’اگهاڙي‘ لاءِ ’ويت وَسني‘ (سر ڪاپائتي، بيت 580) جهڙو استعمال مون کي سنڌيءَ بدران سنسڪرت ناٽڪ جو احساس ڪرائي ويو. لڳو تہ شاهہ نہ، پر ڪاليداس پيئي پڙهان.

سر معذوريءَ جي بيت (329) ’وارو! مون وڏراهہ، ڪا سَڏ سونهپ جي نہ ڏيوا‘ (ڪلياڻ – معذوري 4_3_159) جو ترجمو آهي: ’وَنراج! مجهي افسوس هئي ڪِ تو مجهي سندرتم ڪي سُڌي نهين ديتا‘ جيڪو بلڪل غلط آهي. افسوس، ڏک ۽ درد جو اظهار ’وارو!‘ کي ’وڻ‘ جوڙيندي، ’وَنَ جو راجا‘ سمجهيو

ويو آهي ۽ ’سونهپ‘ کي ’سونهن‘ سمجهي، ان جي معنيٰ ’راهه ڏيکاريندڙ‘ بدران ’سهڻو‘ ڏنل ڪئي وئي آهي.

سُر ديسيءَ ۾ بيت (380) ’لڏيندي لباس‘ ۾ ’اچي آري جام جو وڻ وڻ منجهان واس‘ ۾ وڻ وڻ مان پرينءَ جو واس اچڻ مان، جيڪو احساس ٿئي ٿو، ترجمي ۾ ’ساجن ڪا سورپ پيڙ پيڙ ۾ سي آرها هئي‘ باراٽو ۽ ٻسو لڳي ٿو. بيت (388) ’پنهون سين پريت جو ڪو جو پيچ پيوم‘ ۾ ’ڪاڪيون‘ جو مطلب ’چاچيون‘ ڏنل آهي. شاهه سياڻي ڳالهه ڪندڙ سسئيءَ جي ساهيڙين لاءِ اهو لفظ ڪم آندو آهي، جڏهن ته مترجم ان جي لغتي معنيٰ ’چاچي‘ کنئين آهي، جڻ سسئيءَ جون وڏيون مائٽياڻيون ڪيس روڪي رهيون هجن. تيئن ئي بيت 390 ۾ ’لطفئون‘ جو مطلب ’مهر يا ڪرپا سان‘ ڪرڻ بدران ’مزي سان‘ ڪيل آهي. ’اُسرڻ‘ جي معنيٰ ’پرگهٽ ٿيڻ‘ بدران ’ڦوتڪر‘ ڏنل آهي. ’مئي‘ لفظ جيڪو رسالي ۾ سوين ڀيرا آيو آهي، تنهن کي ڇڏي ئي ڏنو ويو آهي.

ڪيترن هنڌن تي ترجمو صحيح هوندي به اُبتو اثر ٿو ڇڏي. سُر مومل راڻي ۾ رَس ۾ ’رسڻ گهريو‘ (510) بيحد خوبصورت بيت آهي، پر ان جو ترجمو ڏسو: ’رُوٺ مت، روننا پر پارا راڻا! پڪشپات چوڙ ميري دوش دور ڪر...‘ راڻي کي پرچائڻ بدران جڻ حڪم آهي.

سر ليلا چنيسر ۾ ’اوگڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا‘ (455) ۾ ’داسڙا‘ جي معنيٰ چنيسر بدران ’داسي‘ ڪڍي ڇيل آهي ته ’اپار اوگڻ ڪري هيءَ داسي تنهنجي در آئي آهي.‘

سر بلاول ۾ بيت ’تڙ تڙ ڪيم ترس‘ (562) ۾ ’پاڳ تنهن جي پَس‘ جو ترجمو ’پَدانڪ‘ معنيٰ ’پير‘ ڪندي ڇيل آهي ته، ’ان جا ئي پير نهار‘، ’ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٽ ڪري‘ جو گرامر نه سمجهڻ ڪري ترجمو ڪيو ويو آهي، ’جو گردن اونچي رک ڪر بات ڪرتي هئين، وي اپني ڪو گهاتي ۾ رکتي هئين.‘

سر ڏهر ۾ بيت ’ڪڏهين مڙهه مقام ۾، ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ‘ جو ترجمو ڪيل آهي: ’لال لال دولها‘، جيڪو پڙهي، کل اچي ٿي ته هي ڇيل ڇا آهي آخر!

هندي ڇاپي ۾ لفظي ترجمي جي ڪري شاهه جي ٻوليءَ ۽ عبارت کي وڏو هاڃو رسيو آهي. ڀاو- ترجمو (جذبي جو ترجمو) تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن ٻنهي ٻولين تي پڪڙ هئڻ سان گڏ اصل لکندڙ جي سنويد نشيلتا به

پڪڙي سگهجي. شاهه کي سمجهڻ لاءِ شاهه جي فلاسافيءَ کي سمجهڻ ضروري آهي. هيءُ هندي ترجمو عشق مجازي ۽ عشق حقيقيءَ بدران شاهه کي ڄڻ يڳوان جو هڪ يڳت ڪري ڏيکاري ٿو. جيڪو ان سنسار ساگر کان پار پهچڻ چاهي ٿو. پنهنجائپ بدران ڄڻ ٻيائيءَ جو احساس ترجمي مان ٿئي ٿو. مهاڳ مان خبر پئي ٿي ته مترجم ڪافي عرصو سنڌ ۾ رهيو آهي. پر ترجمو پڙهي احساس ٿيو ته شاهه کي ترجمي ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ رهڻ ناڪافي آهي. ان لاءِ 'سنڌي' هئڻ به ضروري آهي. شاهه کي محسوس ڪرڻ به ضروري آهي. شاهه جي شعر جي جماليات مون کي ترجمي ۾ ڳوليندي ڪا نه لڌي. پر ايئن لڳو ته شاهه جي شعر جو رس پيئڻ بدران وات ۾ ڄڻ ڪک پيا لڳن. ڦوڳ ڏنو ويو آهي.

سچ ته سٺي شعر جو سٺو ترجمو ناممڪن بيشڪ نه هجي. ناممڪن جهڙو اوس آهي.

**(2) گجراتي ترجمو: دُليراءِ ڪاراڻي**

دُليراءِ ڪاراڻي، گجراتي ۽ ڪڇي ٻوليءَ جو عالم ۽ محقق هو. هن سنت ساهتيه لوڪ ادب ۽ ڪڇ جي تاريخ جو اونهو اڀياس ڪري ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. دليراءِ جڏهن شاهه جو شعر پڙهيو ته هو ان جو شائق ٿي پيو ۽ ان جو گجراتي ترجمو ڪري، گجراتي ادب کي ان سان واقف ڪرايائين. دليراءِ ڪاراڻيءَ هيءُ ترجمو 'رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو' احمد آباد (گجرات) مان 1979ع ۾ پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيو.

دليراءِ ڪاراڻي ترجمي جي شروعات ۾ شاهه جي جيون ۽ سندس شعر بابت تفصيل سان ڄاڻ ڏني آهي. شاهه جي شعر جي ساراهه ڪندي هو لکي ٿو ته: 'شاهه جي رسالي ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي پريم ڪٿائن جا ڪردار، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، راڻو مومل، ليلان چنيسر، عمر مارئي وغيره کي اهڙي نموني دل کي ڇهندڙ بيتن ۽ ڪافين ۾ پرويو ويو آهي، جو لوڪ جي دلين مان اهو ڪڏهن به ميسارجڻو ناهي. عشق مجازيءَ جو بيان ڪندڙ سندن ٻاٽيءَ کي اندرينءَ نظر سان پڙهندي، ان ۾ عشق حقيقي ٿمتار نظر ايندو. شاهه جي هر بيت ۾ ڪو نه ڪو اونهو راز آهي. سندس شعر ۾ عشق آهي، درد آهي، ڳوڙها آهن ۽ اُهي ان ريت ڳتيل آهن، جو ڪنهن به حساس دل کي جڪڙي وٺن. سندس ٻاٽيءَ جي پريم پاش مان پاڻ ڇڏائڻ ڏکيو آهي.

ڪاراڻيءَ مهاڳ ۾ ٽي شاهه جا اهي به بيت درج ڪيا آهن، جن ۾ نارايڻ سرووَر ۽ ڪوٽيشور جو ذڪر آهي. هنن بيتن جو پاٺ هتي ڪاراڻيءَ وارو ئي ڏجي ٿو:

نَهايہ جي ناراڻ سر، سمري هڪڙي ساءِ،
اوڏو آئيہ الله، ڪوٽيسر جي ڳنڍ تي.

(جو نارايڻ سر ۾ سنسان ڪري ٿو ۽ هڪ ساهه ۾ سمري ٿو، تنهن لاءِ ڪوٽيشور جي ڪنڌ ۾ سنان ڪرڻ واري ڪان پرماتما دور ناهي.) صفحو 11

ڪوٽيسر جي ڳُنڍ تين، رهئو آهي رام،
جن سنياسين سمريو، اندر ٿيو آرام،
ڪروڌ ۽ ڪام، ويا وجودان نڪري

(ڪوٽيسور ڪنڌ تي رامچندر جيءَ جو واسو آهي، جيڪو سنياسي ان کي ياد ڪري ٿو، ان جي اندر کي آرام ۽ شانتي ملي ٿي، ڪام ڪروڌ وغيره سرير مان نڪري وڃن ٿا.)

ڪاراڻيءَ مطابق شاهه جي اصلي رسالي ۾ تہ لڳ ڀڳ پنج هزار بيت آهن، پر هن پنهنجين محدودگين کي ڌيان ۾ رکندي، هڪ اڌ هزار بيت ئي ترجمو ڪيا آهن. هن ان مهاڳ ۾ راجستان سرڪار (مومل جي لوڪ ڪهاڻي ۽ مومل جي ماڙيءَ جو فوٽو موڪلڻ لاءِ) ۽ پاڪستان سرڪار جي (شاهه جي مقبري جي تصوير موڪلڻ لاءِ) شڪرگذاري مڃي آهي. جنهن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ هن صاحب نہ رڳو شاهه جي رسالي جي ترجمي جو پر شاهه سان وابستہ ٻين ڳالهين جو بہ ڌيان رکيو آهي.

دليراءِ واري هن ترجمي ۾ ڪل 36 سُر آهن. ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري رسالي ۾ ڏنل ٽيهن سُرن کان سواءِ ڇهہ ٻيا سُر آهن: بيراڳ هندي، هير رانجها، سينهن ڪيڏارو، ڍول مارئي، ڌناسري ۽ بسنت بهار. هر سُر جي شروعات ۾ ان سُر بابت ڪجهہ بيان بہ ڏنل آهي. مهاڳ ۾ اهو ڄاڻايل ناهي تہ اهي بيت ۽ انهن جي پڙهڻي شاهه جي رسالي جي ڪهڙي نسخي تان ڪنيل آهي.

دليراءِ پاڻ ڪڇي هو، ان ڪري سندس گجراتي ترجمو اصل سنڌيءَ جي وڌيڪ ويجهو آهي. هڪ ڳالهہ ڌيان ڇڪائي ٿي تہ ترجمي ۾ ڏنل اصل بيتن ۾ لفظن جي بيهڪ، سنڌيءَ بدران ڪڇيءَ جي ويجهي آهي. جيئن، ’سيد‘ بدران ’سيڌ‘ (صفحہ 127)، ’ننڌ‘ بدران ’ننڌ‘ (صفحہ 236)، ’ڳالهائين‘ بدران ’ڳالائين‘ (صفحہ 229) ۽ ’نصيب‘ بدران ’نصيپ‘ (صفحہ 154) وغيره.

ڪڇي لهجي وارو هڪ بيت مثال طور پيش آهي:

اَن جي ڏِنا هُون، اللا (الله) ڪارڻ ڳال ڪريئو
نيڻ منهنجا رون، راتو ڏينهان اُن ڪي.

(صفحہ 153)

ڪاراڻيءَ شاهه وارو انداز قائم رکندي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اها رواني رکي آهي، مثال ڏسو:

'جتن ڪج جتن جو آيا ڪي ايندا،
وٺي پنهون پاڻ سين، وٺان تو ايندا.'

(ترجمو: 'او سسئي!' تون آ جَت لوڪو تي سنڀالجي، اي تو آويا ڪي آوشي! پنهون ني لئي ني تاري پاسي تي چاليا جشي. ايڪ ڀِلَڪ ڀڻ توپيا وِنا پوتانا وطن پر سِڌاري جَشي. (ص 117)

بيت جي شروعات ۾ 'اوسسئي' ۾ پوءِ اهڙي ٻولي، جيڪا چڻ ڪا ڳالهه ٻولهه پيئي لڳي، شاهه جي اصل بيت کي گهٽ نه ٿي ڏيڻ ڏي.

سر مومل راڻي جي بيت 'وِٺ سوريندي ولها، ويئو تيل ٻري' جو ترجمو هن ريت آهي:

ترجمو: او وَهالا! ديواني واٺ ني سنڪورتا تمام تيل ٻڙي گيون، (زندگي ختم ٿئي گئي) او پيارا مسافر! تون چانگا (اونٺ) پر چڙي ني پاچو قر! راڻا ماٿي رڙتا رَڙتا آکي رات ويتي گئي.

ترجمي لاءِ اصل صحيح پاٺ تمام ضروري آهي، نه ته ترجمو غلط ۽ اُبتو ٿي سگهي ٿو، اهڙو هڪ مثال ڏجي ٿو:

ڪرڙا ڏونگر، ڪَ گهٽي، جِت مينهن وَسَن ماڪُون،
سُجَن ٿيون، سيد چئي، هاڙهي جون هاڪون،
جِت انڌايون اوطاقون، تِت ڪاهي رسج ڪارٽي!

(سرديسي، داستان 7، بيت 6، ص 181)

دليراءِ واري ترجمي ۾ هيءُ بيت هن نموني آهي ته:

ڪرڙا ڏُنگر ڪهه گهٽي، جت مينهن نه وَسن ماڪون،
سُجن تييون سَئيڌ چئي، هاڙي جيون هاڪون،
جت انڌييون اولاڪون، تت ڪاهي رسج ڪارٽي.

(ص 127)

(جبل ڪرڙا آهن، انهن تي نه ئي برسات پوي ٿي، نه ئي ماڪ پوي ٿي.

سيد چوي ٿو تہ هاڙا جبل جا هوڪا ئي پڌجن ٿا، اُتي انڌين اُنين کي سنڀالڻ لاءِ او مالڪ! تون ٻوڙي اڇجانءِ.)

اصل بيت مطابق جبل تي مينهن وسڪارا ڪري پون ٿا. بيت ۾ 'اوطاقون' لفظ آهي. ان ڪري ترجمو 'اونداها ماڳ' ڪيل آهي. جڏهن تہ گجراتي ترجمي ۾ 'اولاڪون' لفظ ڏيئي ان جو ترجمو 'انڌيون اُنيون' ڪيل آهي، جنهن سان بيت جي معنيٰ بدلجي وڃي ٿي.

اهڙو هڪ ٻيو بيت ڏسو:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
لڏيو لاڏوڻا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
پُڄاڻا پرين، ڳجي بس پنيور ڪان.

(سر ديسي، داستان 1، بيت 7 ۽ ص 169)

اهو بيت دليراءِ جي گجراتي ترجمي ۾ هن ريت ڏنل آهي:

ڊِسي سيڻ ڪِجن، پرديشي ڪيڙا پرين؟
لڏيئو لاڊوڻا ڪيئو، پانهجي ديس وڃن،
پُڄاڻان پرين، ڪجي يَس پنيور ڪان.

(ص 116)

جتي اصل بيت موجب 'ديسي' سيڻ ڪرڻ گهرجن. گجراتي ترجمي مطابق 'ڏسي وائسي' سيڻ ڪرڻ گهرجن.

ڪن غلطين ۽ غلط پڙهڻين کان سواءِ دليراءِ جو ڪيل هيءُ ترجمو تمام سٺو آهي. سندس ٻوليءَ ۽ ڀاوَ دل کي ڇهندڙ شاهہ وانگر تمام پنهنجائپ وارو آهي. پرينءَ کي پرينءَ جي روپ ۾ ئي ڏيکاريل آهي.

## (3) انگريزي ترجمو: اِنجو ماڪيجا ۽ هري درياڻي 'دلگير'

دهليءَ ۾ 'ڪٿا' نالي هڪ ادارو ترجمي سان وابستہ آهي ۽ تمام سٺو ڪم ڪري رهيو آهي. ان طرفان سال 2005ع ۾ شاهہ جو چونڊ شعر 'شاهہ عبداللطيف- سيڪنگ د بلويڊ' (ص 272) شايع ڪيو ويو آهي، جيڪو اُنجو ماڪيجا ۽ سدا حيات هري درياڻي 'دلگير' جو ترجمو ڪيل آهي. اِنجو ماڪيجا پاڻ سنڌي ڪا نہ ڄاڻي، پر انگريزيءَ جي ماهر آهي.

ترجمو انگريزيءَ ۾ آهي، ان ڪري مون سمجهيو هو تہ شايد اهو ترجمو

شاهه ڪان اڳا پري هوندو، پر منهنجي سوچ غلط ثابت ٿي ۽ مون کي بيحد خوشي به ٿي، ڇو جو ان ترجمي تي سنڌيءَ جي تمام سٺي شاعر ۽ سنڌي ۽ انگريزيءَ تي ساڳي پڪڙ رکندڙ سدا حيات هري دلگير جو قلم هليو آهي، ان ڪري اهو ڪمال ٿي سگهيو آهي.

مهاڳ ۾ اِنُجو ماڪيجا مطابق، پارٽي انگريزي عالمن شاهه لطيف جي شعر کي نظرانداز (Ignore) ڪيو آهي، ان ڪري هيل تائين شاهه جو ترجمو ڪو نه ٿي سگهيو آهي. ڪيترا ان جي شعر کي ڏکيو ٿا سمجهن، ڪيترا اُن جي گهاڙيٽي کي هو بيحد خوبصورتيءَ سان اسلامڪ، پرشين ۽ هندو فلاسافيءَ کي لوڪ ڪٿائن ذريعي ڳنڍيندو هلي ٿو.

هن ترجمي ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي شاهه جي رسالي جو آڌار ڪنيو ويو آهي. سر مطابق هلندي هر بيت هيٺان داستان ۽ بيت جو نمبر پڻ آهي. هندي ۽ گجراتي ترجمي ۾ اها وڏي کوٽ هئي، جنهن ڪري انهن بيتن کي اصل رسالي ۾ ڳولڻ منهنجي لاءِ تمام ڏکيو ڪم ٿي پيو هو. هتي بيتن جي چونڊ ان جي ادبي ملهه، موضوع (Theme) ۽ شاهه جي فلاسافيءَ جي آڌار تي ڪئي وئي آهي. شاهه جو ميٽر (Meter) ۽ رائيم (Rhyme) رکڻ ناممڪن هو، ان ڪري اهو ترجمو 'فري وَرس' (Free Verse) ۾ آهي. هر سُر جي شروعات ۾ ان بابت ٿوري ۾ ڄاڻ پڻ ڏنل آهي.

مهاڳ ۾ هري دلگير هڪ خاص ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي ته شاهه جي چونڊ شعر جا ڪجهه ترجما، جيڪي انگريزي اردو ۽ هنديءَ ۾ ٿيا آهن، سي دل کي اطمينان نٿا ڏين، ڇو جو ان ۾ اصل شعر جي لِرڪل ڪوالٽيءَ (Lyrical Quality) سان مئچ ڪرڻ لاءِ رائيم جو سوچي سمجهي استعمال ڪيو ويو آهي. ان کي ڌيان ۾ رکندي، اسان اهي ٽي بيت چونڊيا آهن، جن جو 'فري ورس' ۾ اثردار ترجمو ٿي سگهي.

ٻه ٽي مثال پيش آهن، جن جو اوک ڏوک ڪرڻ بدران انهن جو لطف وٺڻ ضروري آهي، ڇو جو ترجمو واقعي سٺو آهي.

With arrows in your bow
Shoot me
But beware
My friend

You are within me
You may strike yourself.
*(Yaman kalian, p: 61)*

You cease to be a true kafir,
Refrain from calling yourself one.
Unfit for janio and tilak
You are not even a true hindu.
*(Aasaa, p: 116)*

With a fine needle,
My spirit is attached
To maroos
Soomra!
My body is in your fort,
My soul in those shanties.
*(Umar maarui, p: 159)*

ڪتاب جي آخر ۾ لڳ ڀڳ ستر لفظن جي گلاسري (Glossary) پڻ ڏنل آهي. ترجمي ۾ ڪيترن ئي سنڌي لفظن جو جيئن جو تيئن استعمال ڪيل آهي، جيڪو سنڌي ڄاڻندڙن کي ته وڻندو پر غير سنڌي پاڙهڪن لاءِ انگريزي بيتن جي وچ ۾ 'جڻيو ۽ تلڪ' وغيره سمجهڻ ڏکيو آهي، 'مارو ۽ سُومرا' جهڙا خاص لفظ جيئن جو تيئن ڪتب آڻي مترجم تمام سٺو ڪيو آهي. پر ان سان گڏ انهن بابت ڄاڻ ڏيڻ پڻ ضروري لڳي ٿي، ڇو جو اهي لفظ گلاسري ۾ پڻ ڏنل نه آهن.

مون کي ٿنهي ترجمن مان انگريزي ترجمو شاهه جي ويجهو، شاهه جي ٻوليءَ ۽ مرم کي ان ئي اونهائي ۽ سادگيءَ سان پيش ڪندڙ لڳو ۽ ان جو هڪ سبب مترجم جو پاڻ سٺو شاعر ۽ ٻنهي ٻولين تي ساڳيو دسترس هئڻ آهي. پر سڀ کان وڏو اهم سبب آهي ته دلگير شاهه جو مريد هو. سنڌي تهذيب سندس ساهه ۾ سمايل هئي. هو روز شاهه جو رسالو پڙهندڙ هو. هو شاهه کي پاڻ ۾ جذب ڪري سگهيو هو.

’شاهه جي رسالي‘ جي يا ڪٽي چئجي ته شاهه جي چونڊ شعر جي انهن تنهي ترجمن جو اڀياس ڪندي. اها ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته هنديءَ ۾ ترجمو ڪندڙ مٽي شنڪر سنڌ ۾ پل رهيو پر سنڌي ٻولي سندس دماغ ۽ دل ۾ نه پر لغت ۾ آهي. گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ ڪاراڻي ڪڇي هئڻ ڪري سنڌي وڏيڪ سجي سمجهي ٿو. ان وٽ ٻوليءَ جو احساس هئڻ ڪري سوچ جو احساس پڻ آهي. جيتوڻيڪ ڪن هنڌن تي ان وڏيڪ جڻ نقصان پڻ پهچايو آهي. انگريزي، جيتوڻيڪ هڪ پرڏيهي ٻولي آهي، ان هوندي به انگريزي ترجمو بيحد اثرائتو ۽ خوبصورت آهي. جنهن جو پورو شرف شاعر ذلگير ۽ انگريزيءَ جي سٺي ڄاڻو اِنجُوماڪيجا کي آهي.

سٺي ۽ ايماندار ترجمي لاءِ ٻنهي ٻولين جي پوري ڄاڻ ۽ سمجهه هئڻ بيحد اهم آهي. سٺي ترجمي لاءِ سورس لئنگئيج جو مترجم ڪپي، جيڪو ٻوليءَ جي سادگيءَ ۽ وروڪڙ ٻئي سمجهي، ان جي تهذيبي عنصرن کي سمجهي. شعر جو ترجمو جي سٺي شاعر ڪيو آهي ته تمام خوبصورت بيئنو آهي.

اڄ جڏهن سڄي دنيا صوفي شاعريءَ جي ديواني آهي، وڏن وڏن مسئلن ۾ ڦاٿل انسان جي روح کي راحت، پيار ۽ امن جي ضرورت آهي، تڏهن شاهه کان وڌو بيو ڪهڙو شاعر ٿي سگهي ٿو، جيڪو اها اُڄ مِٽائي يا اُڄ ڄاڳائي! شاهه رڳو هڪ شاعر ناهي، بلڪ سڄي سنڌي ڄاتي ۽ تهذيب جو عڪاس آهي. سندس ترجمي سان سنڌي ئي پورو انصاف ڪري سگهندو. ان ڪري اسان کي ان جي اهميت سمجهندي، شاهه جي رسالي جا جدا جدا ٻولين ۾ سٺا ترجما ڪرڻ ۽ ڪرائڻ گهرجن. جيئن شاهه جي شاهاڻي صورت دنيا جي سامهون وڏيڪ چٽي ٿئي ۽ هو جنهن مانَ ۽ عزت جو حقدار آهي، سو کيس حق سان حاصل ٿئي.

Vimmi Sadarangani

Associate Professor, Sindhi Tolani College of Arts and Science, Adipur (Kutch) 370205, India.

Email: vimmi_rs@yahoo.com, vsadarangani@hotmail.com

(10 جنوري 2010 تي ڀٽ شاهه ۾ انٽرنيشنل شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو)

**

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي روضي جي تاريخ

## ترتيبوار ڇپيل سوالن جا جواب ۽ پنهنجي پاران گڏ ڪيل مواد جو خلاصو

ذوالقرنين شاهه

سڀ کان پهرين شاهه سائين جي روضي متعلق ٿورو گهڻو احوال، ڪتاب "تحفة الڪرام" (ليکڪ مير علي شير قانع ٺٽوي) ۾ اچي ٿو. جيڪو شاهه سائين جي وفات کان اٺ سال پوءِ يعني 1760ع ۾ لکيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب فارسي ۾ آهي، جنهن جو بعد ۾ سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو. ان ۾ لکيل آهي ته: "شاه سائين جو روضو نهايت اوچائي تي ٺهيل آهي. هيءُ روضو حاڪم وقت غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪم تي جوڙايو ويو. پهرين سجاده نشين درگاهه ڀٽائي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ٺاهيندڙ هو عيدن رازو، جيڪو سکر جو وينل آهي هر جمعي رات گهڻا ماڻهو اچن ٿا، ميلو متل رهي ٿو ڏڪڻ ۾ ڪراڙ ڍنڍ تي بهاري لڳي پئي آهي تمام گهڻا ساوا وڻ بيٺل آهن، جيڪي سهڻو نظارو پيش ڪن ٿا."

دراصل حقيقت هن ريت آهي ته لطيف سائين 1752ع ۾ وفات ڪئي ۽ 1754ع ۾ روضو جڙي راس ٿيو. هي روضو زمين کان نيل (ڪلس) تائين 67 فٽ مٿي آهي، مٿي دروازي جو منهن اوڀر طرف آهي اندران ٿوڙي ٻاهران جاذب نظر ڪاشي ڪاري جو ڪم ٿيل آهي.

چاندي واري دروازي مٿان تقريبن 5 فٽن تي ڪاشيءَ جي سر لڳل آهي، جنهن تي لکيل آهي.

"تارييخ وفات 1165هه ۽ روضو مڪمل ٿيو 1167هه ٺاهيندڙ عيدن رازو وينل سکر شهر."

روضي لاءِ رقم فراهم ڪئي غلام شاهه ڪلهوڙي ۽ نگراني ڪئي سيد

جمال شاهه. پهريون سجاده نشين درگاهه پٽائي وفات 1204هه.

ان بعد پهريون مفصل ڪتاب مير عبدالحسين سانگي لکيو جيڪو شاهه سائين جي زندگي متعلق هو. ڪتاب جو نالو آهي ”لطائف لطيفي“ هيءُ ڪتاب مير صاحب ڀٽ شاهه تي اچي لکيو جيڪو 1888ع ۾ مڪمل ٿيو ان ۾ لکيل آهي تہ: مير نصير خان ”الغازي“ حاڪم سنڌ 1835ع ڌاري روضي جي ٻيهر مرمت ڪرائي. هن اندرون روضہ ميناري ڪاريءَ جو ڪم ڪرائڻ پئي چاهيو. پر انگريزن سندس حڪومت ختم ڪري ڇڏي. جنهن ڪري رٿيل ڪم نہ ٿي سگهيو. البت مير صاحب روضي جي اتر ۾ شاهه سائين جي ناهيل مسجد کي پڪو ڪرايو ۽ ڪاشيءَ جو ڪم ڪرائي مڪمل ڪيو. ان کان سواءِ نصير خان روضي، مسجد ۽ شاهه حبيب والد شاهه لطيف ۽ قبرستان کي پٽ ڌياري محفوظ ڪيو ۽ ان تي چار گنبذ ٺهرايا. جيڪي اڄ بہ موجود آهن. يعني لکي در وارو گنبذ جي پرسان بہ ننڍا گنبذ. ٻانگي وارو دروازو ۽ ان مٿان گنبذ روضي اندر وچ تي اڄ بہ ٿوري ميناڪاري موجود آهي جيڪا مير نصير خان ڪرائي هئي.“

”لطائف لطيفي“ ۾ وڌيڪ لکيل آهي تہ مير نصير خان جي ڀن سوٽن مير نورمحمد درگاهه اڳيان وڏو کوهه کوٽرايو. جيڪو اڄ بہ موجود آهي ۽ مير محمد خان ٽالپر (ٽنڊي محمد خان جو باني) موجوده چاندي وارو دروازو نصب ڪرايو جيڪو اڄ بہ اڃا تائين موجود آهي. (اوپر وارو)

انگريز سرڪار طرفان روضي جي مرمت لاءِ ڪو بہ اهڃاڻ نٿو ملي، البت ان دور ۾ 1928ع ڌاري ان وقت جي سجاده نشين درگاهه پٽائي سيد علي بخش عرف علڻ سائين (وڏي) درگاهه تي جامع ڪم جي شروعات ڪئي. درگاهه تان ملندڙ نذراني جي رقم کان علاوه سجاده نشين ۽ پٽائي صاحب جي مريدن بہ رقم فراهم ڪئي. ان رقم مان روضي اڳيان وڏو ورانڊو جوڙايو ويو. جيڪو اڄ بہ موجود آهي ان کي ونگن سان پنج دروازا آهن. ڇت تي شيشم جو ڪاٺ ۽ ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن. جيڪي شاهڪار آهن. ديوارن تي ڪاشي ۽ چٽسالي جو بهترين ڪم ٿيل آهي، ان کان سواءِ جامع مسجد جنهن جي مرمت مير نصير خان ڪرائي هئي. ان اڳيان بہ وڏو ورانڊو جوڙايو ساڳيو ڪم ان مٿان بہ ٿيل آهي ان ورانڊي کي ست دروازا آهن پنج اوپر کان ۽ بہ ڏکڻ کان.

درگاھ اندر ۽ ٻاھر لکي در تائين سنگ مرمر جو فرش لڳرايو ويو. سڄي مسجد وينديءَ ٻانگي واري دروازي تائين بہ ساڳيو فرش لڳرايو ويو. روضي اڳيان، وراندي ۽ مسجد جي صحن اندر 6 عدد سنگمرمر جا نهرا پلر لڳل آهن، جيڪي سنڌ اندر ڪنهن بہ ٻي درگاھ ۾ لڳل نہ آهن. انهن پلرن کي ڏسي ماڻهو دنگ رهجي ٿا وڃن تہ هي آيا ڪيئن هوندا! سڄو سنگمرمر مڪرانہ (راجستان) انڊيا کان آيو هو ۽ ان کي تراشي ٺاهڻ وارو ڪاريگر هو عبدالخالق اھا سر لکي در مٿان لڳل آهي اڄ بہ.

مشهور محقق رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي تصنيف ”جنت السنڌ“ ۾ لکي ٿو تہ: ”شاھ لطيف جو روضو مائي گلان زوجہ نور محمد ڪلهوڙو حاڪم سنڌ والده غلام شاھ ڪلهوڙو (مائي گلان) جي خواهش تي اوچائي تي جوڙايو ويو هو. جڏهن شام ٿيندي هئي سج جا ڪرڻا مزار تي پوندا هئا تہ هوءَ خدا آباد (تخت گاھ ڪلهوڙا) پٽ شاھ کان 10 ڪلوميٽر اولهہ ۾ پنهنجي گهران وڏي ٿلهي تي ويهي پنهنجي مرشد جو ديدار ڪندي رهندي هئي.

1930ع ڌاري شهدادپور شهر سان واسطو رکندڙ ڀٽائي جي خاص مريد يائي خان وساڻ مرحوم روضي مٿان سون جي ست فٽ ڊگهي نيل لڳرائي، جيڪا 1940ع ڌاري روضي جو ڪم هلندي رات جو ڪوشاهينگ لاهي ڪٽي ويو. بعد ۾ ان کي پڪڙيو ويو. سينٽرل جيل حيدرآباد اندر ان کي ٻين قيدين ماري ڇڏيو ان ڪري هن مرشد لطيف جي روضي مٿان نيل چوري ڪئي هئي. بعد ۾ يائي خان وساڻ مرحوم جي فرزند جان محمد وساڻ مرحوم بمبئي کان سون آڻي پهرين کان بہ وڏي نيل روضي مٿان لڳرائي، جيڪا اڄ بہ موجود آهي. وساڻ خاندان جو قبرون اڄ بہ درگاھ جي قبرستان ۾ موجود آهن.

1957ع ۾ ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ ڀٽائي صاحب جي هڪ مريد ڳهٽي خان جوٽيجي روضي لطيف کي اتر کان هڪ ٻيو دروازو لڳرايو ۽ ان اڳيان 25 فٽ ڊگهو ۽ 15 فٽ ويڪرو ورانڊو جوڙايو. جيڪو اڄ بہ موجود آهي. اهو دروازو مڪيہ چانديءَ واري جهڙو هو. جيڪو بعد ۾ اهو ڪيدي ان جاءِ تي هڪ ٻي مريد خاص ڄام سبب علي، جيڪو ڄام ڪانيو خان جو فرزند ۽ ڄام صادق علي جو پياءُ هو. چانديءَ جو دروازو لڳرايو. جيڪو اڄ بہ موجود آهي ان جي چوگرد ڀٽائي جو مشهور بيت لڳل آهي تہ:

”جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان.“

لکيل آهي جيڪو 1392هه ۾ لکيل آهي.

1960ع ۾ هڪ صدارتي آرڊيننس ذريعي پوري پاڪستان جون وڏيون درگاهون ۽ انهن سان لاڳاپيل ملڪيتون حڪومت تحويل ۾ ورتيون. درگاهه پٺائي به انهن ۾ شامل هئي پوءِ اوقاف کاتو وجود ۾ آيو. جيڪو انهن درگاهن جي نگراني ڪري ٿو. پر محڪمي درگاهه پٺائي تي ڪو به نمايان ڪم نه ڪرايو آهي، جنهن ڪري هيءَ مزار هاڻ ڏينهون ڏينهن وچي تي زبون ٿيندي.

1999ع ۾ ان وقت جي حڪومت سنڌ هڪ قانون پاس ڪري درگاهه پٺائي کي آثار قديمه طور ورتو آهي. ان قانون ۾ ڄاڻايل آهي ته درگاهه پٺائي تان هڪ سر به پراڻي لاٿي وجي ته اتي ان جهڙي سر لڳائي وڃي، پر ان قانون تي به عمل نه ٿي رهيو آهي. جتان به ڪا سر ڪري ٿي ته اتي اڇو چن ڪيو وڃي ٿو. لکي در اندر چٽسالي جو ڪم ٿيل هو اتي به اڇو رنگ ڪيو ويو آهي. درگاهه جي مکيه وراندي جي ونگن هيٺان آرٽ ٿيل هئي، ان کي ساڳي طرح سنوارڻ بجاءِ اتي به رنگ ڪيو ويو آهي. حڪومت طرفان ٽي سال اڳ اڍائي ڪروڙ رپيا هن درگاهه جي مرمت لاءِ منظور ڪيا ويا هئا پر اهي به خرچ نه ٿي سگهيا آهن.

هن وقت روضي جي تزئين آرائش ۽ مرمت جي سخت ضرورت آهي، پر حڪومت ۽ اوقاف کاتو ڪو به توجهه نٿو ڏي، جنهن ڪري هيءَ قومي ورثو وڃي ٿو زبون ٿيندو.

## 2_ ڪراڙ ڍنڍ جي تاريخ مختلف دورن ۾

ڪراڙ ڍنڍ جو سڀ کان پهرين ذڪر خود ڀٽ ڌڻي پنهنجي رسالي جي سر سارنگ ۾ ڪيو آهي گهٽ ۾ گهٽ چار بيت اهڙا آهن، جن جي آخري سٽ ۾ اچي ٿو ته:

"وسي وارا ياسو پرئين ڪُن ڪراڙجا."

### تاريخي پس منظر:

ڪلهوڙن جي دؤر کان پهرين درياء سنڌ لکي شاهه صدر جي جبلن سان ٽڪرائجي، موجود هالا شهر مٽان وهي ڀٽ شاهه شهر وچان گذري نصرپور کان ٿيندو ميرپورخاص جو مٿيون پاسو وٺي ٿر کان ٿيندو ڪڇ پيچ وٽان وڃي

سمنڊ ۾ ڪرندو هو. ان کي ڪو به بند وغيره ڪو نه هوندو هو جتان چاهي اتان پنهنجو رستو ناهيندو هو. ان ڪري هن وڏي درياهه کي پورالو درياهه به سڏيو ويندو آهي. هن جو پيٽ به وڏو هو هڪ پاسي شهدادپور ته ٻي پاسي مٽياري شهر. هي درياهه سنڌ جو جياپو ضرور آهي، پر هن شير درياهه ڪيئي تاريخي تهذيبي ماڳ به ٻوڙي تباهه ڪيا آهن. مٿي ذڪر ڪيل وهڪري واري هنڌ اڄ به توهان ڪئين اهڙا ماڳ مڪان ڏسي سگهو ٿا. جيڪي درياهه جي تباهڪاري جو نوحو ٻڌائين ٿا. سانوڻي جي موسم ۾ جڏهن درياهه ۾ ٻوڏ ايندي هئي هالن کان مٽيان سندس وهڪرو هيبتناڪ ٿي ويندو هو. ان وهڪري موجوده ڀٽ شاهه وٽ هڪ وڏو ڪُن ناهيو. جتي پاڻي تيزيءَ سان قري زمين کي ڪاٽي اڳتي وڌندو هو. ان ڪن جو نالو رکيو ويو "ڪراڙ جو ڪُن". ڪيئن ٻيڙاهن ڪن ٻوڙيا خود ڪلهوڙن جي درالحڪومت خدا آباد کي به هن پورالي نه بخشيو آخر مجبور ٿي غلام شاهه ڪلهوڙي حيدرآباد کي وسائڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن شهر تيار ٿيو ته غلام شاهه ان کي آباد ڪرڻ لاءِ درياهه جو رخ حيدرآباد ڏانهن ڪرايو هڪ وڏو بند ڏياري ان جي تڪميل ڪئي. جڏهن درياهه جو وهڪرو حيدرآباد کان ٿيندو ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر وٽان سمنڊ ۾ ڪرڻ لڳو ته اڳيئن وهڪري وارا علائقا پڙپانگ ٿي ويا. ڀٽ شاهه شهر واري جاءِ تي هڪ وڏو دڙو واري جو نمودار ٿيو. ان جي چوڌاري پاڻي بيهي رهيو. جتي درياهه ڦاٽ مان پاڻي ايندو رهندو هو. به واهه ڪلهوڙن کوٽرايا. هڪ ڀٽ شاهه جي ڏکڻ ۾ 5_6 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي جنهن جو نالو هو "ساڱرو" ۽ ٻيو ڀٽ شاهه کان اتر ۾ ساڳئي مفاصلي تي جنهن جو نالو هو "سارنگ واهه" رکيو. انهن واهن جا ڪجهه مها اڄ به ڪٽي ڪٽي موجود آهن.

ساڱري مان هڪ ننڍو واهه ڪڍي ڪراڙ ڍنڍ کي پاڻي ڏنو ويندو هو. جنهن جو نالو "علي واهه" هو. ان علي واهه جو ۽ ڪراڙ جو ذڪر مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي مشهور ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ به ڪيو آهي جيڪو 1760ع ڌاري لکيو ويو هو. اهڙي طرح ڪراڙ ڪن جي جاءِ تي ڪراڙ ڍنڍ جنم ورتو.

ڀٽائي صاحب جڏهن 15_16 سالن جي ڄمار ۾ پهتو ته هن ڪراڙ ڍنڍ ۽ مٿان ڀٽ جو مشاهدو ڪيو. اها جاءِ لطيف سائين کي ڏاڍي وڻي ۽ اڪثر بيشتر هتي ايندو رهندو هو ۽ دل ئي دل ۾ ان کي پنهنجو مسڪن بڻائي ڇڏيو. جڏهن

شاهه سائين جي والد شاهه حبيب وفات ڪئي ته ان جي تدفين به ڀٽ تي ڪئي وئي محمود شاهه جي قبر جي اتر ۾. ان جو ذڪر پڻ "تحفة الڪرام" ۾ آيل آهي. محمود شاهه ڪير هو ان جي قبر هتي ڪيئن ٿي ان معتلق ڪا به ڄاڻ نٿي ملي. ڪراڙ ڍنڍ تي اڪثر ڪري هالا جي مخدوم صاحبن جو مال اچي پاڻي پيئندو ۽ گاهه به کائيندو هو. "تحفة الڪرام" ۾ آيل آهي ته هي علائقو هالا پرڳڻي جو حصو هو.

لطيف سائين وفات کان تقريبن 8_10 سال پهرين پنهنجي ڪٽنب سان هتي اچي مستقل طور آباد ٿيو. پوءِ هي علائقو وسڻ لڳو. وڏي پيماني تي ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي. اها ڳالهه مخدوم صاحبن کي نه وڻي ۽ ڀٽي پيغام لطيف کي انهن طرفان آيا ته هي جاءِ اسان جي آهي ان کي خالي ڪريو ته بهتر ٿيندو. مگر ڀٽائي صاحب هر ڀيري انهن کي اهو پيغام اماڻيو ته هي زمين الله ۽ انهن جي ٻندن جي آهي، ان ڪري منهنجو حق آهي ته آئون هتي رهان. ڪجهه جهڙا جهٽا به ٿيا. پر لطيف سائين هتي رهيو ۽ ان ڀٽ ۽ ڪراڙ کي آباد ڪيو. اڄ ان شهر ۽ ڪراڙ کي وڏي شهرت آهي، ان ڪري جو دنيا جو هي عظيم شاعر هتي مدفون آهي.

ڀٽ تي ان زماني ۾ واري ۽ وڏو جهنگ هو ڀٽائي صاحب ان دڙي کي هموار ڪرائي ٿلهو ناهيو ۽ ڪراڙ مان چيڪي مٽي ڪيرائي ان مٽان وڇرائي پلاننگ سان فقيرن کي وهاريو. پنهنجي لاءِ حويلي جوڙائي ۽ هڪ کوهه اتر طرف کوٽرايو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ ڪراڙ ڍنڍ ٽن طرفن کان ڀٽ کي قريل هئي. جڏهن گهڻي برسات پوندي هئي ته مٽي ڀٽ تائين پهچڻ مشڪل ٿي ويندو هو. ننڍيون ٻيڙيون استعمال ڪبيون هيون مٽي اچڻ لاءِ. انگريزن جي دور ۾ جڏهن سکر بئراج نهيو ته هڪ نهري نظام جنم ورتو. ڀٽ شاهه جي اولهه ذڪڻ ۾ نهيل "تارا شاخ" مان هن ڍنڍ کي پاڻي ملڻ لڳو ۽ ڍنڍ ڀٽ جي ذڪڻ تائين محدود ٿي ويئي ان جي ويڪر موجوده ريسٽ هائوس ڪلچرل سينٽر کان يعقوب شهيد جي قبرستان تائين هئي. ذڪڻ ڪنڌيءَ تي وسند ٻگهيو جو ڳوٺ (هاڻ ٻگهيه محلہ) ۽ اتر ۾ لطيف سائين جو روضو پير محلو ۽ شيخ محلو آباد آهي. وڏي برسات پوڻ ڪري مٽانهين کان پاڻي اچي هن ڍنڍ ۾ گڏ ٿيندو هو. جيڪو درگاهه تي اچڻ وڃڻ جا دڳ بند ڪري ڇڏيندو هو. خود شهر به ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو هو. هاڻ به ايئن آهي، وڏي مينهن پوڻ ڪري سڄي

شهر جو پاڻي ڍنڍ ۾ اچي گڏ ٿيندو آهي. 1928ع ڌاري سائين ميران محمد شاهہ مرحوم هتي اچي ڪراڙ جي اتر ۾ پوءِ اوپر ۾ لطيفي رهاڻ جو محفلون شروع ڪرايون. 1932ع ڌاري وڏي محفل ڪراڙ ڪناري منعقد ٿي، جنهن جو ذڪر رهاڻ ۾ آيو آهي. (رهاڻ جي ايم سيد جو لکيل ڪتاب آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي.) انهيءَ دؤر ۾ پهريون ڀيرو ڪراڙ ڍنڍ جو ڪجهہ ڪم ڪرايو ويو. بي ترتيب وٽڪاريءَ کي ترتيب ۾ آندو ويو ۽ ڪنارا پڪا ڪيا ويا. 1954ع ۾ جڏهن ڪلچرل سينٽر جو سنگ بنياد وڌو ويو تہ ڍنڍ جو بہ وڏي پئماني تي ڪم ٿيو. بلڊوزن ڍنڍ مان مٽي ڪڍي ان کي هموار ڪيو ۽ اڳتي هلي تارا شاخ مان هڪ واٽر ڪورس ڪڍي ريسٽ هائوس جي اتر کان پڪي وڏي نالي ڪڍي ڍنڍ ۾ پاڻي ڇڏڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

1960ع ڌاري ڪراڙ جي اتر کان ويهہ فوٽ پڪو روڊ ناهي موجوده دنبوري چوڪ وٽان پڪي چاڙهي ٺاهي درگاهہ تي پهچڻ جو رستو ٺاهيو ويو، جيڪو اڄ بہ موجود آهي سڄي ڍنڍ کي پٿرن جي پچنگ ڪرائي ويئي.

1969ع ۾ ان وقت جي ڊي سي حيدرآباد الله بخش سومرو صاحب ڪراڙ اڍنڍ کي پٿرن واري پچنگ جي جاءِ تي پڪي ۽ هموار پٽ ڏياري ان مٿان رنگين بلب لڳرايا ۽ ڍنڍ جي ٻن پاسن يعني ڏکڻ ۽ اولهہ ۾ سيمنٽ جون چار عدد ڇٽيون ٺهرايو ۽ ڪجهہ پارڪ ٺهرايا، ان جي هڪ پارڪ ۾ هڪ وقت هڪ مسجد ٻي ۾ شيخ اياز جي مزار آهي. تنهن وقت سنڌ جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل (ر) رحمان گل هو جنهن جو تعلق پشاور سان هو.

1974ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب وزيراعظم ڀٽ شاهہ ريسٽ هائوس کان ڏکڻ- اولهہ ۾ مئن جي کڏ مٿان ڀٽ شاهہ ڊولپمينٽ ڪامپليڪس جو سنگ بنياد رکيو ان منصوبي تحت ڪراڙ مٿان هڪ شاندار پل ٺاهڻ جو پروگرام هو ۽ ڪراڙ کي هڪ جديد سئمنگ پول طرز ٺاهڻ جو پروگرام ٿيل هو. ان ۾ ٻيڙين هلائڻ جو بہ هڪ جامع پروگرام رٿيل هو جيئن ٻاهر جا ماڻهو هتي اچي سڪون محسوس ڪن ۽ زيارت سان گڏ پڪنڪ ملهائين. پر افسوس جو ان تي عمل ٿي نہ سگهيو سبب هو ڀٽي صاحب جي حڪومت جو فوج طرفان تختو اونڌو ڪرڻ.

1994ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پنهنجي والد جي خوابن کي تعبير ڪرڻ لاءِ "ڀٽ شاهہ بيوٽي فڪيشن پلان" جو سنگ بنياد رکيو ان منصوبي

تحت ڪراڙ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. اوپر واري حصي ۾ ڪراڙ پارڪ ٺاهيو ويو. باقي حصي کي ڏنڊ طور برقرار رکيو ويو. ان جي وچ ۾ هڪ وڏو ڦوهارو نصب ڪيو ويو. جنهن جو پاڻي پريشر سان چاليهه فوٽ مٿي وڃي هيٺ تي ڪريو. ڀٽ شاهه ۾ پرپاسي جا ماڻهو پنهنجي ڪٽنب سان گڏجي هتي نظارو ڪرڻ ايندا هئا. پر جيئن بينظير صاحبه جي حڪومت ختم تي ته هي ڦوهارو به ختم تي ويو ان جي سنڀال ڪندڙ خود ان جو سامان به ڪٽي ويا. هن وقت هيءَ تاريخي ڏنڊ شهر اندر هڪ قتل ڪڏ جو نظارو پيش ڪري رهي آهي ۽ هڪ پنڊي فقير وانگر صدا هڻي صاحب اقتدار وارن کي چوي تي ته:

”آهي ڪو سخي، جيڪو مون کي پنهنجو اوج موٽائي ڏي“

## ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو خيال ۽ خاڪو
## عملي ڪردار ادا ڪندڙ افراد

منهنجي طرفان ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جي گولڊن جوبليءَ جي موقعي تي پڙهيل مقالي جو عنوان به مٿئين عنوان سان ملندڙ جلندڙ هو. ان ۾ سڄو مواد موجود آهي، اهو توهان وٽ پيل آهي. مون ان وقت تاج جويو کي ڏنو هو. تنهن هوندي به ڪجهه لکڻ مناسب ٿو سمجهان. هن مرڪز جو خاڪو پيش ڪندڙ ان کي عملي جامو پهرائيندڙ صرف ۽ صرف سائين ميران شاهه ٽڪڙائي هو. 1928 کان 1932ع تائين هن ڀٽ تي اچي ان جي شروعات ڪئي پهرين درگاهه تي ۽ پوءِ ڪراڙ ڪناري محفلون ڪرائيندو رهندو هو. جن اڳتي هلي ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جي شڪل اختيار ڪئي. 1954ع کان پوءِ به ائين ميران محمد شاهه لطيف سان لاڳاپيل رهيو. پر جاٽي واٽي ان مهمان شخص کي ان کان پري رکيو ويو جنهن جي شڪايت هن ”رهاڻ“ ۾ لکيل هڪ خط ذريعي سائين جي ايم سيد سان به ڪئي آهي. (ڏسو ڪتاب رهاڻ، ليکڪ سائين جي ايم سيد، ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ) سائين ميران محمد شاهه 1963ع ۾ وفات ڪئي. جڏهن ان زماني ۾ ڪلچرل سينٽر جون عمارتون جڙي راس تي چڪيون هيون ۽ محفلون عروج تي هيون. منهنجو ذاتي نه پر گهڻن جو خيال آهي ته ان مرڪز جي اڏاوت لاءِ جيڪو پيٽي صاحب ڪردار ڪيو، اهو وسارڻ جهڙو نه آهي. تنهن ڪري پيٽي صاحب، جو ذڪر ان ڊاڪيومينٽري ۾ ضرور اچڻ گهرجي. ايوب خان ٻاهر جو ماڻهو هو تنهن کي ڀٽ تي وٺي اچڻ

وارو پٽو صاحب هو. پٽي صاحب جو مطلب ۽ مقصد هو تہ گورنمينٽ کان پئسا وٺي هن مرڪز کي مڪمل ڪرائجي جنهن ۾ هو ڪامياب ويو.

باقي مواد توهان کي لطيف جي عرس تي نڪرندڙ مخزنن 1959ع کان 1967ع ملي ويندو. گولڊن جوبليءَ تي نڪرندڙ سووينئر مان بہ ملي ويندو. ان ۾ بہ ڪافي مواد آهي. منهنجو بہ مضمون ڇپيل آهي. امداد حسيني، تاج جويو، الانا صاحب جي پڙهيل مقالن مان بہ ڪافي مواد توهان کي ملي ويندو، جيڪي گولڊن جوبلي تي پڙهيا ويا هئا.

## کهڙا عملي اُپاءَ وٺجن جيئن ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي ڪارڪردگي بهتر ٿئي

منهنجي خيال ۾ ثقافت کاتي جي آفيس پهريان ڪراچي ۾ هجي، ڇو تہ راڄڌاني اتي آهي، وزير ثقافت بہ اتي آهي سيڪريٽري صاحب جي آفيس بہ ڪراچي ۾. پر ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي آفيس جلد ڀٽ شاهہ ۾ قائم ڪجي، ڇو تہ آفيس هتي اچڻ سان مومينٽ وڏي ويندي ان بعد ڇا ڪجي جو هي مرڪز پنهنجو اهو مقام ماڻي سگهي جنهن لاءِ ٺاهيو ويو ذهن ۾ اچي ويندو.

(1) ريسرچ ۽ پبليڪيشن ونگ ٺاهي وڃي جنهن تي بارا هو ڪم ٿيندو رهي.

(2) هن مرڪز کي ڀٽ شاهہ ۾ پنهنجي پريس هجي جتي ريسرچ ڪانپوءِ ان جي ڇپائي ٿيندي رهي.

(3) شاهہ سائين جو رسالو انگريزي اڙدو کان علاوه اٽالين، فرانسيسي، جرمني، چيني ۽ هندي زبانن ۾ ترجمو ڪيو وڃي.

(4) سال ۾ ميلي کان علاوه 5_6 مهيني هتي سيمينار ۽ راڳ جو محفلون ڪرايون وڃن انهن جون سيڊيون ٺاهي دنيا ۾ عام ڪيون وڃن.

(5) سنڌ جي لوڪ ادب، جنهن ۾ خاص ڪري سنڌي موسيقي جهڙوڪ، سما، ٽڪا، گيگچ، جمالو ناچ، ڏونڪن جو ناچ دودو چنيسر جي ڪهاڻي، نڙ بيت، جيڪي هاڻ ختم ٿيندا پيا وڃن انهن کي بچائجي. ڀٽ شاهہ ڪلچرل سينٽر انهن جي نشاندهي ڪري مالي مدد ڪري ۽ نئي نسل کي ان کان روشناس ڪرائجي.

(6) سنڌي ٽي وي چئنل کي ان ڳالهہ تي آماده ڪجي هو 24 ڪلاڪن جي

نشريات ۾ گهٽ ۾ گهٽ 1 ڪلاڪ صرف لطيف جي ڪلام، فڪر ۽ فلسفي لاءِ وقف ڪن، جنهن ۾ ڪلام، ليڪچر ۽ ايف جي ڊي پيش ڪيا وڃن. ايف جي ڊي ۾ ڪو به هڪ موضوع ڏئي ان تي بحث ڪرائجي.

**پنهنجي پاران تجويرون**

ڪجهه تجويزون آهن جيڪي پيش ڪريان ٿو.

1. ڀٽ شاهه لڳ لطيف سائين سان لاڳاپيل ڪجهه ماڳ مڪان آهن جن کي به محفوظ ڪيو وڃي. انهن ماڳن مڪانن جي سارسنڀال ڪلچرل ڊپارٽمينٽ ڪري يعني اهي ماڳ مڪان اداري جي نظرداريءَ ۾ هجن انهن جو انتظام پلي مقامي ماڻهو سنڀالين.

**ماڳ ۽ مڪان**

**1_ شاهه جو ڪنڊو:**

هي ماڳ ڀٽ شاهه شهر کان چار ڪلوميٽر اوپر ۾ ڀٽ شاهه- ٽنڊو آدم روڊ تي واقع آهي. هتي لطيف سائين جو چوپايو مال ٻيهندو هو. خاص ڪري ياڳناڙي (بلوچستان) جون ڳاڙهيون ڊڳيون/ ڳئون، جيڪي ڀٽائي صاحب شوق سان پاليندو هو. انهن کي ڏسڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ (پهر) ان جاءِ تي رهندو هو. هيءَ جاءِ اڄ به موجود آهي ۽ هڪ زيارت گاهه بڻيل آهي، جتي ماڻهو سڪائون ڪٽي ايندا آهن. ان ماڳ جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ ڊاڪيومينٽريءَ ۾ ذڪر ڪيو وڃي.

**2_ لال لئو:**

هيءَ جاءِ يا ماڳ ڀٽ شاهه کان ڏکڻ اولهه ۾ نيشنل هاءِ وي کان ڪنڊ ويندڙ روڊ جي اتر طرف هڪ ڪلو ميٽر تي موجود آهي. ساڱري واهه جي ڏاکڻئي ڪپ تي هي اها جاءِ آهي، جتي لطيف سائين جوانيءَ جا ڏينهن گذاريا. گرميءَ جي مند ۾ واهه جي ڪپ تي هڪ ٿلهو نهرايو هو ۽ جڏهن ڏکڻ جي هوا واهه ۾ وهندڙ پاڻي مٿان گذري ان ٿلهي تي پهچندي هئي ته تمام ٿڌي ٿي ويندي هئي. پهرن جا پهر لطيف سائين هتي فقيرن سان ويهي قدرت جو نظارو ڪري وري گهر ايندو هو. ان جاءِ تي هڪ وڏو لئيءَ جو وڻ بيٺل هو، جيڪو اڄ به موجود آهي. (سڪل حالت ۾) ماڻهو هتي پڻ سڪائون ڪٽي اچن ٿا. ان کان علاوه هڪ قتل لانڍيءَ جا به آثار آهن. مقامي ماڻهو چون ٿا ته اها شاهه حبيب

جي حويلي هئي يعني لطيف سائين جو آبائي گهر. تي سگهي ٿو اها ڳالهه سچي هجي ڇو جو لطيف جو خاندان اصل ڪان ونئي موجوده ڀٽ شاهه جي گهٽو ڪري ڏکڻ اولهه جي ويجهڙائي ۾ رهندا پئي آيا.

### 3_ لطيف جي قُبي يا مسجد

هيءَ جاءِ ڀٽ شاهه کان هالا ويندڙ لنڪ روڊ تي اڄ به موجود آهي. جتي لطيف سائين ڪجهه وقت گذاريو آهي. لطيف سائين جي جوڙايل مسجد اڄ به موجود آهي، جيڪا پڻ هڪ زيارت گاهه آهي. ان جي حفاظت به ڪلچرل کاتو ڪري ۽ ڊاڪيومينٽري ۾ ان جو ذڪر به اچڻ گهرجي.

### 4_ واگهين جي ڀٽ

هيءَ اها مشهور جاءِ آهي، جتي لطيف سائين سير سفر ڪندي هڪ جاءِ تي ويهي رهيو. تان جو مٽان واريءَ ڪيس ڍڪي ڇڏيو. شاهه سائين جو والد شاهه حبيب ڪيس ڳوليندو هتي پهتو ۽ چيائين:

لڳي لڳي واءُ، ويس انگڙا ڍڪجي.

لطيف سائين جواب ۾ چيو:

پئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرين جي.

هيءَ جاءِ سانگهڙ شهر کان ميرپورخاص ويندڙ روڊ تي ٽنڊو مٺا خان کان پنج ڪلو ميٽر اڳتي اوير ۾ اڄ به هڪ مٿانهين ڀٽ تي موجود آهي، جتي هر جمعي رات لطيف سائين جو راڳ ٿيندو آهي. ڊاڪيومينٽري ۾ ان جو ذڪر اچڻ گهرجي ۽ هن کي محفوظ به ڪرڻ گهرجي.

### 5_ جاءِ وفات يا حجرو لطيف سائين

هيءَ جاءِ لطيف جي روضي جي اتر ۾ تقريبن 300 والن جي مفاصلي تي آهي. جتي لطيف سائين زندگيءَ جا آخري ڏينهن گذاريا ۽ وفات به اتي ڪئي. هن حجري جي چوگرد هاڻ قبرستان آهي، جتي فقيرن ۽ لطيف سائين سان واڳيل ماڻهن جون مزارون آهن. هن جاءِ کي محفوظ ڪيو وڃي ۽ ثقافت کاتو ان جاءِ جي سارسنڀال لهي.

### 6_ وڏي اوطاق

هيءَ اوطاق پهرين لطيف جي حويلي هئي، جڏهن عقيدتمندن جي رش وڌي ويئي ۽ فقيرن ۾ واڌارو آيو ته شاهه سائين اها حويلي تمر فقير جي حوالي

ڪئي ۽ لنگر خانو بہ جيڪو حويلي سان لڳ هو. اوڀر طرف، اهو لنگر خانو ۽ مسافرخانو اڄ بہ وڏي اوطاق سان لڳو لڳ آهي. مزار پٺائي جي ڏکڻ طرف اوطاق جو انتظام تمر فقير جو اولاد سنڀالي ٿو. جڏهن تہ لنگر خاني ۽ مسافري جو انتظام اوقاف کاتي وٽ آهي. ان کان علاوه سيني راڳين جا دنبورا بہ اتي رکيا ويندا آهن. رجب مهيني ۾ ٽيندڙ پهرين سومار جي رات هتي وافر مقدار ۾ لنگر هلندو آهي. عام يا لوڪل زبان ۾ ان سومار کي "لڪانو سومار" چئبو آهي.

درگاهہ تي هلندڙ ريتون رسمون

1۔ سماع:

